# سچا ڪوڙا رشتا

ڪهاڻيون

## منظور ڪوهيار

ڪنول
پبليڪيشن
قنبر

انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب
وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو
www.abbaskorejo.com

انتساب

ادب جي پاجهاري
۽
شفيق شخصيت
اياز قادريءَ جي نانءُ

سناءُ

*اداري پاران
سعيد سومرو

* ڪلا سڪ جي درجي تي پهتل ڪها ڻيون
محمد علي پٺاڻ

*اعتراف
اياز قادري

*محنت جو قائل اديب
ڪليم لاشاري

*روايتي ۽ جديد ڪهاڻي
منظور ڪوهيار

## اداري پاران:

منظور ڪوهيار ـــــ سنڌي ڪهاڻيءَ جي وسيع ۽ فني ڪلاسڪي روايتن کي جديد دؤر جي گهرجن تحت نئين برش ۽ رنگن سان هڪ فخر لائق مقام تي فائز ڪري پيو.

جديد ڪهاڻيءَ جي فني گهڙت ۽ سنوار ۾ مسلسل مگن، منظور ڪوهيار جي ڪهاڻين جي نئين ڪتاب ۾ 'سچا ڪوڙا رشتا' کان وٺي 'مال ِ غنيمت' جهڙيون گهٽيون يادگار ڪهاڻيون، ڪردار نگاريءَ کان ڪلائمڪس تائين، جيتريون مضبوط ۽ مڪمل آهن، اهڙيون رچ رچنائون اڄوڪي سنڌي جديد ادب ۾ پڙهڻ لاءِ بنهہ گهٽ ملنديون.

'فراق جي منزل' مجموعي ۾ 'صوفي ڪهاڻي' متعارف ڪرائڻ کان پوءِ، منظور ڪوهيار هن مجموعي ۾ پڻ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي سفر کي اڳتي وٺي هلندي، 'فيملي ڪهاڻي' کان 'اسٽوري بائٽس/ ٻڙي اکر ڪهاڻي' جهڙا نوان ڪهاڻي ٽرينڊ تعارف طور تخليق ڪيا آهن ـ اڳتي هلي نوان ڪهاڻيڪار پڻ انهن ۾ انيڪ ٻيا فڪري پاسا نروار ڪري سگهن ٿا.

منظور ڪوهيار جيترو مختصر ڪهاڻي لکڻ جو ڏانءُ رکي ٿو، ان کان رتيون سرس طويل ڪهاڻيءَ جي لوازمات جو ادراڪ رکندڙ پڻ آهي. هو پنهنجي دؤر جي ماڻهن جي ٽٽل نفسيات ۽ زخميل احساسن جو سليس انداز ۾ ڏاهو مترجم آهي. سندس ڪيئي ڪهاڻيون، ٻوليءَ کان وٺي منظم منظرنگاريءَ تائين، فني ۽ فڪري حوالي سان ٽٻتار، عالمي ادبي اڪاٽيءَ جي مقابلي ۾ ٻنا هٻڪ جي پيش ڪري سگهجن ٿيون.

سعيد سومرو
ڪنول پبليڪيشن قنبر
poetsaeed@yahoo.com
0333-75-23132

## ڪلاسڪ جي درجي تي پهتل ڪهاڻيون

### محمد علي پٺاڻ

سنڌ جي ادبي ڦلواڙيءَ ۾ سنڌي ڪهاڻي مني صديءَ کان پنهنجي سجاڳ ڪرائيندي پئي اچي. سوين ڪهاڻيون ڪتابن جا ورق سينگاريون ٻيٺيون آهن. پر ايمانداريءَ سان ۽ وڏي ڳڻ ڳوت ڪري جڏهن اعليٰ معيار جي ڪهاڻين جي چونڊ ڪبي تہ هرويرو هنيوڇيون هٿڻ جي ضروت پيش نہ ايندي.

اِن ڏکهي سفر ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ڪجهہ نالن ۾ جڏهن کان منظور ڪوهيار جو نالو شامل ٿيو آهي تہ سچ پچ ايئن چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ محسوس نٿو ٿئي، تہ هن سنڌي ٻوليءَ جي ڪهاڻيءَ کي مٿي وٺي وڃڻ ۾ پنهنجي ڀرپور صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي.

سندس ڪهاڻين جي نئين ڪتاب 'سچا ڪوڙا رشتا' جو جڏهن جائزو وٺجي ٿو،تہ انساني سماج ۾ ٿيندڙ انتهائي قسم جي ٻي حسي جي پٽ وائکي ٿئي ٿي. ٻي ڪهاڻي 'مال غنيمت' بہ ڏوهاري ماڻهن جي ذهنيت جي هڪ ڀرپور عڪاسي آهي. جيڪا اسانجي ڀهراڙين، خاص ڪري اتر سنڌ ۾ ڪچي واري علائقي ۾ هڪ درد جو داستان آهي. 'ٽيون سبب' ڪهاڻي، اسان جي روايتي مذهبپٽي جي قلعي لاهي، ان جي داغدار چهري کي نہ صرف ظاهر ڪري ٿي. پر اِهو بہ احساس ڏياري ٿي تہ غير فطرتي انداز ڪيئن نہ ابتا نتيجا ڪڍن ٿا.

اهڙيءَ طرح سندس ٻيون ڪهاڻيون 'ساڏ'، 'راجڪرتهہ'، 'ڏوجهرن ۾ ڦاٿل زندگيون'، 'سچي ۽ لاجواب ڪهاڻي'، 'فليگ آف آنر'، 'ڏانڊيءَ جي رشتي سان ڳنڍيل پيلو پاپڙ' ۽ ننڍڙيون مختصر ڪهاڻين ۾ بہ تمام گهڻا سماجي منظر ۽ مقصد سمايل آهن.

مجموعي طور تي منظور ڪوهيار جي ڪهاڻين جي وڏي خوبي اِ ها آهي تہ ڪهاڻين جا ڪردار جيترو تفصيل گهرن ٿا، منظور اُنهن کي اوترو وڌائي ٿو. اِن ڪري هو مختصر مختصر ڪهاڻيون بہ لکي ٿو تہ طويل ڪهاڻيون بہ ....

منظور ڪوهيار جي ڪيترن ڪهاڻين جي رو ح ۾ لهي جيڪڏهن گهرائي سان ڇيد ڪجي تہ خبر پوندي تہ سندس ڪيتريون ڪهاڻيون 'ڪلاسڪ' جي درجي کي پهتل نظر اچن ٿيون، جن تي وقت جي ڌوڙ ۽ دز ڄمي نٿي سگهي.

## اعتراف

### اياز قادري

عيسائين ۾ هڪڙو رواج آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن کان گناه سرزد ٿي ويندو آهي تہ اهو 'فادر' وٽ وڃي، پنهنجي گناه جو 'اعتراف' ڪندو آهي. جيڪڏهن محبت ڪرڻ گناه آهي تہ اعتراف ٿو ڪريان تہ آءٌ منظور ڪوهيار سان سندس ڪهاڻين جي ڪري محبت ڪندو آهيان. مونکي منظور جون ڪهاڻيون ڏاڍيون وڻنديون آهن. مون جڏهن بہ سندس ڪهاڻيون پڙهيون يا ٻڌيون تہ محسوس ڪيو تہ منجهس ذهانت ، ادراڪ ۽ مطالعو آهي. سمجهندو هيس تہ اڳتي هلي هو ڪهاڻين جي حوالي سان سنڌي ادب ۾ هڪ اهم جاءِ والاريندو. سندس مشاهدو ۽ ٻولي تہ مون کي خمار ڏيئي ڇڏيندا آهن.

جڏهن بہ اسان عام طرح ڪهاڻيءَ تي غور ڪندا آهيون تہ رواجي طور تي اهو سوچيندا آهيون تہ منجهس پلاٽ هجڻ گهرجي، ڪردار هجڻ گهرجن، گفتگو هجڻ گهرجي، صاف سٿري ٻولي هجڻ گهرجي ۽ مقصد هجڻ گهرجي. پر ڪن جي خيال ۾ پلاٽ ۽ ڊائلاگ جي بہ ضرورت ناهي، پر ڪهاڻي ۾ ڪهاڻي پٺو ۽ مقصد هجڻ گهرجي. ڪي چون ٿا تہ ڪهاڻي زندگيءَ جي ويجهو هجي يا ان جو حصو هجي، ان ڪري ڪهاڻيءَ جي مختلف وصفن جي تحت مختلف اندازن ۾ ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. منهنجي خيال ۾ بنيادي ڳالهہ اها آهي، جيڪا پڙهندڙن کي پاڻ سان وٺي هلي ۽ مٿانس هڪ طاقتور اثر ڇڏي . جيڪڏهن ڪهاڻي پڙهندڙن کي ساڻ ڪنيون هلي ٿي ۽ اثر ڇڏي ٿي تہ ڪهاڻيڪار ڪامياب، نہ تہ ناڪام. ڪهاڻي جيڪا اثر انگيز هوندي ، اهائي ياد رهندي . باقي نہ تہ ذهن جي پٽي تان ميسارجي ويندي. اوهان دنيا جي وڏن وڏن ڪهاڻيڪارن کي پڙهيو هوندو، پر سندن اهي ڪهاڻيون ياد رهيون هونديون، جن اوهان تي اثر ڇڏيو هوندو ۽ سٺي ڪهاڻيءَ جي اهائي ڪسوٽي آهي تہ پرپور تاثر ڏي ۽ حافظي ۾ رهي.

منظور جون سيئي ڪهاڻيون، ڪٿي نہ چوان، پر گهڻيون ڪهاڻيون پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي ساڻ ڪيون هلن ٿيون ۽ آخر ۾ هڪ پرپور تاثر ڇڏين ٿيون.

'ساڌ' ڪهاڻي جنهن تي ڪيترن ٻين دوستن بہ لکيو آهي، سچ اهو آهي تہ اها ڪهاڻي، سنڌي ادب جي سٺين ڪهاڻين منجهان هڪ آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾، اوڏ ڪميونٽي تي گهري نظر وجهندي، هڪ ننڍڙي واقعي کي ڪٿي 'نيڪي ۽ بدي' جي فلسفي کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ اهو بہ ٻڌايل آهي تہ چڱو مڙس ٿيڻ آسان ناهي، جي ٿجي تہ پوءِ ٿي ڏيکارجي. هن ڪهاڻيءَ جي وڏي ۾ وڏي خوبي ان جو ماحول آهي، جيڪو ليڪڪ فنائتي نموني چٽيو آهي. منظر نگاري، ڪردار نگاري بہ پنهنجي فطري وهڪ ۾ هن ڪهاڻيءَ اندر نظر اچي ٿي. ٻولي ۽ تشبيهون ڪهاڻيءَ جي حسن کي ويتر وڌائن ٿيون.

*

## محنت جو قائل اديب

### ڪليم لاشاري

افساني کي 'ننڍي ڪهاڻي' سڏيو وڃي ٿو. علم و ادب جي دنيا ۾ ان جي اها ئي سڃاڻپ آهي. 'ننڍي ڪهاڻي' نالي پوڻ سان ڪيس ڪو فائدو پهچي يا نہ، ڪيس هڪ نقصان ضرور پهتو آهي، گهڻا ماڻهو 'ننڍي ڪهاڻي سمجهي ان صنف جي ادبي حيثيت کي پڻ گهٽ وقت ڏيڻ جا روادار ٿيا آهن.

ناول بيشڪ ادب جي هڪ تابندهہ صنف آهي، جنهن پنهنجي اندر لکل سچائين ۽ ان سان لاڳو ٻين سببن ڪري دنيا ۾ لامحدود حيثيت ماڻي آهي، اڄوڪي دنيا جي معتبر ناول نگارن جي وقار جو مک سبب انهن جي حقيقت نگاري جي بي انتها قوت آهي، اهوئي سبب آهي تہ ناول جي ان هڪڙي خصوصيت ان کي 'حيران ڪندڙ' حيثيت ڏياري هئي. ناول جي معجزاتي تاثر سبب اهو داستان، قصي ۽ ڪٿا کان عليحده ۽ ارفع هڪ شئي سمجهي وئي.ان ڪري ئي ان جو نالو 'نئين ۽ انوکي شئي' (ناول) پئجي ويو.

ائين جديد ادب جو ڏاڍو پيدا ٿي پيو، پر جئين روايت آهي تہ ڏاڍو گهڻو وقت اڪيلو نہ رهيو. ان جي ڪُکِ پاسيراٽي مان ڏاڍي حوا افساني جي صورت ۾ پڻ تخليق ٿي.

افساني جي خمير ۾ ڏاڍي آدم جي حقيقت نگاري بدرجہ اتم موجود ٿئي ٿي، پر ساڳئي ئي وقت حوا واري رومانويت ئي ڪيس سندس حقيقي حسن بخشي ٿي.

ڪلاسيڪل افسانوي جي اها صورت اسان کي منظور ڪوهيار جي افسانن ۾ باظابطا طور تي نظر اچي ٿي. اڄوڪي سنڌي افساني ۾ هوئنن ته منظر نگاري جي حوالي سان معياري نثر جي کوٽ هرگز ناهي پر اهڙا کي چند افسانا هوندا جن ۾ بيان ۽ ڪلام ٺيٺ مقامي ۽ لاڳاپيل محاوري ۾ ادا ٿيل هجن.

افساني جي زبان ته سنئين سڌي سنڌي ڇئبي پر هر جڳهه ۽ هر پاسي جي ٻولي ۾ فرق ملي ٿو. ڳالهائڻ ۾، ادائگي ۾ ته فرق آهي ئي پر معنائن ۽ مفهومن جو ڦيرو مزيدار آهي. هر هنر جو وکر پنهنجو، هر ڪرت جو استعارو جداگانه ۽ هر شريعت ۽ طريقت جو محاورو يگانا آهي، جڏهن ته ڪهاڻي ڪنهن هڪ ماحول ۾ سرجي ٿي ته ان جي ٻولي پڻ ان ماحول مان ئي هئڻ گهربي آهي.

منظور ڪوهيار جي اها قابليت آهي ته هن هر ماحول کي موزون زبان سان ادا ڪيو آهي. جڏهن اوڏن جي وسندي ۾ ڪنهن واقعي جنم ورتو آهي ته انهن جي سماج جي هڪ مڪمل تصوير اکين آڏو اچي وڃي ٿي، اڳ ۾ به اسان وٽ اوڏ چند افسانن جو موضوع بڻيا آهن، پر لاڳاپيل ٻولي نه هئڻ ڪري ۽ ماحول جي حقيقي تصوير ڪشي نه ٿيڻ سبب سنڌن سماجي تعلق ۽ عمومي اٺاويني مزئي اکين کان اوجهل رهي آهي.

’مال غنيمت‘ انهن سپني پراڻن مثالن کان جدا هڪ اهڙي ڪوشش آهي جنهن جي پڙهڻ سان اهڙي ڪا به تشنگي نٿي رهي، ڪڇي جي ڏوهارين جو اٺڻ ويهڻ ،کائڻ پيئڻ، سئنوڻ وسوسا مطلب ته سنڌن سماج جي پوري تصوير افساني جي پسمنظر ۾ موجود رهي ٿي ۽ انهيءَ ’حقيقي فريم ورڪ‘ ۾ ڪهاڻي پلجي وڏي ٿئي ٿي ۽ پنهنجو جوين ڏيکاري ٿي. حقيقت نگاريءَ جو اهو اعليٰ مثال هڪ اعليٰ افساني ۾ ڪيئن ٿو ڍلجي اهو هڪ جداگانه ڪمال آهي. اديب جيئن ته سماجي نفسيات کي هڪ علم طور پڙهندا آهن، ان ڪري اڪثر انهن جي نظرن آڏو اها حقيقت پنهنجن مختلف روپن ۾ بيٺل هوندي آهي، پنهنجي ان مشاهدي کي عام تائين پهچائڻ لاءِ، اهي پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ تي مجبور ٿيندا آهن.

جنسي حوالي سان روا بندشون، عام صحتمند رجحانن جي پيداوار ۾ رڪاوٽ آهن، نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ’غير معمولي افعالن‘ جو ذڪر ڪيترن افسانن جو موضوع رهيو آهي. ’ٿيون سبب‘ ان موضوع تي هڪ ڀرپور افسانو آهي، جنهن جي ٻي انتها حقيقي سيٺ تي، جيئري جاڳندي زندگي ۾، اسان جي اکين آڏو جڏهن اهو ڪيڏ ڪيڏيو ويو ته نه صرف غير صحتمند جنسي رجحانن جي خمير جي خبر پئي بلڪ يقين به ٿي ويو ته اصلاح لاءِ اسان اڃان تائين ڪو جوڳو انتظام ڪرڻ لائق به ناهيون.

ان افساني جي ٻولي، ماحول جي ڪيفيت کي وڏي سولائي سان سمجهڻ لائق بڻائي ٿي. ’جهان گمگشته‘ جي هڪ صورت اکين آڏو اچي ٿي. اڄوڪي پڙهيلن لاءِ مدرسو هڪ نئين ڳالهه آهي پر ڪوهيار مدرسي جي ماحول ۽ ان جي شب و روز جو ذڪر نفيس مزاح سان جنهن رواني سان ڪري ٿو اها سنڌس هنر ۽ علم جو ڏاڪو ويهارڻ لاءِ ڪافي آهي.

منظور ڪوهيار پاڻ تعليم ۽ ڪرت جي لحاظ کان سماجي علم جو ماهر ڄئجي. هن يونيورسٽي ۾ ۽ عام زندگي ۾ هميشه سماج جو مطالعو جاري رکيو. هن فرد جي عمل کي سماجي روين جي ڪسوٽي تي پرکيو آهي ۽ سماجي چرخي کي فرد جي ٻل تي ڦرندي جاچيو آهي. هو سماجيات جي ماهرن جي نظرن کي ماٺهن جي لوڏ ۾ ڳولهي ڪڍي ٿو . اهڙي طرح هن جون ادبي ڪاوشون پڙهندڙن کي گهري نظر عطا ڪن ٿيون. لکت ۾ محنت جو قائل هي اديب، ادب کي امير ۽ ٻوليءَ کي سرهو ڪندو نظر اچي ٿو. اميد ته ڳوٺاڻيءَ زندگيءَ سان سندس ويجهڙائپ اسان جي ٻوليءَ کي روايتي رستن کان ٻهراڙيءَ جي انيڪ پيچرن تي وٺي ويندي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪرت ۽ احساس جي ترجمانيءَ جو هڪ نئون بندوبست ممڪن ٿي ويندو.

*

## روايتي ۽ جديد ڪهاڻي

اسان وٽ روايتي ڪهاڻي ۽ جديد ڪهاڻيءَ جو جڏهن بحث ٿيندو آهي ته، ايئن لڳندو آهي، ته ڄڻ روايتي ڪهاڻي ۽ جديد ڪهاڻيءَ فني ۽ خيال آرائيءَ جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان الڳ ٿلڳ يا مخالف آهن. ۽ جڏهن اسان وٽ ڪهاڻي ۽ افساني تي بحث ٿيندو آهي ته به ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڪهاڻي ۽ افساني ۾ ڪو زمين ۽ آسمان جو فرق آهي.

جڏهن ته ائين ناهي. تهذيب ۽ تمدن، ثقافت ۽ معاشرت جي تسلسل جو نالو روايت آهي. روايت ڪا جامد شئي ناهي، پر زندگيءَ جو هڪ اهڙو تخليقي سلسلو آهي، جيڪو هڪ نسل کان ٻي نسل تائين منتقل ٿيندو رهي ٿو.

ادبي اصطلاح جي حوالي سان به روايتي نظم ۽ نثر پنهنجي ڪلاسيڪل هيئت ۽ حيثيت جي حوالي سان هڪ اهڙو ادبي ورثو آهي، جيڪا اسان جي ادبي عمارت جي پڪي پيڙهه جيان آهي. جدت يا تجربي کي روايت جي مخالف سمجهيو ويندو آهي. ا ڄ جو روايتي انداز، ماضيءَ جو تجربو ته آهي،

جنهن ڪي اسان جدت سڏيون ٿا.

اِن ڪري روايت جي روايت ڪي برقرار رکڻ هڪ سُٺي روايت آهي ۽ جيڪو اديب ادب جي روايت کان پلي پت واقفڪار هوندو آهي، اُهوئي ادب کي نوان لاڙا ۽ نوان انداز ۽ تجربا ڪري ڏئي سگهندو.

ڪهاڻيءَ جي لکت جي حوالي سان، جيڪو اسان وٽ تاريخي ثبوت آهي، سا آهي، مصري ڪهاڻي ’ٻڌل ٻيڙو‘ - جيڪا چار هزار هڪ سئو سترنهن ورهيه پراڻي پاپائرس (مصر جي نيل نديءَ جي پر ۾ ٿيندڙ گاهه مان ٺهندڙ ڪاغذ) تي لکيل آهي.

جيڪڏهن فني نقطئه نگاهه کان اُن تي نظر ڊوڙائبي ته اندزو ٿيندو ته ڄڻ هي ڪهاڻي ’هومر‘ جي تصنيف ’او ڊيسي‘ يا ’سند باد جهازي‘ جو بنياد آهي. اهڙيءَ طرح ’هيلن آف ٽراءِ‘ ۽ ’سنڊريلا‘ جهڙيون ڪيئي ڪهاڻيون مصر ۾ هلندڙ هيون، جيڪي پوءِ تراشجي ڪراشجي نئين انداز ۾ لکيون ويون. هم جنسيت جي حوالي سان به پهرين ڪهاڻي مصر مان هٿ آئي، جيڪا به اندازن چار هزار سال پراڻي آهي، جيڪا فرعون ’نفرڪارا‘ ۽ ’جنرل سس نت‘ جي جنسي تعلقاتن متعلق آهي. ’خوش بيان هاري‘ به اندازن پوڻا چار هزار سال پراڻي لکيل آهي، جنهن ۾ ’شور‘ جي واديءَ ۾ رهندڙ هڪ هاري بابت آهي. اُهو پنهنجو اَن گڏهه تي ڪٽي جڏهن شهر وڃي ٿو ته هڪ سرڪاري ملازم هاريءَ جي گڏهن تي اَن سودو قبضو ڪري ٿو ۽ هاري اُن جي خلاف جڏهن سرڪاري آفيسر يا منتظم اعليٰ کي دانهن ڏئي ٿو ته هو ٻڌي اڻ ٻڌي ڪرڻ لڳي ٿو. اُن تي هاري ڪڏهن ڪيس ايلاز مصاف ڪري ٿو، ڪڏهن ڪيس ديوتائن کان ڊيڄاري ٿو ته ڪڏهن ڪيس سِڏيون ٻڌائي ٿو - هيءَ ڪهاڻي جهڙوڪر اشتراڪي ادب جو بنياد آهي. هيءَ ڪهاڻي خوبصورت زبان ۽ جديد جذبن ۽ تصورن جو اظهار آهي. ان جا ڪجهه جملا هتي به پيش ڪجن ٿا، ته جيئن پڙهندڙ به حظ حاصل ڪري سگهن.

هاري (رنسي) فرياد ڪندي چوي ٿو:

’اي منتظم اعلي .....! منهنجا آقا .....!

تون پنهنجي درٻارين سان گڏ آسمان تي فرمان روا (سورج ديوتا) وانگر آهين. تمام ماڻهن جي ضرورت تون پوري ڪرين ٿو. تون ڪچو ٻوڙيندڙ آهين. تون هاپي (درياهه نيل جو ديوتا) جيان آهيان، جيڪو چراگاهن کي سرسبز ڪندو آهي. ويرانن کي آباد ڪندو آهي. مهرباني ڪري رهزنن جو سد باب ڪر، غريب ماڻهن جي حفاظت ڪر. فريادي کي مايوس نه ڪر. موت کان پوءِ ايندڙ زندگيءَ کي ڌيان ۾ رک. طويل زندگيءَ جي تمنا رک. جئين چوڻي آهي ته انصاف ڪرڻ، نڪ مان ساهه کڻڻ مثل آهي.‘

پر جڏهن ساڻس انصاف نٿو ٿيئي ته ڪيس ڪتيون ٻڌائي ٿو:

’اي منتظم اعلي .....! منهنجا آقا .....!

ماڻهو حرص جي ڪري اونڌي منهن ڪرندا آهن. لالچي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ناهن ٿيندا. انهن کي صرف ناڪامي ئي نصيب ۾ ملندي آهي. سچ چوانءِ ته تون وڏو لالچي آهين. ليڪن توکي ان لالچ مان ڪو فائدو حاصل نه ٿيندو. تون لٽيرو آهين ...! مگر اهو ڪم تنهنجي لاءِ سود مند ناهي ... جيڪو ا ڄ معزز آهي، اُهو سڀاڻي مفلسيءَ جو شڪار ٿي سگهي ٿو. ڏس، آءٌ فرياد ڪيان ٿو، پر تون ڪجهه ٻڌين ئي نٿو. هاڻي مان هليو ويندس ۽ اُپنو (موت جي ديوتا) وٽ وڃي فرياد ڪندس. بس تنهنجو منهنجو فيصلو اُهو ئي ڪندو.‘

جڏهن هاري ٻاهر وڃي ٿو ته منتظم اعليٰ کي پئو ٿئي ٿو اُهو آخر ڪار ڪيس اَن سودو گڏهه واپس ڪرائي ٿو.

سعادت حسين منٽوءَ پنهنجي ڪتاب ’لذتِ سنگ‘ ۾ ’ڪسوٽي‘ جي عنوان سان، نئين ادب جي تشريح پنهنجي دلچسپ انداز ۾ هن ريت ڪئي آهي:

’هي زمانو نون سورن ۽ نون دردن جو زمانو آهي. هڪ نئون دور، پراڻي دور جي پيٽ کي چيري ڦاڙي ٻاهر نڪري ٿو. پراڻو دور موت جي صدمي کان روئي ٿو، نئون دور زندگيءَ جي خوشيءَ وچان رڙيون ڪري ٿو. ٻنهي جون نڙيون پريل آهن. ٻنهي جون اکيون نمناڪ آهن. اُنهيءَ پريل نڙين ۽ اکين ۾ اديب پنهنجو قلم ٻوڙي لکي ٿو. نئون ادب ڇا آهي ......؟ زبان اُها ئي آهي، صرف لهجو بدليو آهي. در اصل اُن بدليل لهجي جو نالو نئون ادب ، ترقي پسند ادب، فحش ادب يا مزدور پرست ادب آهي.‘

روايتي ڪهاڻيءَ جي استادن جو چوڻ آهي ته، روايتي ڪهاڻيءَ لاءِ ضروري آهي، ته اُن ۾ ستن عنصرن ’پڪدوطما‘ جو هجڻ ضروري آهي. يعني ’پ‘ مان مراد ’پلاٽ‘ - ’ڪ‘ مان مراد ’ڪردارنگاري‘ - ’د‘ مان مراد ’ڊائلاگ (مڪالما) - ’و‘ مان مراد ’واقعا‘ - ’ط‘ مان مراد ’طرزِ تحرير (اسلوب) - ’م‘ مان مراد ’مرڪزي خيال (مقصد) - ’ا‘ مان مراد ’اختتام‘ - هجي.

۽ هيئت جي حوالي سان روايتي ڪلاسيڪل ڪهاڻي اُها سمجهي ويندي رهي آهي، جيڪا گهٽ ۾ گهٽ هزار لفظن تائين ۽ وڌ ۾ وڌ ست هزار لفظن تائين مشتمل هجي. اُن جي شروعات دلچسپ يا حيران ڪن هجي. ڪهاڻي جيئن اڳتي هلي ته ڪو مسئلو نمودار ٿئي. مسئلي کي حل ڪرڻ يا رڪاوٽ وجهڻ وارا نيڪ يا بدڪردار ظاهر ٿين. ڪهاڻي هلندي پهريان ننڍا مونجهارا، پوءِ ٿورا وڏا مونجهارا ۽ آخر ۾ هڪ وڏو مونجهارو پيدا ٿي وڃي ۽ پوءِ ڊرامائي انداز ۾ اُن ڪهاڻي جو خاتمو ٿئي، جيڪو چرڪائيندڙ هجي.

روايتي ڪهاڻي جي حوالي سان ڪهاڻي جا استاد هڪ چارٽ، هيٺين ريت ٿاهي پيش ڪن ٿا.

شروعات Beginning

مسئلو Problem

ننڍڙو مونجهارو sub crisis

معمولي ، ڪي غير معمولي بہ ٿي سگهن ٿا، ڪي اجايا ۽ ڪي سجايا بہ ٿي سگهن ٿا.

جيتري قدر روايتي ڪهاڻين جو تعلق آهي، تہ روايتي ڪهاڻي جي حيثيت بنيادي آهي. ڇو تہ اُن ۾ ڪهاڻيءَ جا سيئي جزا، يعني پلاٽ، ڪردار نگاري، مڪالما، مقصديت، ٻولي ، عبارت ۽ منظر نگاري ، ليکڪ جي فني ۽ عملي صلاحيت جي ڪسوٽي بڻجن ٿا. ان ڪري دنيا جون هن وقت بہ ڪلاسيڪل ۽ عظيم ڪهاڻيون اُهي ڄورائجن ٿيون، جيڪي روايتي انداز ۾ لکيل آهن. مثلن، اليگزينڊر پشڪن جي ’ڪپتان جي ڌيءَ‘، اناتولي گوگول جي ’اوور ڪوٽ‘ ، تر گنيف جي ’آسيہ‘ ، ٽالسٽاءِ جي ’آئيوان ايلوچ جو موت‘، چيخوف جي ’وارڊ نمبر 6‘، موپاسان جي ’لڏندڙ پن‘، ڪافڪا جي ’ميٽامارفسس‘، ارنيسٽ هيمنگوي جي ’موت جو ڊپ‘، گورڪي جي ’26 ماڻهو ۽ هڪ ڇوڪري‘، گارشيا مارڪيز جي ’وڏي امڙ جو جنازو‘ ، ادورد الخراط جي ’چئن ديوارن ۾‘ــ اهڙي طرح اردو ۾ منشي پريم چند جي ڪهاڻي ’ڪفن‘ ، سعادت حسين منٽو جي ’ٽوبہ ٽيڪ سنگهہ‘، غلام عباس جي ’آنندي‘ وغيره ـ سنڌي ۾ امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ کان وٺي، اياز قادريءَ جي ’بلو دادا‘، جمال ابڙو جي ’پشو پاشا‘، امر جليل جي ’سرد لاش جو سفر‘ کان وٺي نسيم کرل جي ’ڪافر‘ تائين، وغيره، سڀ ڪهاڻيون روايتي انداز ۾ لکيل آهن.. ان ڪري ڪهاڻيءَ جي هڪ سٺي ليکڪ لاءِ اهو ضروري آهي، تہ هو، پهريان روايتي ڪهاڻي ڪي سمجهي ۽ پوءِ ڪهاڻيءَ جي جديد لاڙن تي طبع آزمائي ڪري.

گهڻا ماڻهو ڪهاڻيءَ کي صرف لکت تائين محدود ڪن ٿا، جڏهن تہ هزارن سالن کان وٺي، جڏهن کان ٻوليءَ جو وجود عمل ۾ آيو آهي، تہ ماڻهو هڪ ٻئي کي ڪهاڻيون ٻڌائيندا اچن ٿا. ا ڄ بہ چانهہ جي ماندڻين/هوٽلن تي، آفيسن/گهرن ۾، تعليمي ادارن ۾، ڪهاڻي، گلا غيبت، ڏک سور اورڻ واري انداز ۾ هلندي رهي ٿي. مذهبي ماڻهو جيڪڏهن عبادت گهرن ۾ عيسيٰ، موسيٰ، رام ، ڪرشن، گوتم ٻُڌ ۽ مها وير جا قصا ماڻهن کي نہ ٻڌائي ريجهائن تہ جيڪر اِهي سڀ عبادت گاهون ويران ٿي وڃن.

ان ڪري ڪهاڻي جيڪا آکاڻي، داستان، قصي، ناول، ڊرامي، دبستان، ڪٿا، حڪايت، وياکياڻ يا افساني جي صورت ۾ موجود آهي، اُها ڪڏهن بہ انساني معاشري مان ختم ٿي نہ ٿي سگهي.

ڪهاڻيءَ ۾ انساني احساس بدرجہ اتم موجود آهن، ان ڪري ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ انساني احساسن جي آسان ترجمان ڪهاڻي آهي. ان ڪري ڪهاڻي ايستائين ختم ٿي نہ ٿي سگهي، جيستائين ٻولي موجود آهي ۽ ٻولي ايستائين ختم ٿي نہ سگهي، جيستائين انساني معاشرو موجود آهي. ڇو تہ انساني معاشري جي وجود جو هڪ سبب اظهار ذات Self expression آهي.

ڪهاڻيون روايتي هجن يا غير روايتي، هلنديون رهنديون. بقول ڪنهن مشهور نقاد جي:

We speak of stories ending, When in truth, it is we an end. The stories go, on and on.

’جڏهن اسان ڪهاڻين جي خاتمي جي ڳالهہ ڪيون ٿا، سچ پچ تہ اسانِ پنهنجي خاتمي جي ڳالهہ ڪيون ٿا، ڪهاڻيون تہ هلنديون رهنديون، هلنديون رهنديون.‘

ان ڪري اسان کي روايتي يا غير روايتي ڪهاڻيون لکڻ گهرجن. ٻاهرين واقعن ۽ اندر جي احساسن کي سلهاڙي پنهنجي نفسياتي تاريخ رقم ڪرڻ گهرجي. ڇو تہ هڪ قوم هجڻ لاءِ هاڻي نہ صرف زمين، تاريخ، ٻوليءَ ۽ ثقافت جو هجڻ ضروري آهي، پر ادبي تسلسل جو هجڻ بہ ضروري آهي. ۽ اهو ادبي تسلسل اسان وٽ جاري ۽ ساري آهي، جي ائين نہ هجي ها تہ مون کي اياز قادري، رسول بخش پليجو، ڪليم لاشاري، پروفيسر محمد علي پٺاڻ، ڄام جمالي، ۽ ٻالاچ حسين جي خوبصورت لفظن ۾ پذيرائي هرگز حاصل نہ ٿئي ها.

۽ نہ اُهو پيار پريو پاڪر نصيب ٿئي ها، جيڪو مون کي 1 جنوري 2009ع تي، آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچيءَ ۾، اڪادمي ادبيات پاڪستان جي طرفان منعقد ٿيل رائٽرس ڪانفرنس دوران سنڌ جي پِرٻِيڻ ڪهاڻيڪار امر جليل وڏو هو. مون ائين محسوس ڪيو هو، ڄڻ منهنجي اندر جي مرجهايل گلن کي سدا بهار ڪري جهومائي ڇڏيو هيائين. يا ڄڻ ادبي مرشد، پنهنجي طالب جو سينو پُرنور ڪري گهڻو ڪجهہ ڇيو هجي، جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪجي تہ ڪري نہ سگهجي، صرف اهو محسوس ڪري سگهجي تہ، ڄڻ هڪ سرجڻهار جي صدين جي صدا يا سنيهو، هڪ دل کان ٻي دل ۾ منتقل ٿيو هجي.

اُنهن نوجوان اديبن کي نہ سارجي تہ زيادتي ٿيندي. خاص ڪري سهڻي ۽ سيبتي اديب **عباس ڪوريجي** کي، جنهن منهنجي ڪهاڻين جي پروفن کي پنهنجي نظر مان ڪڍيو.

باقي رهيو **سعيد سومرو**، تہ اُن، مون جهڙي روايتي سست کي، چست ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، جو ڪنول پبليڪيشن جي طرف کان منهنجو هي ٿيون ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي.

نوجوان **جنيد فاروقي** بہ جس ڪرو آهي، جنهن ’فڪر ڦرهي هٿ ۾‘ ڪتاب جو ٽائيٽل بہ ٺاهيو، تہ هن ڪتاب جو ٽائيٽل بہ ٺاهي ڏنائين.

آءٌ تہ پنهنجي سيني بزرگ دوستن، هم عصرن ۽ نوجوانن کي صرف شاهہ لطيف جو هي بيت ئي پيٽا طور تي پيش ڪري سگهان ٿو.

هنجن سي هيڪار، جي ٻڙ ڪري نهارين
تہ ٻگهن ساڻ پيهار، پيلهہ نہ ٻڌين ڪڏهين.

**منظور ڪوهيار**
3056 – A ، گلشن حديد

فيز – 2 ، ڪراچي

PH: 03433629448

## مال غنيمت

استاد مٺل چڱو ڀلو هو. معمول مطابق رات جو ٻارنهن وڳي پنڪچر جو دڪان بند ڪري گهر پهتو. هٿ منهن ڌوئي اچي کٽ تي ويٺو. جوٽهس چانور ۽ پٽاٽا اڳيان آڻي رکيس.ڪائي ڪير جو وٽو پي، اوڳرائي ڏئي، ليٽيو مس تہ اوچتو سيني ۾ سور جي سٽ اُپريس. دانهن ڪري چيائين:

’نصيبان الائي ڇا ٿو ٿئي!؟‘جيستائين نصيبان پاڙي جي ڊاڪٽر(ڪمپائونڊر) ڏي پڳي، وٺي آئي، تيستائين ساهه نه ٿو ڏنو نه مون ڏنو.

سڄو پاڙو صبح سان اٿلي پيو. استاد مٺل جي سڀ سان ٻانهن ٻڌڻ واري واٽ هئي. ڪنهن سان ڏند اگهاڙي نه ڳالهايائين، نه ڊيگهه رکيائين. ڪم سان ڪم رکڻ وارو شخص هيو. جنهن ٻڌو سو لڙي آيو.

ڪفن دفن کان پوءِ پاڙي وارن ، پردي پٺيان مائي نصيبان سان عذر خواهي پئي ڪئي ۽ پڇيو: ’ادي پلا، پائو مٺل جو ڪو مٽ مائٽ ....؟‘

’نه ادا، الله کان سواءِ ٻيو ڪو به نه ... باقي ٻڌائيندو هيو ته دادو ڪئنال کان پريان سندس مٽ مائٽ رهندا آهن.‘

نصيبان کي مڙس جي مرڻ کان وڌيڪ غم هيو ته پٺاڻي اولاد نه هئڻ جو. اولاد هئي به ته چار ڌيئون. جن ۾ به سامائل هيون ۽ ٻن جا ارهه انبوريا پئي.

ائين سڌ ٻڌ تي، استاد مٺل جي ڪنهن سؤٽ کي خبر پئجي وئي ته ان هڪ ڏينهن اچي نڪاءُ ڪيو. همراهه دو دستو ۽ حوالي هيو. نالو اڪرم هيس. نصيبان جا آٽتن سان پلو پري چڏيائين. ’تون اسان جي پيڻ آن ... هتي ڪا تڪليف هجئي ته ڳوٺ تنهنجو پنهنجو آ .... ٻي ڏرڪ هلي اچجانءِ، جمعي جي وانڊ ...... انُ پاٽي الله جو آهي، مٺان ڪو حجاب ڪيو ٿئه.‘

بي واهي نصيبان کي آسرو ٿي پيو. ڪو ته آهي دنيا ۾ مٺل جي آکهه ڪي، دم دلاسي ڏيڻ وارو، نه ته ڪيس ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪاڏي وڃي، ڪئين ڪري ...!؟

جيئن تيئن عدت وارا ڏينهن گذري ويا. انهيءَ دوران مٺل جو پنڪچر وارو دڪان به کپي ويو، جو مٺل جي شاگردن حساب ڪتاب ۾ کپت پئي ڪئي. نصيبان ويهي جو ليکو چوکو ڪيو ته گهر ۾ ٿي چار هزار مس پيا ها. ڪٽي جو چؤڦير نظر ڦيرايائين ته پاڙي جا لچ لفنگا، جن کي مڙسنهس هوندي، گهٽيءَ ۾ ٻيهڻ جي همٿ نه هئي، سي در ڪان ٻاهريان ٽينگريا بيٺا ها. ڌوتين، دلالن اچڻ شروع ڪري ڏنو هو. پڪل ٻير هجي ۽ ڪو اوهي واهي نه هجي ته ايندڙ ويندڙ کي پلا کهڙو پئو پولو چاپڙ هٽڻ ۾. نيٺ سمجهي وئي ته اها روز روز جي چاپڙ، سروٿو ، پتر ڪجهه نه ڪجهه ڪري وجهندو. خبر ناهي ته پوءِ پرنئين ڪجهه ٿي پوي .......!؟ زائفان ذات، جيڪا گهر جي چائنٺ اورانگهيندي به ججهي، سو کهڙا منهن مقابلا ڪندي ۽ سينو ساهيندي زماني سان.

پنهنجي پٽ ورائي ڏٺائين ته پٺيان ڪو به اوهي واهي نظر نه آيس. اهو سهو هيا به، ته رياست (خيرپورميرس) واري پاسي ڏانهن، جن کي ڇڏي سندس ماءُ پيءُ ڪي ٿي ورهيه ٿيا ها. هاٽي، اهي ماءُ پيءُ ئي نه رهيا ته کهڙو نانءُ نشانبر ڪري وڃي پهچي. نيٺ انهيءَ ڳالهه تي وڃي پهتي ته ، وري به مڙس جي اڱن سڱن ڏانهن منهن ڪري ته بهتر آ.

اڪرم جي ٻڌايل ڏس پتڌ تي، چارئي ڌيئرون ساڻ ڪري گهر جو ٿورو ٿڪو قيمتي سامان بيگ ۾ پري، گهر کي هفتي ڪن لاءِ پاڙيوارن ۽ الله جي آسري تي ڇڏي نڪري پئي.

پير شير، شهر کان اوپر ۾، پنج ـ ڇهه ڪلو ميٽر ڪن پري هيو. پير شير تائين هڊ لڳل سوزڪي ڪيئري ۾، پنج روپيه في ماٽهو ڪرايو ڏيئي، پهچڻ کاڻ ته پهچي وئي، پر پوءِ جنهن به بگيءَ واري کي ڪٽي چئي ’ابا، جمعي جي وانڊ هلندين؟‘ ته بگي واري نصيبان ۽ چوڪرين کي هيٺان ڪان مٿي گهوريندي ڳٽڪ پئي ڪئي. آخرڪار هڪڙي اڌڙوٽ بگيءَ واري ها ڪئي. پر ٻڌي پنهنجي بيٺو ، پورا پنجاهه روپيه. مجبور هئي. ان ڪري چوڪرين سوڌو چڙهڻ ۾ دير ئي نه ڪيائين. بگيءَ جي پٺئين سيٽ تي ٽي چوڪريون ٿي ويٺيون، اڳئين سيٽ تي نصيبان ۽ ننڍي چوڪري، بگيءَ واري بم تي ويهي گهوڙي کي هڪلڻ شروع ڪيو. گهوڙو بيزاريءَ مان بگيءَ کي ڇڪڻ لڳو. بگيءَ جو تختو تختو چيڪندو پئي هليو. بگيءَ وارو ڳتڪرا ڏيندي ۽ ’هل منهنجا بابا‘ چوندي ٽڪجي پيو ته گهوڙي کي سڏيون ٻڌائڻ شروع ڪيائين: ’هلڻ ڏسيس بوا جو .... هلي ائين ٿو جڻ دادو ڪئنال جو آبدار آ ... سڌو ٿي هل بيلدار وانگر ته ڊونگرو نه پچاءِ ...‘ گهوڙي جي مٿان لڪٽن جو سٽڪو ٿيو ته بگيءَ جي رفتار تيز ٿي وئي. پٺيون چوڪريون کچ کچ ڪرڻ لڳيون، ته نصيبان ڪنڌ ورائي ڪين تنبيهه واري انداز ۾ ڏٺو. چوڪرين کو خاص اثر نه ورتو. هاڻ بگي، دادو ڪئنال جي پل ٽپي، ڪچي رستي تي ڌوڙ اڏائيندي پئي هلي. چئن چوڪرين بي حجاب ٿي چؤڌسا پئي نهاريو. پهريون دفعو زندگيءَ ۾ چوڪرين ڪليل فضا ۾ ساهه ڪنيو هو. ليون، ٻٻر، ٻيريون، پاٽيءَ جي ڊورن ۾ ٻيٺل پنُ، نسريل سر، هر شئي ڪين عجيب پئي لڳي.

’امان! هي کهڙو پکي آ!؟‘ سکل ڪنڊيءَ تي پر سوئيندڙ پکي ڏسي، ننڍيءَ چوڪري، نصيبان کان پڇيو. جيستائين ماءُ سوچي سمجهي جواب ڏئي، سسي کان اڳ ڏڙ ڳالهايو: انڌي! اها سائي فيروزي کبري ٿي.‘ بگيءَ وارو کل ۾ ٻتجي ويو ۽ پوءِ ڪيس ٻڌائڻ لڳو: ’امان، ڏاڏي! اهو چانهه پکي آهي.‘

’ڪاڪا، چانهه به پکي ٿيندو آ ڇا ... چانهه ته پيئبي آ.‘ ننڍيءَ چوڪريءَ جي جواب تي ، پٺيان ويٺل سپئي چوڪريون ٺهڪن ۾ پئجي ويون. بگيءَ واري ان وقت ڪين جواب نه ڏنو، ڇو ته اڳيان ننڍڙي موري هئي، جنهن تان گهوڙي کي تکڙو چاڙهي، آهستي لاهٽو هيو. گهوڙو جيئن ئي موريءَ کان هيٺ لٿو ته سرن جي ٻوڙي مان اوچتو پکي پڙڪو ڏيئي ٻاهر نڪتو ته پٺئين سيٽ تي ويٺل چوڪرين مان هڪ رڙ ڪئي: ’ائي چوريون ...! ڏسو ته ڪارو چوزو ڪيئن نه ٽپا ڏيئي اڏامي ٿو!؟‘

ڪنڊيريو. بگي ور وکڙ ھڻندي، ڳوٺ اندر ٽپي تہ ٻار ۽ ڪتا لڙ ڪري نڪتا. ٻچڪر تي گھوڙو بيٺو تہ نصيبان پنجاھہ روپيہ ڪڍي بگيءَ واري کي ڏنا تہ ھن وٺڻ کان انڪار ڪندي چيو: 'ادي، تون مٺل مرحيات جي گھر واري آن. ھاڻي توکان وٺندي شرم نہ ايندو!؟'

'نہ ڀاءُ، تو غريب جو حق ڇو کاوان!' نصيبان زور ڀريس تہ بگيءَ وارو جذباتي ٿي ويو. 'ڀيڻ برابر آن ... ڀادر لاھي ھڻ ، وڏيڪ ھڪ لوظ (لفظ) بہ نہ ڪڍجانءِ!'

جڏھن ويڙھي وارن کي، بگيءَ واري جي واتان خبر پئي تہ مٺل جا ٻار آھن تہ گھگھيلن جن ڀھريائين ڪين حيرت مان پئي تڪيو. سي ڪين آجيان ڪندي ائين گھلي ويون، جئين ڪوليون چانورن کي ڏر ڏانھن ڪٽي وينديون آھن.

سج لھي چڪو ھو. ڳوٺ ۾ ڪٽي مٽرن جي پلي منڊيٽي ھيٺان ڇتجي رھي ھئي. ڪٽي ڇٽن جي پلي آخري ٽڇڪا پئي ڪاڏا. جڏھن چوڏھين جي چنڊ جھڙي ڳول لچي چانورن جي ماني ۾ ڦٽيءَ وڌل پلي نصيبان ۾ ڇوڪرين جي اڳيان آئي تہ منجھند واري لنگھڻ جي ڪسر نڪري وئي.

اڪرم دير سان گھر آيو ھو. ماني ٽڪر ڪائيندي نصيبان کان چلھہ تي ئي حال احوال وٺڻ لڳو. باقي گھر جا ڀاتي ڪن سرلا ڪيون، ٻنھي کي ٻڌي رھيا ھا.

'ادي، خير سان پھچي وئينءَ!؟'

'ھاءِ ادا!'

'ادي، مان ڀاڻ توکي وٺڻ اچان ھا، پر ٻہ ٽي ڪڦا اھڙا ٿي پيا، جو واندئي نہ ملي.'

'ادا تون نہ آئين تہ اسان ھليا آياسي، ڳالھہ مڙيئي ساڳي آ!'

'ھي تنھنجو پنھنجو گھر آ، ڪو حجاب نہ ڪجانءِ ... مٺل منھنجو سڳو سوٽ ھو. ھن ئي ويڙھي ۾ رھندو ھو. منھنجي ڀيڻ ناڻُ ھيس. ننڍو ڀاءُ جو گذاري وڃي تہ وڃي شھر ويٺو. موٽائڻ لاءِ لولھٽ ڪيا سينس، نہ مڙيو تہ پوءِ ڪسر جي بہ وياسي.'

'بس ادا! جا تي لکيو.' نصيبان وراڻيو.

'بيشڪ، جاتي قسمت!'

اڪرم ماني ڪائي گرڙي پئي ڪئي تہ نصيبان ڪيس سڙٻاٽن ۾ چيو: 'ادا، مان آئي آھيان توسان صلاح ڪرڻ، اڪيلائيءَ ۾ .....!'

'ھا ادي ... پوءِ ھلي ڪوٺيءَ ۾ ٿا ڳالھايون.'

ٻئي ڄڻا چلھہ تي وينل ڀاتين کي دالان ۾ ڇڏي ڪوٺي ۾ ٿي وينا. چلھہ تي وينل ڇوڪرين ۾ ڀاتين اڪيلائپ ۾ ڳالھائڻ جو اندازو پئي ھنيو ۽ ڪن اوپڙا ڪري ٻڌڻ جي ناڪام ڪوشش پئي ڪئي.

نصيبان خوش خير عافيت کان پوءِ اچڻ جو اصلي مقصد ٻڌائڻ شروع ڪيو. 'ادا، ٻيو مڙيئي خير ...! توسان صلاح ڪرڻي ھئي. نياڻين جي باري ۾ ... چار وياءُ وينا ھن ... تون ڀاءُ ويٺو آن تہ ڄڻ ننڊ حرام آ!'

'بيشڪ !' اڪرام وراڻيو.

'چوندا ھن تہ نياڻيون اھي نياڻيون، جيڪي شينھن جا بہ ڪنڌ ڀڃن، مان تہ زائفان ماڻھو .... ھاڻي الله ۽ تھان کان سواءِ ٻيو ڀر سير ڪير آ ... تھان کي ئي ڳڻ ڳوت ڪري، ھنن کي شينھن ڪلھي چاڙھڻو آ.'

اڪرم ڳالھہ جي تہ تائين پھچي ويو تہ سئنون سڌو پڇڻ لڳو: ڀيڻ جي ڪاٿي ڏيون تہ ٽڪا گھٽا وٺئون؟'

'باھہ ڏيان، ادا ٽڪن کي ....! ٽڪا ڪاڏي ڪنديس. جئين مان پنھنجي مڙس جي گھر في سبيل الله آئي ھيس، تيئن ڇوڪريون بہ ڏينديس بس ڇوڪرا ڪمائڻ ڪرتڻ جھڙا ۽ اشراف ھجن.'

اڪرم کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ سندس گھر ۾ الاھي ڪکر وسي پيو ھو. ھڪ ھڪ ڇوڪريءَ جو منھن مھانڊو سندس اکين اڳيان ٿي چار گھمرا ڦري ويو. ھڪ ٻئي کان وڌيڪ ھيون. ڪيس ائين پئي لڳو ڄڻ طوطن جا ٻچا پور مان ڪڍي، مائي سندس جھوليءَ ۾ وڌا ھا. ھن اڳ پُٺ سوچي نصيبان کي چيو: 'ادي، ھاڻي ھيئن ٿا ڪيون جو سياڻي شام جو ڳوٺ جي چئن چڱن کي ويھاري ٿا ڪيون صلاح ... ھڙيئي ڀاڻ ۾ مٽ آھيون، پوءِ جئين صلاح بيٺي.'

'بس ادا ... ڀارت ٿئي .. پنھنجو رت اٿو ... مان بہ ان ڪري آيم جو اڙي آ ، اُڌي آ .... لڳائي آ ، چڱائي آ، جا ٿي اوھان جي رت کي چڪي ايندي، ٻي ڪي نہ ايندي ...!'

'بس تون وڌيڪ ڳڻتي نہ ڪر .... الله ڪي چڱي وٽندي.'

ٻئي ڄڻا اٿي آيا. نصيبان کي تہ ننڊ اچي وئي، پر اڪرم کي ڳيل رات تائين ننڊ نہ آئي. الائي ڇا مئون ڇا پئي سوچيائين ۽ نصيبان واتان ڇوڪرين جا ٻڌايل ناءُ پئي ورجايائين : 'زرينہ .....! شبانہ .....! ثمينہ ....! تھمينہ ......!'

صبح ٿيو تہ ڇوڪرين ۽ نصيبان کي ڳوٺ وارين ماين ڳوٺ جي چئن ئي ويڙھن ۾، ھٿ آيل نئين نموني واري ٽڪ جي رلھين ۽ رلھڪن جيان پئي ڦيرايو گھمايو. جنھن بہ گھر پئي ويون، لڪ بسم الاھين سان سندس آجيان پئي ٿئي. پوڙھين ۽ پڪين ڇوڪرين مان ڏاڏاڻن جا وصف پئي ڪڍيا ۽ اِڊ پئي چڪي:

'وڏي سود پود پنھنجي ڏاڏي سونيءَ تي وئي آ. ان وانگر ڏسينس نٺي چپ سنھڙا، نڪ ڊگھو!'

'ٻي بہ جھڙي ماسي خاتون ويٺي آ، ھلڻ نہ ٿي ڏسينس جھڙي چيھل ..'

'ٽئين بہ الله حياتي ڏيس، گھٽ ڪونھي، ڀيءُ وانگر مورن جھڙي آ ..'

'چوٿين نانڪ تي آ .....!'

'نہ مائي! اڌ نانڪ تي، اڌ ڏاڏنڪ تي آ.'

ھر گھر ۾ ننڍين وڏين کين ٻتا ٻڪ وڌا. سڪرن سان سندن ڳتا آلا ٿي ويا. مردن به کين ’امان پلي آيئہ ... ادي، پلي آيئہ‘ چئي ھڪ دفعو پنيان شڪ ھٽي ضرور ڏنو ھو. نصيبان ۽ ڇوڪرين کي ائين پئي لڳو ته ڄڻ ڳوٺ ۾ قرب جا اھڙا ٻنا آھن، جن تان ھلندي حياتي ڪٿي وڃي پر ٻنا نہ ڪُٽن.

ٻئي ڏينھن تي شام جو ھڙئي چڱا لڳا اچي اوطاق ۾ سٽ ٿيا ھا. گاسليٽي بتيءَ جي وٽ چڱي پلي مٿي ھئي. ان ڪري چيريون، وٿيل، تنبيل ۽ تور ڏاڙھين جا پلچا، جنن پوتن جي شڪلين جيان اوطاق جي گاري لٺل پت تي چنبڙيا پيا ھا. ڪنھن نہ ڪنھن ڪنگھي ڪڙڪي، ڪانگھارو ڪڍي پٽ تي ائين پئي لچليو ھنيو، جڻين سيون ايم ايم رائيفل جي گولي ڇٽي وڃي دشمن کي ھيانوَ ۾ لڳي.

ڳوٺ جو مھانڄو ، حاجي ڏتو ’السلام عليڪم‘ ڪندي اوطاق ۾ لنگھي آيو. ’وعليڪم السلام‘ سان سور پور ٿي وئي. ڪيس ٿلھن پاون واري ڪٽ جي سيراندي کان جاءِ ملي. ڪٽ جي سيراندي کان لوڊ ٿيل ڪلاشنڪوف رکي، اڪرم کان پڇائين:

’ھا، حوال ڪر؟‘

اڪرم جنھن ويٺي ڇھپر پئي مھٿيا، سڌو ٿي ويٺو ۽ ٻڌائڻ شروع ڪيائين: ’حوال خير جو حاجي .....! ڇھہ ست مھينا ڪن ٿيا جو، مان ويو ھوس، محراب ۽ نذرو جي ملاقات تي، اتي صابو مليو ھو ...‘

’ڪھڙو صابو ..؟‘ وچ ۾ ويڙھي جي ڪنھن چڱي پڇيس.

’اھو، جيڪو شھر ۾ وڃي ڪير وڪڻندو آ، موٽر سائيڪل تي!‘

’پوءِ؟‘

’اِن جو پاءُ رمن بہ جھليل آ اتي، ان ٻڌايو تہ يار ، مٺل گذاري ويو ٿي ..!‘

’اُن کي ڪيئن خبر پئي؟‘

’پئنچر (پڪنچر) ڳنڍائيندو ھو مٺل کان ....!‘

’بھادر ، ڏاڍو واترو آن ... ھاڻي اھي سوال جباب بند ڪر تہ حوال اڳتي بہ ھلي ....!‘ حاجي ڏتي ويڙھي جي چڱي مڙس کي رھڙ ڏني تہ اڪرم اڳتي چريو:

’پوءِ منھنجي دل بہ سٽ ڪاڍي تہ پڇائي پڇائي وڃي گھر لڌم. مائي سان رضا الله جي ڪيم ۽ ڳوٺ اچڻ جو صلاحيو مانس .... سو ڪلھہ اچي پھتي آ .... مائي کي ھن چار ڏيئرون .... مائي ٿي چوي تہ آئي آھيان ڌيئرن کي اٿارڻ ....!‘

’ٽڪا گھٽا ٿي ٻڌي؟‘ حاجي ڏتي پڇيس.

’توسان ڪھڙو ڪوڙ حاجي .....! او ٽڪو بہ نٿي گھري ... چوي ٿي، مخت (مفت) ۾ ....!‘

’وھہ ڙي واھہ مائي ....! ‘ ڪچھريءَ مان ملان دادن سٽر تي ٺپڪي ھڻندي چيو.

’مٺل چني ويو ... ھيءَ ڳنڍڻ آئي آ ... وونٽ آ مائيءَ کي سائين!‘

’مائي اصيل آ!‘

’ڪي، ڪي آھن، ڌارين ۾ بہ ... ائين ناھي.‘

جڏھن ڪچھري واہ واہ ڪري ٿڪي تہ حاجي ڏتي اڪرم کان مشڪندي پڇيو: ’پوءِ ڇا سوچيو اٿئي؟‘

’وڏي پنھنجي ٻلي ٿو ڪيان، باقي جئين تون فيصلو ڪرين.‘

’ڪھڙي ساون لٺن واري؟‘ بھادر پنھنجي پڇ پڇ واري عادت کان نہ مڙيو.

’نہ، آسماني لٺن واري.‘ اڪرم وراڻيو.

’شڪر ٿيو مان وارو ڏينو تہ ساون لٺن واريءَ تي ٻوچانڊ لڳو ٿو وتي، چئي ٿو، ان ٻوبنيءَ تہ مان کي ٻاھيون ٻڇي ڇڏيون ھن.‘ بھادر پر ۾ ويٺل سنھڙن ڇھپرن واري ڇوراٽي نموني ويٺل نوجوان جي ڪلھي تي ھٿ رکندي چيو.

’بس ڪر ڪتا ...! تہ ولچان نہ چيريانءِ ... ننگن ۾ ٿو اڪيون وجھين.‘ حاجي ڏتي ڪيس ڪيل شھپرن کي وٺيندي گجي پيو. سيني جا ڪن ڇبا ٿي ويا. ڪا گھڙي تہ سانت ٿي وئي. ھر ڪو سمجھي ويو تہ حاجي ڏتي والار ڪري ڇڏي.

’پلا، ٺيون لمبر (نمبر) تہ ڏيندين نہ ...!؟ ڪن اُھا بہ نہ ڏيندين؟‘ حاجي ڏتي جي دينا داستي جھپڙ جو سور پيئندي، ٺين نمبر ڇوڪري تي ھٿ رکيائين تہ متان ڪو ٻيو والار ڪري.

’چڱو، اُھا توکي آئي!‘ حاجي ڏتي سوپ ڪٽڻ واري انداز ۾ چيو.

’او ڇوٺين منھنجي ٺوَ! منھنجي ..!‘ اپڪئي وچتي ھڪ ڪراڙي پپ ٺپو ڏنو.

’او ڪاڪا وندر! جيسين ڇوڪري وڏي ٿئي، تيسين تون تہ رضا ڪري ويندين!‘ ويٺلن مان ڪنھن ٺوڪ ڪيس تہ ڪلڪو ٿي ويو. وندر بہ گھٽ نہ ھو، ٺڏي تي موٽ ڏنائين:

’آتر ڏاڏر ڪري ھفتي ۾ تيار نہ ڪيومانس تہ منھنجو نانءُ ڦيرائي ڪتي تي رکجو. توھان رڳو ھٿ ڪڍو.‘

’اھا تون ڪٽين يا شاھن ... اھو پاڻ ڄاڻو. ھاڻي چئڻ ئي ويڙھن کي ھڪ ھڪ اچي وئي.‘ حاجي ڏتي ورھاست تي اطميان ڏيکاريندي چيو.

’نہ ابا ، وندر کي ٿا ڏيون ... مان اھا غلاموءَ لاءِ ڪنئي، وندر جو آ مٿو خراب ...!‘ ويڙھي جي چڱي مڙس شاھو ھڪدم وروندي ڏني تہ وندر چڙي پيو.

’حاجي ڏسين ٿو، شاھوءَ جا ظلم ...! باقي جنھن مھل ڳلي جيئنداٽيءَ کي ماري آيو تہ ٺٺان ڦٺان ڪندو مون وٽ آيو، تہ ڪارو ڪاريءَ جو ڪيس ناھيو تہ جان بچي. سڄي ويڙھي وارن پنھنجا سونا ٺانوَ لڪائي رکيا. مان پيڻان پنھنجي جوءِ ڇڪي آٽي ڏني مانس تہ ماري سر بچاءِ ڪر ، جو ويڙھي جو چڱو آن ...‘

’ھا سائين ياڏ مارائي چيھہ ڪيئي.‘ شاھن ڏاڙھيءَ کي مٺين سان پڪوڙيندي وراڻيو.

’ياد ڙ بہ مارائي نہ تو ڪاڻ، تون تہ پنھنجي پوپري مارين ھان.‘ جھوني وندر ھيانوَ جي باھہ ڪان ورندي ڏنس.

’اڙي قرآنن ھنيا .....! تہ تنھنجي لاءِ فقير گلا حسين ( غلام حسين) ڪي مُنجو (موڪليو) آ ھوسڙيءَ، پندرنھن ھزار ڏيئي، ڪا نہ ڪا بنگالڻ وٺي ايندو تنھنجي لاءِ، تسيتائين نرڪوتو لڳو وت ڳوٺ ۾ .........‘ شاھن جي انھيءَ سمجھاڻ تي، سڄي ڪچھري ڪوڪرا ڪري کلڻ لڳي تہ وندر ويتر چتو ٿي پيو!

’نہ کپي بنگالڻ، مان ڪي کپندي تہ اھا چوري!‘

’ھاڻي وڏيڪ لڙ ڪيو ٿي تہ پشتول ٺوڪيندو سانءِ، ھر ھر ٿو منھنجي ننھن جا نالا ڪٽين.‘ شاھن ور مان ڪٽي ٿي ـ ٿي جو پستل ڪڍيو تہ حاجي ڏتو وچ تي پئجي ويو.

’بس ڪيو ڙي تہ ھٽاو نہ ٻٽيون .....! ٻيئا ٺڪان ٿا ولوڙيو، ماڻھو ٻڌندا تہ ڇا چوندا تہ ماڻھو ٿي ناھن جمعي جي وانڍ وارا جو ٺڪي جي رنن ڪري وڙھي مئا ھن.‘

او حاجي، ابا تون انصاف ڪر ...!‘

وندر ھٿ ٻڌي حاجي ڏتي کي ايلازو ٿي چيو.

’بس انصاف ٿي ويو. ڇوڪري غلاموءَ جي آ.‘ حاجي ڏتي جان ڇڏائڻ واري انداز ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو.

’اسان بس ڪئي سي ... مٿي بہ ماٿ تہ مُٺي بہ ماٿ .....! اسان کي ڪجھہ نہ کپي ... اسان کي ڏيندو پيران پير ... توھان وڄي عيش ڪيو.‘ وندر پرئي ڪچھريءَ مان داسي جھڙي لٺ زمين تي ٺھڪائيندو ، ڪاوڙ مان اٿي ويو.

’ملان دادن! جلدي ڪر. نڪا ح پڙھہ تہ ھر ڪو وڃي پنھنجي پاٿاري تي ويھي.‘

حاجي ڏتي، ملان دادن کي ھوشياري وٺائيندي چيو.

ملان دادن جيڪو خيالن ۾ ڪنڊ جو جھاز غرق ڪيون ويٺو ھو.

ٺنھن ڳٽڪ ڪري منھن ڦيرائي ڇڏيو.

’ڪرين ڇا ٿو .....!؟ ڪڏانءِ ڇاھ ڇپ مان جھلي ڇنڊ!؟‘

حاجي ڏتي ڏمڪي ڏنس.

’ڪٽي مان کي تيرنھن ٺڪر ڪر ...! ا ڄ ننھن وارا نو ڪوٽ ٿي!‘

’توکي وري ڇا ٿيو!؟‘ اڪرم حيرانگيءَ مان پڇيس.

’پيٽان! ٿي ٿي شاديون تہ بہ ھاڻ نہ ٿو پرڄيوَ .... ڇو ادا، دادن کي ساھہ ڪونھي!؟‘ ملان دادن ٻنھي ھٿن سان پاڻ ڏانھن اشارو ڪندي چيو.

’اھو پھريون ڦاٽ ڪائين ھا تہ ڪجھہ ڪيون ھا نہ، ھاڻي اڱوٺو ٻچيو آ ڇا!؟‘ حاجي ڏتي خار مان وراٽيس.

’چورين جي ماءُ جو ويٺي آ.‘

ملان جي جواب تي سڄي ڪچھريءَ وارا حيرت ۾ حسرت مان ھڪ ٻئي جو منھن تڪيندا رھجي ويا.

’مار پيٽسان ....! ملان ڪاٽي وڃي ڳوٺ پڳي آ .... اسان جي خيال خاب (خواب) ۾ ئي نہ ھو.‘ بھادر کي جڻ ارمان ٿي پيو.

’مائيءَ ۾ ھاڻي ڇا رکيو آ!؟‘

اڪرم، ملان کي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي.

’ڇا رکيو ٿس ... پُور لڳي پئي آ!‘ ملان جواب ڏنو.

’تون آن ٽڪل سانُ ، ڇا ڪندين پور کي ڙي!؟‘ ڪنھن ڪچھريءَ مان ٺوڪيس.

’ٽڪل سانُ آ جو بس پئي آ ... طور سينا نہ ڏيکاري مانس تہ منھنجو نانءُ بہ ملان دادن ڪونھي!‘ ملان جوش مان جواب ڏنو.

’واہ ڙي واہ ملان، تنھنجا پانور ..!‘ ڪنھن ڪچھريءَ مان چاڙھہ ڏنس.

’ڏائڻ بہ ھڪڙو گھر ٽاريندي آ، ملان! اجائي ھوڏ تان لھہ.‘ حاجي ڏتي احساس ڏياريندي چيس.

’ا ڄ تہ ڪٽي مان ڳوٺ جي ڇڳن مڙسن جي چوڻ تي، زور مارين سان نڪا ح پڙھايان! پر جڏھن دوار محشر پڇاڻو ڪندو تہ ڪير جواب ڏيندو؟ مان کي پنھنجي قيام ڪاري ناھي ڪرڻي ... اوھان بہ ان وکت ڪان ڄڄو، جڏھن الله جل شان ھو امن و آلہ جي سامھون ٿيندءُ .... اتي اھا اٽڪي ٻٽڪي ۾ ڏاڍ مڙسي نہ ھلندوَ ... يتيمن لاءِ حديث شريف ۾ آيو آ تہ .....!‘

’پيڻ جو ... ملان! ھاڻي چتو ٿيو ٿوَ ... حديثان ٿو ٻڌائي .....! ڏئي جان ڇڏايون، ادا ...! آئي، آئي توکي حصي ۾ مائي نصيبان!‘ حاجي ڏتي، فيصلي نبيرڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي تہ ملان بہ ’جزاڪ الله‘ چئي حديث ٻڌائڻ تان ھٿ ڪنيو.

ملان ڪنگھي ڪڙڪي، دستار کي ٺاھي نڪا ح پڙھڻ کان اڳ ۾ اڪرم کان پڇيو: ’پلا شروع ڪيون؟‘

’مائي نصيبان کان تہ پڇي اڄجي؟‘ اڪرم خيال ڏيکاريو تہ حاجي ڏتي کي جڻ ننھن کان وٺي چوٽيءَ تائين باھہ وٺي وئي.

’اڪو ... ڳالھائين ڇا ٿو .....؟ اھو تہ دادو ڪينار کان پريان جو رواز (رواج) آ تہ ماين کان پڇجي تہ توکي قلاڻو قبول آ ... ڪچھريءَ ۾ فيصلو ٿيو تہ چتو ...نڪا ح ملان پڙھندو تہ قبول ٿي ويندي، باقي توکي ڪا اندر ۾ آ تہ ٻڌاءِ...‘

’رب ٿو ڄاڻي، مان کي دل ۾ ڪجھہ بہ ڪونھي ... جئين سنگت جي صلا ح ...!‘ اڪرم حاجي ڏتي جي ناراضگيءَ ڏسي پنھنجي ڦٽڙڪ تان ھٿ ڪٽي ويو.

واري وٺيءَ سان، ملان دادن سين جو نڪا ح پڙھندو ويو. پاڻ ئي گھوٽ، شاھد، وڪيل ٿيندا ويا. آخر ۾ ملان دادن جو نڪا ح ٻانگي خادم پڙھي پورو ڪيو. سڀئي ھڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيئي وٺي، ائين ڪڙا ٿيا جئين حاضرات (جنن) جو لشڪر بي گاھہ وقت ۾، انسانن جي وسنديءَ ڏانھن راتاھيءَ لاءِ اٿي پيو ھجي.

نصيبان ۾ سندس چار ئي ڇوڪريون ، ٻي اونيون ٿيون، اڪرم جي ڪھول سان ٻاھر تي ويٺيون، ھيڏانھن ھوڏانھن جا قصا پئي ڪيا. اوچتو ’سلاما ليڪم‘ جي ڳڙيل آواز تي، پيڙھن تي ويٺل سيني عورتن سلام جو جواب ورائيندي، ان ايڏي لالوءَ جي لشڪر ڪي حيرت ۾ تڪيو تہ اڪرم حيرت ڪي ختم ڪرڻ لاءِ نصيبان ڪي ٻڌائڻ لڳو: ’ادي، حوال خير جو .....! تنھنجن ھڙيئي ڇوڪريون، تو سميت شينھن ڪلھي چاڙھي ڇڏيون سي. ھاڻي ھر ڪو پنھنجي ٻانھن ونڻ آيو آ.‘

ائين چئي اڪرم ڪٽي زرينہ ڪي ٻانھن کان ورتو تہ ڇوڪري اڪين سان ايلازو ٿي، زبان سان منٿ ميڙ ڪيس: چاچا .....! ڇڏ!‘

’چاچا ورِي چا جي؟ سؤت ڪري ڳالھاءِ!‘ اڪرم شينگھرجي وراٽيس.

شبانہ جي سنھڙي ڪرائي ۾ حاجي ڏتي جو ھٿ، ھٿڪڙيءَ جيان ڦبي ويو تہ ساھ سڪي ويس. خوف مان ڪسجندڙ ڇيليءَ جيان رڳو ٻيٻڙاٽ نڪتس: ا ..... ما ....ا ما ... ان ان ....‘

ثمينہ ھمٿ ڪري ڀڄڻ جي ڪئي تہ دينوءَ جي ارھاٽ ۾ اچي اھڙي نموني ڪڄي وئي، جئين چور ڪانھين ڪٽي ڀڄندو آھي.

پرپرو ويٺل تھمينہ ماءُ سان چنبڙڻ لاءِ وڏا وس ڪيا، پر غلامُو اھڙو جُھٽ ھڻي ڪڍيس، جھڙو ڪر ڪوئا مار ، ڪوئي ڪي ڏر ۾ ڀڄڻ کان اڳ ھٽي ڪڍندو آھي. جئين ڪڪڙ پنھنجي چوزن ڪي جھنگ ٻلن کان ٻچائڻ لاءِ ڪُر ڪُر ڪندي لوھان ۾ ستان ڏيندي آھي، نصيبان ڏنيون. پر جڏھن نصيبان جي چوٽيءَ ۾ ملان دادن جو ھٿ پئجي ويو تہ پاڻ ڇڏائڻ ۾ آزرتي ٿي وئي. چڪ ۾ مڪان ھٽندي چيوٽين پئجي ويس. خبر ناھي تہ، پڪي عمر واري ملان ڪي ايڏي ايماني طاقت ڪاڏنھن اچي وئي ، جو ھو نصيبان ڪي پنھنجي ويڙھي ڏانھن ائين گھلي ويو، جئين شينھن، ڳئون ڪي ڦٿڻ جي باوجود بہ اوڊر ۾ ڇڪي ويندو آھي.

رات جي پيٽ ۾، پنجن ئي عورتن جون دانھون ۾ ڦٿڻ ائين ثابت ٿيو، جئين وچ سير ۾ ٻڏندڙ ماڻھو ٿوري دير لاءِ درياھ ۾ ڏانڊول وجھن ۾ ٻڏڻ کان پوءِ ائين لڳي تہ ڄڻ درياھ پيٽ ۾ ڪجھ ٿيو ئي نہ ھو.

*

# سچا ڪوڙا رشتا

جيئن لٺ ھڻئي پاڻي جدا ناھي ٿيندو، ائين رت جا رشتا بہ جدا ناھن ٿيندا. پل ڪٽي ڪيڏا بہ رساما ھجن، ھڏ ضرور سڏ ڏيندو آھي.

رجب جو لاش، اسپتال مان ڪٽائي، جڏھن ڪامريڊ دوستن سندس مسواڙي گھر ۾ آندو تہ پاڻ ۾ سِر جوڙي صلاح ڪيائون تہ، توڙي جو مرحوم جا مائٽن سان ترِ سنوان نہ ھيا، نہ وري انھن سندس طويل علالت ۾ ڪا واھر ۾ وارثي ڪئي. پر پوءِ بہ رت رت آ، دانگيءَ تي وريو پئي. ان ڪري ٻڌائڻ ضروري آھي.

سنگت ، اھو سڄو بار استاد غفار ۾ نجيب تي رکيو تہ ڪيئن بہ ڪري سندس ٻن پائرن ۾ ھڪ پيڻ ڪي ڳولي ڦولي ھٿ ڪن، ڇو جو مرحوم آخري گھڙين ۾ انھن جو پڇندو رھيو ۾ آسروند نظرن سان دروازي ڏانھن ڏسندو رھيو.

صبح صبح سان اھو قصد ڪري نڪري پيا تہ انڏن ملتان لڏو آ، خيرپور ڪو ھروپرو ايڏو وڏو شھر بہ ڪونھي، جو مرحوم جي قريبن ڪي نہ ڳولي سگھجي. ٻنھي ڄڻن ڪي ھلڪي سلڪي ڪڙڪ ھئي تہ سندس وڏو ڀاءُ محرم، بس اسٽينڊ جي پر پاسي ۾ حجامت ڪندو آ.

محرم ڪي جڏھن ٻنھي ڄڻن اچي ٻڌايو تہ گراھڪ جي حجامت ڪجھ گھڙين لاءِ بيھجي وئي. محرم ٻڏتر ۾ اچي ويو.

’پلا پائو ...! ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو ٿو يا .....؟‘

’ڪا بہ ڳڻتي نہ ڪريو، سڄو بار سنگت تي آ، رڳو توھان اچي منھن ڏسو ۾ ٻيو تہ محرم جوڪجھہ سامان سرڙو بہ آھي، توھان ڪٽڻ چاھيو تہ اڳ ۾ توھان ، نہ تہ ..!‘ استاد غفار ڪيس ٻڌايو تہ محرم جي رت ڪي ٿڪو اچي ويو:

’اھڙي ڳالھہ ناھي سائين ...! ناھي تہ مولا ٿو ڄاڻي، سڄو بندوبست ڪيون اچان ھا. آخرڪار ننڍو ڀاءُ ھو. پٽ جي آچار، پالي تاتي وڏو ڪيومانس .... بس ، ھي گراھڪ ڇڏائي ، انھيءَ پير تي ٿو اچان.‘

استاد غفار ۾ چوٽو نجيب ، جڏھن ڪائنس سندس ٻي ڀاءُ شبو ۾ ڀيڻ ڪمالان جو پتو ڪُرو پڇيو تہ محرم ٻڌاين: ’ڪمالان تہ مينسپالٽي جي پر پاسي ۾ رھندي آ ... مڙسنھس جو نانءُ رمضان ٺئوس ... مينسپالٽي ۾ ڪم ڪندو آ ، باقي شبو ھوندو آ ڪدڙن سان، ڪڏھن ھِت ڪڏھن ھُت ... ملندؤ ڪو نہ ... وڌيڪ اوھان جي مرضي!‘

ڪامريڊن ڪي شبو ڳولڻ ۾ تڪليف ٿي. پر آخرڪار ھٽي ھنڌ ڪيائون. ڪيس ڪدڙن جي مڙھي ۾ سوگھو ڪري وڏائون. جي پھچڻ ۾ بہ منٽ بہ دير ڪن ھا، تہ شبو (شبانہ) ٻين سان ميھر شاھ جي ميلي تي نڪري وڃي ھا. پھريان تہ شبو (شبانہ) ڪي ذڪر چڙھي

ويا. پر جڏهن محرم جو تڏي تي اچڻ ۽ سامان سرڙي جو ٻڌائين تہ سندس رت ڪي چڪي اچي وئي. سينگار پيتي، ڪپڙن جو ٿيلهو سهيلين کي ڏئي تاڪيد ڪيائين تہ، اڌ رات مڌ رات جوميلي ۾ پهچي ويندي، متان ڪنهن ٻي کي جوڙ ۾ ڪٽڻ.

استاد غفار ۽ نجيب چوٿو، جڏهن ڪمالان کي، گهر جي در تي پاءُ جي مرڻ جي خبر ٻڌائي تہ اکيون مهتي مهتي ڳاڙهيون ڪري ڇڏيائين. سڏڪي سڏڪي، مسڪي مسڪي پڇيائين. ’ادا... پاڙي جو ڪفن دفن الائي ڪيئن ٿيندو .....؟‘

ٻنهي ڄڻن ڪيس دلجاءِ ڏيندي ٻڌايو. ’پيڻ .....! دلگير نہ ٿيو، سنگت ڪلهو ڏنو آ تہ توڙ ٻہ نڀائيندي. اها ڳالهہ محرم ۽ شبن کي بہ اڳ ۾ چئي آ، تہ اوهان رڳو اچي منهن ڏسي وڃو ۽ ڪجهہ مرحوم جا ٽپڙ ٽاڙي بہ آهن، اوهان حصي وارث آهيوس ... اڳ ۾ اوهان پوءِ سنگت ....‘

’پاڻو، اوهان کي لڪ شابسون هجن، نہ تہ ڪير ٿو ڪري ا ڄ ڪلهہ ايئين.‘ ائين چئي ڪمالان پار ڪيڻ لڳي.

’اڙي ...! سو ... ريتيون ... ا ڄ مون کان منهنجو دلبر جدا ٿي ويو ...! اڙي ... پا.... ڙي! .... وا .... ريون .... مون کي منهنجو پاءُ موٽائي ڏيو .... يہ ...وو.....!‘

پاسي وارن گهرن جون ٽپڙيون مٿي ٿي ويون تہ ڪامريڊن، ٻڌائڻ واري فرض کي پورو سمجهي پٺتي موٽ ڪئي.

ڪمالان در تان موٽي تہ پهريائين ست ڏيئي ٿابر پٽ کي اٿاريو، جيڪو اڃان کٽ تي پئسترين ۽ پئٽيز ڪائڻ جا خواب ڏسي رهيو هو.

’اٿ ڇورا ......! مامنهن گذاري ويو آ ..... انهيءَ ٻيڙيءَ ٻُڏي کي تہ وٺي آ ..... بيٺو هوندو صابوءَ جي دڪان تي ٿنگا ٽيڙيون .....!‘

ڇوڪرو اکيون مهٽيندو، پهريان نلڪي ۾ ويو، پوءِ اڳي سان منهن اگهندو ٻاهر نڪري ويو.

’پڊر پڳي کي ڪا خدا جي مار پوي، ڪنهن مهل جو صابڻ، پائونڊر لاءِ موڪليو ٿمانس تہ اڃا ناهي موٽيو.‘

ڪمالان پٽڪندي غسل خاني ۾ گهري. جلدي بالٽي ڀري صابڻ جي چٽ سان مٿي ڌوءَ ڪيائين، جو ٻاهر نڪرڻ جهڙي نہ هئي. تڙ تڪڙ ۾ سرمي جو سرايون وڏي نہ وڏي جهڙيون وڌائين. پائونڊر جي خالي دٻي کي کٽ جي پائي تي ڪڙڪائي، نڪتل پائونڊر جي چنڊ کي ٻوٽ تي هنيائين تہ تڏي تي الائي ڪهڙا نہ ڪهڙا ماٽهو ، ڏسڻ جهڙي تہ هجي.

ايتري ۾ مڙسهنس بہ اچي منهن ڪڍيو تہ ڪمالان مٿانهانس چڙي پئي، ’ماريا! ڪو پلي وانگر چيري لوڻ ڏيڻ جهڙو آن ...‘

’ڇا ٿيو، نڪ وڍي!؟‘

’وڃي جو پيءُ وٽ ٿو ويهين تہ پٺيون جي خبر ئي ڪو نہ ... هوڏي جو ادو گذاري ويو آ .... خبر ناهي تہ پٺيان محرم ۽ شبن ارڪو ترڪ اگهي ويا هوندا، الائي ڪيئن!؟‘

’ڪفن دفن جو بندوبست ڪير ٿو ڪري؟‘ ڪمالان جي مڙس ڳٽيءَ وڇان پڇيو.

’ساهہ نہ وڃئي ٿنگيا ....! سڄو خرچ دوست ٿا پرينس .. اسان کي ٻڌائي ويا هن تہ حصي وارث آهيوس، اچي سامان سرڙو ڪٽي وڃو.‘

’ها، پوءِ اها ڳالهہ ڪر نہ .....! رڪشو ڪرائي ٿو اچان .....!‘

رڪشا در تي بيٺو تہ ڪمالان پٽاشڙي جيترو ڪلف ٻاهرين در تي هنيو. پاڙي وارن کي پارت ڪري، پٽ، مڙس سوڌي تڙ تڪڙ ۾ رڪشا تي چڙهي پئي.

اڳڻ تي ڪانڌي مڇيون ڪيون ويٺا هئا. محرم ۽ شبو غم جي تصوير بڻيو سوچن ۾ غرق هيا تہ اندر ڪوٺيءَ ۾ الائي ڪيترو ۽ ڪهڙو سامان هوندو؟ ڪمالان جي اچڻ سان خاموش وايو منڊل، ڪيڏارو بڻجي ويو. اُهي آهون دانهون ڪيائون جو سيني ٻڌندڙن جون اکيون آلو ماهہ ٿي ويون.

جنازي نماز لاءِ کٽ کڄي تہ ڪمالان اپ ڏاري ڇڏيو.

محرم هانءُ ڦاڙي رڙيون ڪيون، پر ٻيڙين ڇڪڻ ڪري، نڙيءَ جي ڄاري سندس اندر جي آهہ کي گهٽي ڇڏيو. شبو (شبانہ) بہ جڏهن سيني تي هٿ هٽي، هاءِ ...! هاءِ! ڪئي تہ شام غريبان جو منظر ٿي ويو. صدمي جي ڪري محرم اٿڻ جهڙو نہ هيو، پر پوءِ بہ جهڙو تهڙو جنازي سان گڏ هلٽو ۽ ڪلهو ڏيٽو پيس.

جيستائين ڪانڌي موٽن، تيستائين ڪمالان ۽ شبو (شبانہ) ڪمري ۾ اندر رکيل سامان کي، هڪ هڪ ڪري نظرن سان ڳٽي ڇڏيو تہ ڪل چار کٽون، پنج ڪرسيون، هڪ ٽيبل، هڪ لوهي ٽرئنڪ، پنج بسترا، هڪ رنگين ٽي ــ وي، هڪ ٽيپ رڪارڊر، پٽين تي ٽنگيل ڇهہ کن تصويرون ۽ ٻيا هلڪا سلڪا ٿانوَ ٿپا آهن.

کٽ جڏهن خالي موٽي آئي تہ عذرخواهيءَ جو نہ ٽٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويو. حيرت تہ محرم ۽ رمضان کي هئي تہ ٻيڙين ٻانڌي جي تڏي تي شهر جا شاعر، اديب ۽ ڪامريڊ مکين وانگر اچي مڙيا هيا؟ جڏهن ماٺهن جي اچڻ وڃڻ جو سلسلو شام تائين بہ ڊرو نہ ٿيو تہ محرم اوٻاسيون ڏيڻ لڳو. رمضان ڪياڙي ڪنهندي ڪنهندي وڃي زال کي ماجرا ٻڌائي.

ٿوري دير کان پوءِ ڪمالان جي هيانوَ ڏاريندڙ پارن ۽ شبو (شبانہ) جي پٿڪي ٻڌندڙن کي سيرون وجهي ڇڏيون.

’ا .... ڙي .....ي ... ا ... ا... اا ...ا ... مان توکي اڃا ميندي بہ نہ لاتي، موڙ بہ نہ ٻڌا .....! جهڙو آئين جڳ ۾، تهڙو وئين موٽي منهنجا ...پ ...اا ...ءُ ... الائي ڪهڙي ڏائڻ دوست توکي زهر جي سئي هٽائي .... ا .. .. و ... مان تنهنجي ٻيڙين ٻڌڻ وارين آگرين تان صدقو . ... ٿ .....يا ... ڻ ... هہ ... اون ... اونهہ!

تون مهينو اڳ خوش چڱو ڀلو هہ ... هہ ...ئہ .. ين ... تو ٻڌايو هو تہ تو شاديءَ لاءِ ويهہ هزار بہ گڏ ڪري رکيا هہ .... هہ ...يا اا ... اونهہ! ... ا ... ڙي ...ي ، ڪو ملڪ

’اسان وڪيل ڪري پراڻي زماني جون ڳالھيون ڪولرايوسين تہ پوءِ ڪاڏي ويندين!؟‘
’ڪھڙيون ڳالھيون ڪولرائيندئو؟‘
’ڪمالان کي پڇائي، جيڪا پنج لڙھي دھري ڪٽي ويو ھئين!؟‘
محرم ھٿ جو ڪيس ٺاھيندي ڪيس ڏيڇاريو.
پر اڳيان بہ ناٿ ھيو، تنھن موٽ ڏنس. ’گھر ۾ ٿامي جي وٿي بہ ڪو نہ ھيوَ تہ سون وري ڪاڏھين آيؤ؟‘
شبو (شبانہ) جيڪو ٽرئنڪ تي چڙھيو ويٺو ھيو تنھن زور سان تاڙيون وڄائيندي ڪڪ ٿي چيو. ’جلدي ڪيو مال ورھايو .....! مان کي ميلي تي بہ وڃڻو آ ...!‘
’چڱو ٽرئنڪ تان تہ لھہ تہ کولي ڏسئون!‘ محرم ڪيس زور پريندي چيو.
سيني کي شڪ ھيو تہ ٽرئنڪ ۾ ڪو گھڻو مال آھي.
’اڳ ۾ اوھان ٽيپ ۽ ٽي ـ وي مان ھٿ ڪڍو!‘
’چڱو ٺيڪ آ.‘ محرم ۽ ڪمالان وراڻيو ۽ پوءِ ٽيپ ۽ ٽي ـ وي رکي ٿورو پرپرو ٿي بيٺا.
ڪمالان ڪلف کي چابي ھڻي، بسم اللہ ڪري ٽرئنڪ جو پڙ کوليو ۽ جڏھن منڍي ھٽي ڳولھا ڦولھا ڪيائين تہ ڪتابن ۽ پمفليٽن کان سواءِ ڪجھہ بہ نہ نڪتو. چوڻ لڳي: ’ھي ڏسو، چريي پاءُ جا ڪم، ٽرئنڪ ڪٽي ڪتابن سان ستي اٿئين، اھي ڪتاب پڙھي پڙھي تہ پاڻ کي بيمار ڪيائين.‘
شبو (شبانہ) ڪتاب ڏسندي بي مزي ٿي ويو.
’ھئي مُنيس! چڱو ٿيو، جو ٽرئنڪ ڪلي، نہ تہ مان ويچاريءَ کي ٺولھي جو مولھو ملي ھا.‘
’ٽرئنڪ ۾ ھٿ وڌا ھيئي تہ ھاڻي ڪڻ نہ ......!؟‘ رمضان، شبوءَ کي ٽرئنڪ ڪٽڻ تي زور پريو.
’ڪتابن کي باھہ ڏيندس ڇا .......؟ سڄا ڪتاب پڪوڙن وارن کي ڏيان تہ سئو روپيہ بہ نہ ٿئي ......!‘ شبو (شبانہ) وراڻيو.
سيئي منجھي بيھي رھيا تہ ھاڻي ورھاست ڪيئن ٿيندي؟ ڪمالان جو ٿابرو پٽ، جيڪو پاسي واري ڪيسي ۾ وڏل سينٽ جي اڌڙ شيشي، ماچيس ۽ خالي بال پين کي ھٿ سان سوگھو جھليون ويٺو ھيو، تنھن جون گھمندڙ ڦرندڙ نظرون، ڪنڊ ۾ رکيل کٽ جي ھيٺان، بيگ تي پئجي ويون. ھن رڙ ڪئي: ’امان، کٽ جي ھيٺان بيگ پئي آ.‘
جسيتائين ٻيا جھڪي ھيٺ ڏسن، شبو (شبانہ) ھانوَ جي باھہ کان ٻانبڙا پائيندو، کٽ ھيٺان گھري، بيگ ڇڪي ٻاھر ڪڍي آيو. کٽ تي رکي کوليائين تہ سيئي اچي بيگ مٿان بيٺا.
’گھڻا جوڙا اٿس ....!؟‘
ڳڻپ شروع ٿي وئي. ’ھڪ .... ٻہ .... ٽي .. چار ... پنج !‘
’پنج تہ نوان آھن!‘ رمضان ڏسي چيو . ’بيگ جا ڪيسا جاچيو.‘ محرم ڪياڙي ڪنھندي چيو. ڪيسا جاچڻ کان پوءِ ٻٽون نڪتو. ٻٽونءَ ۾ پئسا ھيا. ڳڻڻ شروع ڪيائون تہ ڪل ٻہ سئو پنجٽيھہ روپيہ نڪتا.
’ھاڻ تہ مان ٽيپ ۽ ٽرئنڪ ڪٽان نہ ...؟!‘ محرم، شبو (شبانہ) کان پڇيو. شبو (شبانہ) بيگ تي راضي ٿي ويو ، ڇو تہ ڪيس بيگ ڏاڍي وڻي وئي ھئي. تنھن ڪري ڪنڌ ڌوڻي ھائوڪار ڪري ڇڏيائين.
’بسترن جو ڇا ٿا ڪيو، ڪل پنج آھن!؟‘ رمضان تڪڙ ڪندي چيو تہ جيئن ورھاست ٿئي تہ جان ڇٽي. ’ٻہ مان، ٻہ محرم ۽ ھڪ شبو ڪٽي.‘ ڪمالان وراڻيو.
’ڪجھہ ڪپيو ئي نہ ٿو.‘ شبوَ جواب ڏنو
’توکي ڪنھن ٻي شئي ۾ ڪسر ڏينداسون!‘ محرم شبوءَ کي سمجھائيندي چيو. بسترن جي ورھاست کان پوءِ ڪٽن، ڪرسين ۽ ٽيبلن جو وارو آيو.
’ڪرسيون ۽ ٽيبل مان ڪٽندس، دوڪان لاءِ ...!‘ محرم والار ڪندي چيو.
’اللہ اللہ ڪيو ... رڳو مان مان لڳي پئي اٿوَ ... اھي ڪرسيون ۽ ٽيبل مان ڪٽندس، اسان کي نہ ڪپنديون ھن ڇاھ آئي وئي جي لاءِ ....!‘ شبو (شبانہ) ھاڻ ڪس ڪائڻ کان ٿابري واري ويٺو تہ ڪمالان ۽ محرم پاڻ ۾ ٻہ ٻہ ڪري ڪٽان ورھائي ڇڏيون.
’باقي ڇا بچيو؟‘ محرم پڇيو.
’ڪجھہ بہ نہ !‘ ڪمالان وراڻيو.
’ھاھ ڪجھہ بہ نہ .... رنڌڻي ۾ ٿانوَ ٿپا ناھن پيا ..!‘ ڪمالان جي ٿابري پٽ انڪشاف ڪيو.
سيئي وٺي رنڌڻيءَ ڏانھن پڳا. رنڌڻي ۾ ٻہ ديڳڙيون، ٽي چار چمچا، پنج ڇھہ ڪوپ، چانھہ جي ڪٽلي، تئو، ڪفگير، ڏوئي، بالٽي ۽ ھڪ ٻھاري پئي ھئي. ٿانون جا ٽي حصا ٿيا. ھر ھڪ ٿوري بحث مباحثي کان پوءِ پنھنجو پنھنجو حصو کنيو. اوچتو ڪمالان کي ياد اچي ويو. سٺ پائي غسل خاني ۾ گھري تہ ڪيس ڪجھہ نظر نہ آيو تہ ٻاھر نڪري پڇڻ لڳي: ’اتي جو اڌ صابڻ جو، آئينو، برش، ڪئنچي، سيفٽي ۽ بليڊ پيا ھيا، ڪاڏي ويا!؟‘
’محرم، اڳوڙي اندر ويو ھو.‘ رمضان شاھدي ڏيندي چيو.
’مان ناھن ڪنيا.‘ محرم جواب ڏنو.
’تلاشي ڏيڻي پوندءِ.‘ رمضان چيس.
’چڱو مان ڪنيا ھن! وڏو پاءُ آھيانس ڇو ايترو بہ حق ڪونھي ڇا!؟‘ پوءِ تہ شبوَ (شبانہ) جي تاڙ ٽپي شروع ٿي ويس. ’ڪڍ مال ٻاھر، چور ڏٺا!‘
’بس ڪر، پيلائو!‘ رمضان اکيون ڏيکاريندي چيس.

’بس ڪر ، ٽپڪي جا!‘
’باگڙ دلا!‘
’پاڪي مار!‘
’ٻڌايانوَ ٿو، چپٽين جي پورھئين ڪي چڏي، رڪ سان راند نہ ڪر!‘
’چوانءِ ٿي، اسان فقيرن سان نہ اُڇاءِ، نہ تہ چترن سان دمچي نہ ڪٽايانءِ.‘
پٽيڪو وڏي ويو تہ رمضان ھيسائڻ لاءِ ڪين ڌمڪي ڏني:
’مان تو چوانوَ تہ ، شرافت سان مڪ مڪاءَ ڪيو نہ تہ چونڪي تي وڃي جمعدار خانوءَ کي ٻڌائيندس تہ ڪو بہ حصي وارث ڪونھي. سيڪي پٽ ۾ لوڻ وجھي پائيوار ٿيا ھن.‘
خانوءَ جمعدار جو ٻڌي سيني کي نانگ سنگھي ويو. رد ڪد سان ڪمالان کي اڌ ڇاڻ ۽ ڪٿپچي ملي. شبو (شبانہ) آئينو کنيو ۽ محرم کي سيڪتي، برش ۽ بليڊ حصي ۾ آيا.
’پاڻ ۾ آھيون، نھت چڱي آ، باقي ڇا بچيو؟‘ محرم سمجھائيندي ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسندي پڇيو.
’تصويرون!‘ ڪمالان جي پٽ ڳالھايو. جيڪو وات پٽيون تصويرن کي گھوري رھيو ھو.
’ڪل ڇھ آھن، سيني کي بہ بہ اينديون!‘ رمضان حساب ڪندي ٻڌايو.
’مان انجمن ۽ ماڌوريءَ جون ڪٽنديس !‘ شبو (شبانہ) ڪرسيءَ تي چڙھي پٽ تي ٽنگيل پنھنجي پسند جون بہ تصويرون لاھي ورتيون. محرم بہ بہ تصويرون لاٿيون، جن ۾ فطرتي نظارن سج لھڻ ۽ اپرڻ جي منظر ڪشي ٿيل ھئي. پر ڪيس مزو نہ آيو تہ ھن شبو (شبانہ) کي ايلاز ڪرڻ شروع ڪيا.
’پاءُ ناھين .....! اھي تصويرون مان کي ڏي ... تون ھي ڪڻ ...!‘
’چڱو ، ھي ماڌوريءَ جي ڪڻ ... باقي انجمن تہ اسان جي گرو فنڪار آ، اُھا نہ ڏيندي سانءِ ... اتان وري ھڪڙي تون بہ ڦينڪ!‘
ايئن پنھنجي چڻن تصويرن جي مٽ سٽ ڪري ورتي.
باقي وڃي بہ تصويرون بچيون ھيون. ھڪ رجب جي، جنھن ۾ مرحوم ڪاري عينڪ پايون مشڪي رھيو ھو ۽ ٻي ڪنھن بين الاقوامي ڪامريڊ اڳواڻ جي ھئي. جيڪو ڪنھن ڳوڙھي سو چ ۾ ٻڏل ھيو. ڪمالان، مڙس ڪان پاءُ جي تصوير لھرائي سيني سان لڳائي.
باقي ٻي تصوير لاھڻ کان ڪيس منع ڪئي.
’ان ڪنجي جي تصوير نہ لاھجانءِ .....! مئو ڏسي تہ ڪيئن ٿو تڪ ٻڌي ... پلي وڃي دوست ڪٽنس، آخر انھن ويچارن جو بہ تہ حق آ!‘
ٿوري دير کان پوءِ، ھڪ ٻئي پٺيان، ٽي ڳڏھہ گاڏا اچي ويا. ھر ھڪ، حصي ۾ آيل سامان ڍوئي گاڏي تي رکرايو. سواءِ ھڪ تصوير جي، جيڪا ڇتايون خالي ڪمري کي گھوري رھي ھئي ......

*

# ساڏُ

دادن جي ٽڪريءَ تي، پنگ جو پيالو ھٽي، ڪچيون گاريون ڏيندي ۽ وتندي جڏھن جوا کيڏي رھيو ھيو تہ اوچتو نارو پٽنچ ٻڌايس: ”ادا سودا! تيڏا بآ مرتي کيلا ھي.“ پيءَ جي مرڻ جو ٻڌي ، ھٿ مان پتا ڇڏائي وڃي پٽ پيس، مٽ جيترا ڪٿيل روپئي روپئي جا مروڙيل سروڙيل نوٽ بہ ڪٽڻ وسري ويس. تيزيءَ سان ڪانھن جي نھيل اوڏڪن پکن ڏانھن برانگھون ھنيائين ، سرڪي (پکي) ۾ گھڙيو تہ پيٽس ۽ جوٽس، بين عورتن جي پاڪرن ۾ پار ڪيدي روئي رھيون ھيون. پٺھنس رامن خوف وچان ڪرونڊڙو ٿيو سُسيو ويٺو ھيو، مکي ھرچند پٽنچن سان گڏ ڪچ ۾ ڪيسري پٽڪو ڪيون بيٺو ھيو. بتيءَ جي جھيٽي روشنيءَ ۾ مکي ۽ پٽنچن جون تاندي جھڙيون اکيون ۽ ڪنن جون سونيون کيوٽيون پئي چمڪيون، ڪاوڙ ۾ مکيءَ جو ھڪ ھٿ وڏي اچي سندس پگڙيءَ ۾ پيو. ”ھائو ڙي سويا! تنھنجي ڪا ادا...! پٿھين تہ ايترو بہ ناھي سکيو تہ جنھن جا پيئر مردا آھن ، اُھي پگا ناھن پائيندا.“ مکي سندس پگڙي لاھي سرڪيءَ جي ھڪ ڪند ۾ لچلي ۽ پوءِ پنھنجي پگ ان جي مٿان رکيائين. آھستي آھستي ڪنڌ ۾ پگڻ، پوگڙين ۽ انگوڇن جو ڍير لگي ويو.
”واڌڻ ڪٽي لاش ڪچي چڏيو بابا!نہ تہ صبح سان وڏو ٿي ويندو!“ مکي اوڏڪو سونسو ڪندي رڙ ڪئي. وزيري پٽنچ نئين واڻ جي نوڙي ڪيدي لاش ڪچي، اھو ٺڪرو ڪوڏر سان ڪپي لاش جي سرانديءَ ڪري رکيو.
”نارو! ڪاڏي ڪاڏي ماٺھو مڪا ٿوَ؟“ مکيءَ پڇيو.
”مکي ، بادھہ وارن جيپرِوتن ڏي ، مديجي وارن ڳڏاھين ڏي، ڳيريلي وارن ڳرگٽن ڏي .. نارو واٺيو.
”اڙي لاڙڪاٽي وارن ڪروڙن ڏي بہ ماٺھو ڪيو، ڏوڪريءَ وارن ڏيواتن کي بہ ٻڌايو، ڪنڊياري وارن ڪليھن ڏي بہ مُنجو .... پيٽان سويو ساڏ ھو ، ڪو جھڙو تھڙو ھو ڇا؟“
’جي مکي!‘ ائين چئي نارو سرڪي مان پاھر نڪري ويو.
’ھائو مکي! چئين سچ ٿو، سويو مور ھو مور، وڏي مڃتا ھئي سوپي جي بابا! اوڏ تہ

چا پر گوچا (مسلمان) بہ فيصلن ۾ امين واريندا هيس!‘ ائين چئي هڪ همراه روئڻ ۾ ڇتڪي پيو.

’پائي! ڪو جهڙو تهڙو ساڌ هو ڇا؟ پيڙهاتو هو پيڙهاتو !....اڙي اداءِ ا ڄ هرچند اڪيلو ٿي پيو.‘ مکي هرچند جو هيانءُ پرجي آيو، ڳلي ۾ڪانگهارو اٽڪي پيس. هن زور سان کڱي ٻاهر اڇليو ، ڪانگهارو ڳلي مان نڪتو تہ ڪنڌيءَ جي ڪانن کي پاڪر پائي چنبڙي پيو.

’بس پائي! جنهن جو هتي بہ ڪپ تہ ، اُتي بہ!“ ٻي ڪراڙي اوڏ ٽڌو ساهہ کڻي ڳوڏ جي پلئہ سان نڪ جو ريشو اگهندي چيو.

”کهڙي بات ڪجي ، سوپي ساڌ جي پائي! ... آنڌي مانجهي ، ٽڌي ڪوسي، مَہُ جيءُ ۾ جاڏي هڪليس تہ گوهي نہ ڪندو هو ... ڪچهري ۾ چوندو بہ اڪر، پر نبيري وارا... اوڏڪي ڪل جو لال هو پائي ....! تڏهن تہ پڳوان گهر پري ڇڏيس، اهڙا ڀلا ڳڏه جو ڪنهن جي سرڪي ۾ نہ، اهڙي سيبتي ننهن جو ويڙها ڳول تہ نہ ليي ... پر پٽنهس ۾ اُها مٽيا ڪونہ ... بس ڏٽي اڳنان مت ڏيندس!‘ وزيري پٺنچ جي اها ڊيگهہ، سوڍي کي ائين لڳي جڻ لوسي ڳڏهہ ٻي مهلي هينگ ڪئي هجي، هن اندر ۾ ڪٿ ڪائيندي چيو. ’وزيرا! جي پيءُ مئل نہ هجي ها تہ ا ڄ پٽکو ڏوڙ ۾ رولياڻ ها، پوءِ جيکي ٿئي ها، ڏٺو وڃي ها“.

رکي رکي هوا جي جهوٽي تي اڇي چادر جو پلئہ لاش مٿان کڄي پئي ويو، جنهن کي ماٺهن هر هر پئي ٺاهي وڌو . سوڍي پيءَ جي لاش کي اڇرج وچان ڇتايون ٻيٺي پئي ڏٺو، جڻ ڪيس يقين ئي نہ پئي آيو ، تہ واقعي سندس پيءُ مري ويو آهي يا ڌرتيءَ تي نئون سنئون ٿيو ڇهندو ڪيون ستو پيو آهي. هن پڪ ڪرڻ خاطر، جيئن ئي پيءُ جي لاش مٿان چادر هٽائي تہ پٽهس جون ٻوٿيل اکيون ۽ بند ٿيل ساهہ کيس جهنجهوڙي وڌو. هو پيءُ کي ٻي اختيار چنبڙي رڙيون ڪرڻ لڳو، جڻ کيس گهري ننڊ مان جاڳائيندو هجي. ”بابا ....! بابا ......!“ سندس ٻي رخين اکين مان پاٽي ائين ٻنبي ڏئي ٻاهر آيو جڻ ڪوهہ ڪوٽيندي، ڳر ۾ ڪوڏر جو ليو لڳي ويو هجي.

”بس منهنجا لال بس ...! ڙي بس ......!“ مکي هر چند ڪٽي سيني سان لاتس، هڏڪين ۽ سڏڪين ۾ مکيءَ کي ننڍڙي ٻار جيان چنبڙي پيو.

”هين پيٽان ڳڏهہ! رنن وانگر ٿو روئين ... اڙي مڙس ٿيءُ، زندگيءَ جو ٻار ڪيئن ڍوئيندين؟“ مس مس سمجهائي ، مکيءَ تڏي تي ويهاريس.

رات جي پيٽ ۾ الائي ڪٿان ڪٿان اوڏڪو را ڄ ڄام پور ۾ ڪهي آيو هيو ، جن سوپي جون ڳالهيون ۽ ڳڻ ڳائيندي ساري رات اکين ۾ ڪاٽي ڇڏي.

ڪو ماٺهو ٻيهي هٿ مٿي ڪري، ايڏي گهري، ٻہ هٿ موڪري، پنج هٿ ڊگهي قبر تيار ٿي وئي هئي. ڪچڙي منجهند جو سوپو سينگارجي گهران ٺٺري (ارٿي) تي ڍونڍڪارن ۽ اوڇنگارن ۾ ڪڍيو تہ مکيءَ ماٺهن کي جهليو: ”پائي نہ روئو ....! پنهنجي ڌرتي ماتا ڏي ٿو وڃي ، مٿان ماتا ڪاوڙجي ڪيس پيڙي نہ!“

سوپي جو لاش ڏاڍي ڏيرج ۽ آهستگيءَ سان قبر ۾ رکيل نئين رلهيءَ تي لاٿو ويو. مٿان چادر جهلي مٿي آهستي آهستي ريڙهي وئي ۽ ڌرتي کيس ائين ڍڪي امرلٽ ڪري ڇڏيو جيئن ماءُ پنهنجي ٻار کي ڪپڙي جي پلئہ سان ڍڪي ڇڏيندي آهي.

ڪانڌين ڪانڌپو ڪائي بس ڪيو تہ سوڍي کي مٿن وهنجاري سنهنجاري، ٺاهي نڪي، وٺي وڃ تڏي تي ويهاريو ، مکي پٺنچن ۽ چڱن مڙسن ڪيس را ڄ اڳيان ور ورائي نئين پڳ ٻڌائي ، هرچند مکيءَ جي حيثيت سان کيس نصيحت ڪئي : ”پُٽ سوڍا! تونجو پيءَ اوڏان ويو، جاڏي سڀ ڪو ويندو آ.. ا ڄ گهر جو وڏو تون آ... را ڄ ۾ اُتي ويٺي توکي ڪرڻي آ ... هاڻي تون اهو ناهين جو ٻاراٽيون ڪرين ۽ را ڄ سهي“.

سوڍي کي مکيءَ جي نصيحت ائين لڳي جڻ را ڄ اڳيان کيس لٺ اولاري کڏي هيائينس تہ اڳتي خرمستيون ۽ چلولايون بند، نہ تہ جيئن سمجهي ٿو. پيٽيوي رانول ، جڏهن اوڏڪي رسم مطابق ڳڏهہ جا آٽر آٽي هٿن تي رکيس تہ هن کي ائين لڳو جڻ چيو هجيائينس تہ هاڻي هو ننڍڙو ڪوتڙو ناهي، جيڪو زماني جي ٻارن ڪان آجو پستيءَ تي پستي ڏيندو وتي. هاڻي هن کي پڙ ڳڏهہ جيان زماني جا ٻورا مڙسيءَ سان ڍوئڻا پوندا. ان سمي، پيءَ جي هڪ هڪ ڳالهہ ياد ڪندي اُٿلي پيو تہ پٽهنس هوندي ڪيس ڪنهن ڳالهہ جي لکائي ڪونہ پئي هئي. هن تہ ماءُ مئي بہ پاڻ کي ڇورو نہ سمجهيو هيو پر هاڻ پاڻ کي ٻي واهو ٿي سمجهيائين. جنهن کي هر ڪنهن ٻڌائي چيو تہ ڪوئي بہ ڪونهي جيڪو سندس ڪئي جا ڏنڊ پري، ڇل ڪپٽ اکين تي رکي، اهڙيون ڳالهيون ذهن تي رکندو ويو تہ اکيون ، پنل لئي جون ٺاريون ٿي ويس، جن کي انگوڇي جي پلئہ سان هر هر پئي اُگهيائين.

مکي، پٺنچ ۽ را ڄ جا ماٺهو ، پنهنجا لٺل پٽڪا، پٽڪيون ، انگوڇا چنڊي ڦوڪي مٿن سان ٻڌي چڪا هيا . سڄي رات ۽ ڏينهن جي اوجاڳي ۽ ٿڪ ڪري موڪلائڻ لاءِ آتا هيا. هن اُٿي ، ويٺل نڙيءَ سان سڄي را ڄ کي ڪرٽين جو ٻڌايو : ”پائي !ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ ڪرٽين جو ٻڌو هجيوَ! “ را ڄ وارا ڪرٽين واري ايندڙ وار جو حساب آڱرين تي ڪندا اُٿي ويا.

ڪرٽين واري ڏينهن تي، جڏهن نياٽين سياٽين ڏاڳي ٻڌل ڪوري دکيءَ مٿان رکيل ماني ڳيو ڪائي ٻاقي ٻچايل ٽڪر ۽ جل دان ڪري سوپي جي قبر طرف اڇلايو تہ براهمڻ شنڪر لال سوڍي کي ٻڌايو: ”پائي! هاٽي تنهنجو برت پورو ٿيو.“ هن اڇا مانيءَ جو گرهہ پچي منائي ۽ گيهہ ۾ ٻوڙي وات ۾ پئي وڌو تہ مکي پڇيس. ’پائي! ڪرٽيون تہ خير سان ٿي ويون، هاڻ سکو ڌاڙ ڪڏهن ڪنڌين؟‘ هن کي لڳو جڻ مکي کيس ساهي پٽڻ نہ ڏيندو. هو اڇا وپچارن ۾هيو تہ ڪهڙو جواب ڏي تہ مکي لفظن جون وري ٻيون سونٽيون وهائي ڪڍيس: ”سوڍا! هتي پٽهين جي وهي وارا ويٺا ٿي، جنهن ڪان وٺئي، تنهن ڪان پڇ تہ ڏاڏنهن سيتل جي ڪرٽين جي ٻي ڏينهن تي سوپو، جيءَ چڙهيو، چئي: مٿان بابي جي آتما کي ان ۽ جل جو دان نہ ملي ، تون ٻڌاءِ، پنهنجي پيءُ جي آتما کي گهٽا ڏينهن

سڪائيندين ....؟مهينو اڌ، سال يا سدائين لاءِ؟‘

سوڍو سمجهي ويو تہ مکي سندس اندر جي گدڙ کي سڃاڻي ورتو هيو. هاڻي ڪيس سڄي را ڄ ۾ ڏنو پئي ڪيائين، سوڍي جنهن سڄي عمر رڍيءَ ۾ گذاري هئي، سو ڪاٿي پئي مڙيو. مکيءَ کي مند جي پڌائڻ ۾ دير ئي نہ ڪيائين:

”هونهہ!..... بار گڏهہ تي چنگهي ڪوتي.... مکي! ساڍن جا پٽ ٿيندا ڪو تنهنجا يا چورن جا تہ ڪونہ ٿيندا.... هفتي ڪانپوءِ پلي مهاراج گهرائي سکو ڏاڻ ڪرايو.“

مکي اهو سوچي ڪيس ڪا ورندي نہ ڏني تہ گپ گپ سان نہ ڏوئبي آ. هن مهاراج شنکر لال سان سس پس ڪري اها صلاح ڪئي تہ جي وارو ڏنو ٿئين تہ جاڻو هٽي ڪيڏجيس هن پوءِ وڏي واڪي ويٺل را ڄ کي ٻڌايو : ”ٻڌو هجيو پائي... آرتوار آتوار اٺ، نائون سوموار، ڏهون منگل وار ... منگل وار تي سکو ڏاڻ ٿيندي.“

سکو ڏاڙي واري ڏينهن تي سوڍي جي سرڪي ۾ تر چٽڻ جيتري جاءِ بہ ڪونہ هئي. جنهن ٻڌو هيو، سو آيو هيو. ڪو سڏ تي، ڪو بي سڏيو رونشي خاطر.

سرڪيءَ جي اڱڻ تي، وڻن هيٺان وچ تي مکي هرچند ، سوڍو ۽ مهاراج شنکر لال ۽ پاسن کان پئنچ پلٿيون هنيون ويٺا هيا. مهاراج شنکر لال پاڳيرٹ جي ڪٿائن سان اوڏکو را ڄ ريجهايون ويٺو هيو.

”سائين ڪانن جي نئين مڙهي تيار آ.“ وزيري پئنچ سرڪي ۾ گهرندي مهاراج جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو.

”هر شيءِ تيار ڪري رکي اٿو ... ڪانن جو پيرو ، جل پريل دلو، پرساد ۽ چئومکي واري ٿالهي؟ “ مهاراج پڇيو.

”هر شيءِ تيار آ.“ پئنچ وراڻيو.

” بس تہ پوءِ اُٿو!“ مهاراج سيني کي اُٿڻ جو اشارو ڪيو. مڙهيءَ ۾ گهرڻ کان اڳ، سوڍي ۽ شنکر لال جدا جدا شنان ڪري، پنهنجي پنهنجي ڍنگ جا ڪپڙا پهريا. ڪانن جي مڙهيءَ اندر مهاراج ۽ سوڍو گهريا، باقي سڄو را ڄ، مکي ۽ پئنچن سان گڏ ٻاهر بيٺو رهيو.

سوڍو انگوڇي جو گهونگهٽ هنيون. مهاراج اڳيان، ڪنهن نويل ڪنوار جيان ڪنڌ جهڪايو ويٺو هيو. مهاراج منتر ۽ اشلوڪ پئي پڙهيا. سوڍي ائين پئي پاسيو ڄڻ مهاراج ڪيس هڪ نہ سمجهندڙ دنيا ۾ پٽيون ڪنيون پئي ويو. انهيءَ ڪري ڪيس هڪ عجيب قسم جي آسيس ۽ فرحت پئي آئي.

جڏهن مهاراج منتر پڙهي پورا ڪيا تہ هن ٻن پتل وارين ٿالهين کي جيڪي مڙهيءَ جي ڪنڌ ۾ رکيل هيون، سوري وچ تي ڪيو. هڪ ٿالهيءَ ۾ ڪوپرو ، چونهارا ۽ پرساد پيل هيو، ٻي ٿالهيءَ جي وچ تي اٽي جو چئومکو ٻري رهيو هيو. پاسن کان اٽي جا ٿي چاٽا پيا هيا. هن هڪڙو ٻوتو ڪٽڪ جي اٽي مان ۽ ٻيو مانهہ ۽ مگن جي اٽي کي ملائي ٺاهي، ٻنهي ٻوتن جي نرڙ تي سندور جو ڳاڙهو ٽڪو ڪڍي پوءِ سوڍي کان پڇڻ لڳو:

”پائي سوڍا مل! تون مري ويل ساڌ جي، جيءَ چڙهين ٿو؟“

”جي مهراج!“ ، سوڍي آهستگيءَ سان وراڻيو.

”ڪام ، ڪروڌ ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار کان پاسو ڪندين؟“

”هاء مهراج!“

”آسري گڻن، پکنڊ ، گهمنڊ ، ايمان ، ڪروڌ، ڪٺورتا، ۽ اگيان جي اوڏو نہ ويندين؟“

”نہ!“

”هميشہ سچ کي ڌرم سمجهندين؟“

”ها مهراج!“

”سوڍا جي تون پنهنجي وچن جو پالن نہ ڪيو تہ توکي ڪشٽ پوڳٽا پوندا، تنهنجي پوجيہ پتا جي آتما رلي ويندي، تنهنجي ڪئي جي پوڳنا، تنهنجو ٻالڪ پوڳيندو، تنهنجو پريٽام اهو ٿيندو جو تون اڳلي جنم ۾ ڪتي جي پيٽ ۾ ڪينئي جي صورت ۾ هوندين.“

مهاراج شنکر لال جون سُر سان ڊيڄاريندڙ ڳالهيون ٻڌي سوڍي کي هيڪر جوڄکي آئي تہ چئي ڏي: ”ڪڻ پنهنجو ساڌپو، مان هي ٿو وڃانءِ، اهڙو سون ئي ٻَن ، جو ڪَن ڇني.“ پر چئي نہ سگهيو جو اهو بہ سوچيائين پئي تہ جيڪو ٻڌندو سو کلندو ۽ سڄي عمر ماڻهن کي منهن ڏيکارڻ جهڙو نہ رهندو.

مهاراج اوُتارن جون ڪٿائون ٻڌائيندي آخر ۾ نصيحت ڪندي چيس: ’سوڍا! ا ڄ کان وٺي تون سچ جي ٻيڙيءَ تي سوار آن، سچ جي ٻيڙي لڏندي آ، پر ٻڏندي ڪونهي. ڀڳوان جي پيارن کي پيون ڪٺنائون ايندِيون آهن، جيڪو انهن مان پار پيو ، تن ڪٽيو.“

مهاراج جون اهڙيون سپاويڪ ۽ وٽندڙ ڳالهيون ٻڌي ، سوڍي جو اندر ماٺار ۾ اچي ويو. پڪو ارادو ڪري ڇڏيائين تہ جي ڪلهو ڏنو آ تہ نڀائي وڃبو پر پيءُ جي آتما نہ رولبي، نہ پاڻ اڳلي جنم ۾ ڪتي جو ڪينئون ٿيندو ۽ نہ وري پنهنجي ڪرمن جو ڪڙو ڦل رامن کي ڪارائيندو.

مهاراج وري اشلوڪ ۽ منتر پڙهندي ٿالهيءَ مان بہ ٻوتا ڪٽي مڙهيءَ جي ڪنڊ ۾ رکيل ڪانن جي پيري ۾ وڌا، پوءِ ڪوري دلي ۾ پيري جو پئنچن کان ٻهراٽو ڪڍرائي، پرساد جي ٿالهيءَ سان گڏ سوڍي کي وٺي مڙهيءَ مان ٻاهر نڪتو تہ سوڍي کي چوڌطرف واڌاين جي آوازن ۽ مهاراج کي هٿن جو گهيرو ٿي ويو، جيڪي ڪانئس پرساد وٺي نہ ڄڻ ڦري رهيا هيا.

”واڌايون سوڍا!..... واڌايون پائي!.... وا.... ڌا..... يون.......“ واڌاين جي مڌر آوازن تي سوڍو اندران ئي اندران ٻلوان ٿيندو پئي ويو . ڪيس وشواس ايندو پئي ويو تہ هاڻي هو اڳيون پاڪنڊي ، ٺڳ ۽ چور سوڍو ناهي رهيو. هاڻي سندس اندر مان هڪ نئين سوڍي جنم ورتو آهي، جيڪو سچو، ڌرمي ۽ ديوتائن جو ماڻهو آهي. هن جو پاٺمرادو ڪنڌ

جهڪي ويو هيو. نظرون زمين تي کپي ويون هيس، ڪميا ۾ ڏيرج سان پئي هليو. هر ننڊي وڏي اڳيان پئي جهڪيو. هن کي ڏسندي مکي هرچند ڪي ته جڻ يقين ئي نه پئي آيو ته ڪڏهن پاپي شخص جي به ڪا ائين ڪايا پلٽجي سگهي ٿي.

هفتي اندر نه صرف مکي، پر پنچ به اچرج ۾ اچي ويا هيا. جڏهن وزيري پئنچ جهڙي مخالف ، جنهن کي اڳ سوڍو ڏٺي نه وڻندو هيو، تنهن به پئنچن جي ڪچهريءَ ۾ سوڍي جي ساراهه پئي ڪئي: ”مان کي هاڻي لڳي ٿو ته سوڍو ، سوڀي جو پٽ آ، نه ته پڳوان ٿو ڄاڻي اڳي شڪ هو.“

نارو پئنچ جنهن وينٺي چلم چڪي، نڙ هٿ مان ڇڏائجي هيٺ ڪري پيس: ”اهو وري ڪيئن؟“ هن پٽ تان نڙ کڻندي وزيري کان حيرت مان پڇيو.

”ڪلهه ڪو سوڍي سان وڏيري جو ڪمدار سير ۾ڪڏيو ، چيائينس ته، هزار سوا ڪانو ڪَڙ ڪڍائڻي آ، تنهان اوڏن ۾ کهڙو هوشيار آ ڪاٽيءَ ۾، جو جهٽ ڪري ڏي، ته مانجو نالو ڪنيائين. اچئي ٿي پٽ!؟“

”تون چوين ٿو ته پٽ اچي ٿي، نه ته تنهنجو نالو وٺندي ته ڪتڙيون چڙهنديون هيس. اڳي ته تنهنجا نهيل ڪم به ڏاهيندو هيو؟“ نارو عجب مان وراڻيو.

”چڱو ٿيو پائي! پلي پلي پاڻ آئي ، سا به نه ڇئبو پلي!“ مکي سڪ جو ساهه کڻندي چيو ۽ پاڻ کي هلڪو محسوس پئي ڪيائين.

”پر اجا ته پاڻي به ناهي پيني، مکي اڳتي ڏسجي ته کهڙا ٿو ڪلياڻ ڪري؟“، نارو کي اجا به ڳڻتي هئي ته سوڍو ڪهڙي مهل به بلٽ کائي سگهي ٿو.

اهو چئوبول نه صرف چئن چڱن جي ڪچهريءَ ۾، پر محمدي گوڇي جي چانهه جي مانجڙيءَ تي به لڳو پيو هيو. سيئي ڏٺل وائٺل ۾ سندس جُهٽ حيران هيا ته سوڍو جيڪو پهرئين درجي جو ڪوڙو، قسمي، جواري، چور، نڳ ۽ اوڙي پاڙي جي ننگن جو دشمن هيو، سو ڪيئن سنت ٿي ويو؟ جيترا وات اوتريون ڳالهيون هيون، ڪنهن ڪيئن پئي چيو ته ڪنهن ڪيئن.

سيتل جيڪو ايرڪا جي آنچ ۾ جلي رهيو هيو، تنهن پڙڪو ڪاڍو: ”ماڻهو ڪجهه به چون ، پر مان کي دل سان لڳي ئي نٿي ته سوڍو ۽ ساڌ .... ؟ ساڌ ٿيڻ ڪو پوڳ يا مشڪري آ ڇا؟ مکڻ سيخ پڇائڻو آ، مکڻ سيخ ... مڙيئي مُکي ، گڏهه جي مٿان گهوڙي جا سنج رکيا هن.“

”تون چو ٿو ارهو ٿئين ... جنهن کي ڏٺي سمڪ ڏي ته دير ئي ڪانهي.“ شهزادو جيڪو سوڍي جي ساڌ ٿيڻ تي سرهو ۽ سنتوش ٿيو وينو هيو، تنهن ورندي ڏنس .

”مان ارهو نٿو ٿيان پر سچ ٿو چوان .... سچي جڳ کي خبر آ ته ٿيون ورهيه ، مانجو پٽ، گڏهه لغڙي چوري ٿي وچي پار واري قراني حاجي ڪوڙي کي پهتو هو، خبر پاڻ کي ٿي ته حاجي ڪوڙي وٽ شيءِ پهتي ته جڻ درياهه لوڙهي ويس.گڏهه ته نه موٽيو پر اها پڪ پئي ته چور سوڍو آ. غلامو دايو ۽ ممو نوناري جهڙا حرامي ڪاٽڪو روبڪا بيهاريامانس ته به نه باسيائين، ٿانَ جو قسم پئچائت اڳيان ڏنو مانس ته به ائين ڪٽي ويو جڻ پاڻيءَ جو وٽو پي ويو... تون اِلائي ڇا ٿو ڳالهائين؟“ سيتل سگريٽ دکائي مُنٺ تي ڪچ هٽي وري نڙيءَ تي زور ڏنو : ”هيڏي شهزادا!....تون خوش نه ٿيءَ ته جونءَ ننڊ ٿي ... هي سيئي بڏني ٿا.... به تي ڏينهن ٻيا گذرڻ ڏي، جي سوڍو اجا حرامي نه نڪري ته ماجي ڏاڙهي مٽ سان ڪوڙجانءِ!“ مانجڙيءَ تي ويٺل سيئي کلڻ لڳا، ته شهزادي جو ماتا وارو چچريل چهرو صفا رنگ ڇڏي ويو. سيتل جي اوڙاپي، نڙ تي گهنڊ وجهي ڇڏيس ۽ هو دهوڙجي ويو ته جي سوڍو اجا حرامي نڪتو ته پوءِ هن جي ننڊ ته ڄاڻي حرام ٿي ويندي. هن کي لاڏڪي پنيان لڪي لڪي ڪڍ لڳڻو پوندو . هن دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيو ته هاڻي جي ڪيس ٻئي ڪنهن واهه جي گهير ۾ ٻٽ هٿ اچي ويا ته اوڏڪي رسم پنج (طلاق) جو نه سوچيندو، سنئون سڌو ٻروچن وانگر ٻنهي کي ڳيا ڳيا ڪري کهاڙي لوڏيندو وڃي ٿاڻي تي پيش پوندو. اهڙو تصور ڪيائين ته ڏکي ويو. نڙ تڪڙ ۾ ڪوسي چانهه جو ڊُڪ هنيائين ته خيال مٽ ٿي ويس ، ته پوءِ وري پهريان کان ابتڙ ٿي سوچڻ لڳو: لاڏڪي ڪجهه به ، پر سندس سرڪيءَ جي سونهن آ، سچي را ڄ ۾ ڪو سندس پير جي پنيءَ مَٽ به ڪونهي، تڏهن ٿو هر ڪو سڙي. اڳ ۾ سيتل ته پنهنجي ڦنجهي جوءِ سنيالي ۾ پوءِ ٻين ڏي لُچل

ڏي. هن جڪون ڪائيندي سيتل کي آخرڪار ٺاهوڪي موٽ ڏني: ”سچ آ ادا، ته ڪتو ڪتي کي ناهي سهندو ، هاڻ سوڍو ٿيو آ ساڌ ته توکي هيانوَ ۾ ڦٽ ٿي پيا آهن !“

”پوءِ رک پلا شرط ته سپاڻي آزمايونس، جي هوندو ساڌ ته اڳيون پويون سچيون ڪندو . نه ته اڳي وانگر قسم ائين رهڙي ويندو ، جيئن ٻڪري سگر ڪائي وڃي... ڪيئن محمدا؟“ محمدو جيڪو چانهه کي ميرانجهڙي ڪپڙي سان ڇاڻي ڪوپن ۾ وجهي رهيو هيو، سيتل تنهن جو ڌيان ڇڪائيندي چيو:

”ٿي وڃي شهزادا!“ محمدي ٻين ويٺلن گراهڪن کي اک هڻندي شهزادي کي ٽيڪر ڏني. شهزادي ٽيڪرن کي سمجهندي به سيتل سان سئو روپين جي شرط لڳائي ڇڏي. ڇو ته ڪيس اها پڪ ڪرڻي هئي ته سوڍو واقعي ساڌ ٿي ويو آهي يا اجا ڪو ڦند ڦير اٿس؟ جي اٿس ته پوءِ لاڏڪي سان وري اوئين ئي وهنوار رکي.

صبو ح جو سج نه اُڀريو ته سوڍي کي سرڪي ٻاهران سڏ ٿيو . سوڍو ، ’رام نام ست هئي‘ چوندو ٻاهر نڪتو. ڏٺائين ته سيتل ، شهزادو ۽ محمدو بيٺا هيا. هن سيني کي وڏي وڃي نوڙت سان هٿ ڏيندي چيو: ”پائي حڪم!؟“

”حڪم خيراچاء، حوال پو ڄ!“ سيتل وراڻيو . سوڍو سمجهي ويو ته ڳالهه ڪا ڏکيرڙي آهي. هن سيني کي سڏي اڱڻ ۾ کٽ تي ويهاري پڇيو: ””ڏي ادا! حوال.... جيءُ؟“

”حوال خيرا! ڇي سوڍا .... توکي ياد آ تہ مانجو ڳڌهہ چوري ٿي ويو هو . توکي شڪ ۾ ساکۮ بہ ڏني هيم ، پر پڳوان ٿو ڄاڻي مانجو دلئون شڪ نہ لٿو هو. هاڻي جڏهن ڪان تون ٿيو آ ساڌ ، تہ تنهنجي زبان تي ايتبار آ. رڳو هڪڙو دفعو ساڌڪي زبان سان چئہ تہ تونجو چوري ۾ هٿ نہ هو تہ هي ٻئي ڄڻا ٻڌني ٿا تہ مان يا حياتي شڪ جو لئوظ بہ نہ آڻيندس... توسان گڏ ياسي، ٻيو مڙيئي خير!“

سوڍي کي ڊکر چڙهي ويا. کي گهڙيون تہ اندر جي ساڌ ۽ چور جي ڪشمڪش هلي، پر پوءِ گروءَ جي نصيحت ياد آيس، تہ سچ واري جي ٻيڙي لڏندي آ، پر ٻڏندي ڪونهي، نيٺ سندس اندر جو ساڌ ڪُوڙ جي پيئو ساگر مان ٿاقوڙا هڻندو اچي سچ جي ساحل تي رسيو.

”گهرجي بہ خير پائي!.... مان آزي مجي!“ سوڍي ٻانهون ٻڌي چوري باسي. ’ساڌ، پاڻ نبيرينديں يا پئنچائت ...؟‘‘ سيتل پڇيس. ’واڙ مان جيڪو ڳڌهہ وٺئي، سو وجي ڪاهہ ...!‘ سوڍي اتي جو اتي پاڻ نبيرو ڪندي چيو تہ متان ڳالهہ وائرجي ۽ بدنامي ٿئي.

سيتل اهو سوچي دير ئي نہ ڪئي تہ زبان آ آلو لڪڻ، متان پوءِ سوڍو ڦري وڃي. ڊکي وڃي واڙ مان پلوڙ ڳڌهہ ڪڍيائين ۽ سوڍي جي هانوَ تي مگ ڏريندو هليو ويو. لکان، سرڪيءَ جي وٿين مان سڄو تماشو پئي ڏٺو ۽ ٻڌو پر پوءِ بہ پڪ خاطر پڇيائينس تہ سوڍي ٿڌو ساهہ کڻي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايس، لکان کي پهريون دفعو ويسهہ آيو هيو تہ سوڍو ڪو سچ بہ ڳالهائي سگهي ٿو.

محمدي جي مانجڙيءَ تي ميلو لڳي ويو، جنهن ٻڌو هو تنهن کي ڏندين آڱريون هيون. سيتل ۽ شهزادو خوشيءَ ۾ ڪٽي نٽي ماپيا. اهڙي ڳالهہ ٻنهي پائرن درشن ۽ ٻيلي ٻڌي تہ دير ئي نہ ڪيائون، ڊگ پڄندا اچي سوڍي جي سرڪيءَ ۾ پهتا. هنن کي ڏسندي سوڍي جو هياءَ ڪلڄي ويو. پر دل ٻڌي مُک تي ساڌ کي مرڪ سڄائيندي کين ڪيڪاريائين: ”پائي! جي ڪيانوَ!؟“

”اسان کي خبر پئي آ تہ هاڻي تون سچو ساڌ ٿي ويو آ؟“ ٻيلي پڇيس. پاڻس درشن ٺيڪر ڏنس : ”چو نہ ٿيندو سچو ساڌ، پت تہ نيٺ ٻٽيات تي ويندي نہ!؟“

”جيئن سمجهو پائي!“ سوڍي نهٺائيءَ سان جواب ڏنو.

”اسان تڏهن سمجهئون جڏهن اسان کي بہ پنهنجو حق ڏين!“ ٻيلي سنئين سڌي ڳالهہ ڪيس.

”کهڙو پائي!“ سوڍي سمجهندي بہ، نہ سمجهڻ واري انداز ۾ پڇيس.

”ياد ڪر، اتر ..! جيڪو دينا داستي ڪائي ويو هئين، ٻيو ڪهڙو؟“ ٻيلي ٺورو تکو ٿيندي ياد ڏياريس. هوئنئن تہ هن کي سڀ ڪجهہ ياد هيو تہ ڳڏهن جي سؤدي ۾ هن اتر ڏيڻو ڪيو هيو پر پوءِ اتر ڪان آنگوٺو ڪڍي ڏنو هيائين. هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ پري ڏي يا انڪار ڪري. انڪار ڪرڻ لاءِ گنجائش ان ڪري ڪونہ هئي، جو گروؤ سان ٺيل وچن جو پالن پئي ياد آيس. پري ڏيڻ لاءِ اندر جو گهمنڊي سوڍو پت لڳو بيٺو هيو، جنهن کي اورانگهڻ يا پچڻ ڏکيو پئي لڳس. هن همٿ ڪري گهمنڊ ۽ اهنڪار واري پت اورانگهي تہ زبان ڏوهہ باسي ويٺي: ”ها، پائي!ياد آيو.“ ائين چئي سرڪيءَ ڏانهن پڳو، پيءَ جي ڪاٺ واري صندوق کولي پنج سئو روپيا ڳڻي اچي ٻيلي جي هٿ تي رکيائين. گهر وريو تہ وري بہ لکان پڇيس تہ هن پنهنجي پاپن جي ڳالهہ پيرائتي ٻڌايس. لکان کي سوڍي تي سورنهن آنا يقين اچي ويو تہ سوڍو اهو ناهي رهيو ، جيڪو ڪوڙن جو گهڙيل هوندو هيو ، هاڻ جيڪو بہ پڇبس تہ ڌڌڙ ۾ پير نہ هڻندو ، لکان اها ڳالهہ دل ۾ رکي خاموش ٿي وئي.

رات جو لکان گهر جا ائوڪا پئوڪا لاهي رامن کي ٻي کٽ تي سمهاري سوڍي جي گوڏن ڪان ويهي ڪيس زور ڏيڻ لڳي تہ سوڍي جي ڏکندڙ لونءَ لونءَ کي فرحت پئي آئي:

”راموءَ جا پيءُ ...! توکان هڪڙي ڳالهہ پڇان؟“ لکان چيس.

”پڇ!“

”سچ تہ ڳالهائيندين نہ؟“

”اڄي توسان ڪوڙ ڳالهايو ٿم ڇا؟“

”اڄي ڪوڙي سوڍي ڪان پڇندي هيس، هاڻي سچي ساڌ ڪان ٿي پڇان.“ سوڍي ڪان چرڪ نڪري ويو. هن کي هُٽ ڪُٽ ٿيڻ لڳي تہ هاڻي وري الائي ڪهڙي ڳالهہ مُنهن ڪڍندي ، مجبوريءَ ڪان چئي ويٺو: ”ڀلي پڇ!“

”رڳو اهو ٿي پڇانءِ تہ لاڏڪي تنهنجي پيڻ سمان هئي يا سريت؟“

سوڍو کي گهڙيون تہ گهوماٽن ۾ اچي ويو. هن تہ ائين سمجهيو هيو تہ هن وقت تائين لکان سندس ڪوڙن کي سچ سمجهندي رهي آهي، پر ا ڄ ڪيس لڳو تہ عورت ذات بيوقوف ناهي، جيئن هو سمجهندو آيو آهي.

”لکان! مان پاپي هيس ....... اڳ مان توسان ڪوڙ ڳالهايو هيو.“ سوڍو لکان آڏو پاڻ هاري ويٺو.

”تون تہ مان سان ڏاڏي مَنشي جي قبر تي هٿ رکي ساکۮ ڪنئي هئي؟“

”ان ڳالهہ کي ڇڏ لکان، جيڪا ٿي سا گذري!“

سوڍي سندس ڪانچڙيءَ ڪان ڇڪي ”پر ۾ سمهارڻ پئي چاهيو پر لکان ٻاهہ جي ڄر ٿي وئي. پڙڪو ڪائي ڪٽ تان لهي ٻيٺي: ”مان بہ ڏاڏي مَنشي جو قسم ڪنيو هيو تہ جي تون لاڏڪي سان هوندين تہ پنج ڪرائيندس.“ سوڍو جيئن سمجهائڻ لڳس تہ لکان ڪاڪڙو ڪرڻ لڳي. سوڍو خاموش ٿي ويو تہ متان ويڙهي ۾ خواري ۽ ڪو نئون ٻنبال ڪڙو نہ ٿئي، سو خاموش ٿي کٽ تي اڪيلو ليٽي پيو تہ امرت ويلا تائين لکان ڪجهہ ٿڌي ٿي ويندي تہ هو ڪيس ڌيرج ۽ پيار سان سمجهائي ڇڏيندو .

امرت ويلا جو ٻئي اُٿي ڪڙا ٿيا هئا، پر امرت ويلا زهر ويلا ٿي وئي، لکان ڏاج واري پيتي ۽ رامن کي ڪڻي ٻاهر نڪتي تہ ٻنهي جي وچ ۾ ڇڪ ڇڪان ٿي وئي. جنهن نہ ٻڌو هيو

تنهن کي بہ خبر پئجي وئي تہ لکان چو ٿي رڙي وڃي. ويندي ويندي ڪيس ڌمڪيون بہ ڏيندي وئي تہ سياڻکي سڄ ۾ پئنچائت ڏانهن پيڪا موڪلي ساک تي پنچ ڪرائيندي ، هن کي ڪجهہ بہ سمجهہ نہ پئي آيو تہ ڇا ٿيندو، جڏهن پئنچائت ڪانئس ساک پت گهرندي؟ جي سچ ڳالهائيندو تہ سندس هڙ هلي ويندي. جي ڪوڙ ڳالهائيندو تہ جنم جنم جو پاپي ٿيندو ، پٺهنس ڪشٽ پوڳيندو. هن کي ساڌپي کان نفرت ٿيڻ لڳي. پر ڏڌو ڪير ٿٽي ڪيئن وڃي؟ ڪيئن اهو ساڳيو چور ۾ ٺڳ ٿئي، جنهن سان سڀ ڪو سڌو هيو. هن پنهنجي ذهن کي ائين ولوڙيو جيئن ڪير ۾ سيباڻ وجهي چاڏيءَ ۾ ولوڙبو آهي. ٿوري دير ڪانپوءِ سٽپ جي ڦٽين جيان ذهن تي ڳالهہ تري آيس تہ جنهن ڪيس ساڌپي جو سنگهر وڌو هيو سو ئي لاهي سگهندو. هن پڪو پهہ ڪيو تہ ڪيئن بہ ڪري ان جنجال مان جان آجي ڪرائي. پوءِ ڪٽي گروءَ اڳيان گهرڻان ۾ گيسيون ڪرٽيون پونس پا ڏن جي جهجهي دان سان رام ڪرٽو پويس. ان کان اڳ جو ويڙهن ۾ هُو هواءِ ٿي، را ڄ ڳڌ ٿي، پڇ پڇ ڪريس، سوڍو اُٿي ڪڙو ٿيو .....

شهر، ڳوٺ کان پرتي ڪونہ هيو. ڪلاڪ اڌ جو پنڌ هيو . مهاديو جو مندر ڏٺل هيس، پيءُ سوپي سان ڪيئي پيرا آيو ويو هيو. مندر ۾ پهتو تہ مهاراج شنڪر لال منهن سامهون ٿي ويس. جيڪو بئي ڏهاڙي کان شروع ٿيندڙ اکنڊ پاٺ جي تيارين ۾ مصروف هيو. سوڍو گرو جي پيرن تي پاڻ ڇڏيندي ائين رنيڻ لڳو، جيئن سوئا ڍڳي ڪير ڪان ڪنهن گهاٽي بن مان وڇڙي وئي هجي، "ڇا ٿيو ساڌ؟" مهاراج آچريہ وچان پڇيس.

"مهاراج سائين! تون چيو هو تہ سچ جي بيڙي ٻڏندي آ، لڏندي ڪونهي، پر مانجي تہ سچ هڪڙي ڏينهن ۾ بيڙي ٻوڙي ڇڏي." سوڍو منهن پريل رت ڳڙيءَ وانگر ڦسي پيو.

"ڪهڙي ويڌن ٿي وري توسان؟"

"ساڌن جو زمانو ناهي مهاراج!.... مان چور هيس، ٺڳ هيس تہ سڀ ڪو سڌو هيو. جڏهن کان ساڌ ٿيو آهيان تہ هرڪو ڪڍ پئجي ويو آ." سوڍي روئيندي روئيندي مهاراج کي سارا سور سٽايا.

برهمڻ شنڪر لال سندس اوڏکي لانڊ مان تنگ ٿي چڪو هيو، تنهن ڪتو جواب ڏيندي چيس: "پائي ، مان تہ ڪونہ چيو هيو ماڻ تہ پتا جي جيءَ چڙهہ .....! جيڪي اکرين ۾ مٿو وجهندا، اهي مهرين کان ناهن ججندا ...... شڪتي نہ پئي سمجهئي تہ ساڌ ڇو پيو ٿئين؟" سوڍي کي يقين ٿي ويو تہ هاڻ ايلازن سان ڪم نہ هلندو تہ هن گوڏ جي پلئہ مان پئسا چوڙي گروَ جي اڳيان رکيا: "مهاراج! هزار روپيا دان جا ٿي .... مانجو ڪو ٽڪو پنجو ڪر... مان گريب جي جان آجي ڪراءِ!" برهمڻ شنڪر لال دان جا پئسا گوڏي هيٺان ڪري ڪنهن ڳوڙهي سوچ ۾ ٻڏي ويو. چڱي جهٽ ڪانپوءِ سوڍي کي چوڻ لڳو: "سوڍا! توکي اها اتکل ٿو ٻڌايانءِ جيڪا ڀڳوان ڪرشن مهاڀارت جي يڌ ۾ ، دروڻ آچاريہ کي جيتڻ لاءِ ارجن ۾ يڌشٽر کي ٻڌائي هئي".

سوڍو وات ڦاڙي ۾ ڪن سرلا ڪري مهاراج کي غور سان ٻڌو لڳو .....

"توں بہ ائين ڪر جيئن يڌ شٽر، دروڻ آچاريہ اڳيان زور سان رڙ ڪندي چيو هيو: "اشوٿوما!" آهستي چيو هئائين: "هاٿي" ۾ پوءِ ٻوڪٽ ڪري چيو هئائين: "مري ويو......!" دروڻ آچاريہ ائين سمجهيو تہ سندس پيارو پٽ اشوٿوما مري ويو ۾ دل هاري هٿيار ڦٽا ڪيائين.....! ڳالهہ سمجهہ ۾ آيئہ؟"

سوڍي ڪنڌ ڌوڻي، ڳتڪ ۾ نهڪر ڪئي.

"توں بہ لکان کي جيتڻ لاءِ پئنچائت ۾ ساک ڪٽي ڏاڍيان چئہ : "منهنجو لاڏکي سان پيڻ جهڙو" ۾ دل ۾ چئہ "نہ!" ۾ پوءِ ڏاڍيان چئہ: "وهنوار هيو." سڄي پئنچائت سمجهندي تہ تنهنجو لاڏکي سان پيڻ جهڙو وهنوار هيو. ائين لال بہ ليندو، پريت بہ رهجي ايندي ...... پيتو، هاٽي تہ سمجهہ ۾ آيئہ نہ اتکل!؟" شنڪر لال مشڪندي سمجهايس.

"اي مهاراج!..... ڪاٿي ڀڳوان ۾ مهاوين جو ديماڪہ، ڪاٿي مان غريب اوڏ جو .... اتي وري ڪو تو جهڙو پڙهيل هجي ، جيڪو سچ ۾ ڪوڙ ملائي ۾ ڪوڙ ۾ سچ، جو خبر ئي نہ پوي .... گرو جي! مان تہ سنئون سڌو سچ ڳالهائڻ ڄاڻان يا سنئون سڌو ڪوڙ. مان سان ڪو اهڙو جڳاڙ ڪر جو اهو ساڌپي جو ڪنگڻ سدائين لاءِ لهي وڃي پوءِ سڄي هند سنڌ جي اوڏکي ذات کي موڪل آ جو مان کي پڄن." برهمڻ شنڪر لال کي سندس ڄٽکي جواب تي ڏاڍي مٺيان لڳي . هن خار مان پيڪي پٽيس: "نڪري و ڄ چوانءِ ٿو ڄٽ .. ڄٽ جا پٽ .....! ڳڏهہ هڪليندڙن کي ڳڏهہ وارو عقل هوندو نہ ......! جيئن وٽئي تيئن وڃي ڪارو منهن ڪر..... پنهنجي پتا جي آتما رول يا جنم جنم جو پاپي ٿيءُ منهنجو ڇا!"

براهمڻ شنڪر لال ، پئسا مٺ ۾ ڪري اُٿيو ۾ ڀڳوان شو جي مورتي اڳيان مٿو ٽيڪي پرارٿنا ۾ لڳي ويو. هو ڪيس چڱي مهل تائين نماڻن نيڻن سان نهاريندو رهيو. بي رخي مهاراج لئوٽو نہ هنيو تہ هن کي ائين لڳو ڄڻ شو ڀڳوان کي مچرائيندو هجي. هن شو جي مورتي ڏانهن سباجهو ٿي ڏٺو تہ ائين محسوس ڪيائين ، ڄڻ ڀڳوان بہ ڪاوڙ ۾ ڪيس گهوري رهيو آهي. هن ڪنڌ ڦيرائي مندر جي پٽين تي ٽنگيل چترن ڏانهن نهاريو تہ اهي بہ ڪيس دياوان نہ پئي لڳا. هن کي لڳو تہ سپئي ڪائنس چڙيا وينا آهن. جڏهن بہ سندن ڪاوڙ زر چڙهي تہ گڏجي سڏجي سندس ساهہ ڪڍي ڇڏيندا. هن جو شرير ڏڪڻ لڳو. ڪنبٽي وڌي ويس. هو مايوسيءَ وچان ٿڙڪندي پوئين پير مندر مان ٻاهر نڪري آيو.

سج لهي ٻڏي رهيو هيو تہ سوڍو بس مان لهي ڳوٺ جي لاڙي تي رسيو. گهلبو گهلبو گهر پهتو. سندس لڱ ساڻا ٿي چڪا هيا. هن ڏڪندي ٻتي ٻاري ٺوٽيءَ ۾ ٽنگي، کٽ تي آهليو تہ ڄڻ اڌ ساهہ ڇڏائجي ويس.

ٻتيءَ جي روشنيءَ تي ويڙهي ۾ ڇئوپچوءَ ٿي وئي تہ سوڍو ساڌ گهر پهچي ويو آهي. مکي هرچند ۾ پئنچن کي اڳيئي ڳٽتي هئي، تن جو ٻڌو تہ سرکي ۾ ڌوکي آيا. سوڍي، مکي ۾ پئنچن کي ڏسي اُٿڻ جي ڪئي تہ اُٿي نہ سگهيو.

گرائونڊ ڪيمپ فائر لاءِ هن کي ڏاڍي محنت ڪرڻي پئي هئي. جا هن ڪئي. هڪ ٻيو ڪورس گيت ڪيس پيش ڪرڻو هو. هن جڏهن اهو ائٽم پيش ڪيو، جنهن جا ٻول هئا:

’ايسي کير پڪائين جو ساري مل کي کائين

کون کائي گا چمچي نال ....؟؟‘

ته وراڻو رڳو ڪورس گروپ نه ڏنو پر ٻاهريان به پاڻ تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيا. سينو ٺوڪي چيائون:

هم کائينگي، چمچي نال!

هم کائينگي، چمچي نال!

هن جو ائٽم واهه جو لڳو. ڪيس زبردست ٻيل مليو. جڏهن ڪمپيئر حاضرين کان راءِ وٺڻ لڳو:

’ڪيئن ٿيو؟‘

ته هڪدم جواب آيو: ’ڏاڍو سٺو!‘

’اڙي ! ڪيئن ٿيو؟‘

’سٺو ٿيو!‘

’بابا ڪيئن ٿيو!؟‘

’بابا! سٺو ٿيو!‘

حاضرين جي زوردار تحسين ڏيڻ تي ’جيوري‘ مجبور ٿي پئي. پوءِ به ڪو چئي نه پئي سگهيو ته ڇا ٿيندو؟

جڏهن اهو اعلان ٿيو ته سندس ائٽم پهريون نمبر آيو آهي، ته ڪاٺين جي باهه جي روشنيءَ ۾ سندس چهرو ٻهڪي پيو. ٻئن ٻئن پاڪرن سان ڪيس مبارڪون مليون. سندس گروپ کي بيسٽ گروپ قرار ڏنو ويو.

ان خوشيءَ ۾ ڪانٽيجنٽ ليڊر ۽ اسڪائوٽ ماستر کيس دعوت ڏئي پنهنجي ڪئمپ ۾ رهايو. جيڪو هن لاءِ وڏو اعزاز هو، جنهن جو هو صرف تصور پئي ڪري سگهيو.

نه وسرندڙ خطرناڪ رات

اها آخري رات، سندس سمورين گذاريل راتين جو امتحان هئي. ڄڻ پل صراط ....

هن ليا تصور ڪرڻ جي سگهه پئي ساري ته بظاهر پٽهنس سندس خاموشي ٽوڙي.جيتوڻيڪ اها خاموشي نه هئي؛

’بابا! مون پڇيو پئي ته ڪئمپ اٽينڊ ڪيان؟‘

’هون!‘ حليم هڪ ٻڪو ٿي ڄڻ ماضيءَ مان نڪري آيو.

’بابا ....!‘

سر چوي ٿو، اسان جي گروپ کي فليگ آف آنر به ملندو ۽ مان ..‘

’چيم نه ڪونهي ضرورت، فليگ آف آنر جا پٽ ...!!‘

حليم ڇرٻ ڏئي وراڻيو.

ڄڻ فليگ آف آنر هن جي لاءِ گار هئي.

*

# ڏانديءَ جي رشتي سان ڳنڍيل پيلو پاڇ

شام جو وقت آهي.

دل مونجهي مونجهي اٿس.

هلندو هلندو گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي جي قلعي نما عمارت جي اوپارين باغيچي ۾ اچي ويٺو آهي. هُو ڏسي، سوچي ٿو: ’هيءَ انگريزن جي دؤر جي عمارت ڪيڏي نه رعبدار ۽ شاندار آهي!‘

اسرنهن جا پيلا پاڇ ’ڪڙ ... ڪڙ!‘ ڪندي، ڦلابازيون ڪائيندي هيٺ ڪري رهيا آهن. هڪڙو پيلو پاڇ سندس آڏو اچي ڪريو آهي، ته ڦاڪان ٿيل آهي، پر ڏانديءَ جي رشتي سان ليا ڳنڍيل آهي. خبر ناهي ڇو ان کي هٿ ۾ کڻي ڏسي رهيو آهي.

چوڌاري سدا بهار جا گل هوا جي زور تي ٿر ٿر نچي رهيا آهن . قطار ۾ لڳل سورج مکي جهومي رهيا آهن. باغيچي جي اولهائين وٽ سان گل مور جا رتاوان چڳا وڏي شان ۽ ادمبر سان لڏي رهيا آهن.

فضا ۾ ڪانوَن جي ’ڪان ڪان‘ ۽ ڪبرين جو ٽيڪو وڏي ويو آهي. ڪجهه ساعتن لاءِ ٻاهران روڊ تي لنگهندڙ رڪشائن جي گوڙ ۾ پکين جو آواز دٻجي وڃي ٿو.

گهٽي عرصي کان پوءِ هن ڪيچلي بلبل کي ڏٺو آهي. جيڪا گلاب جي جهولن سٽيل گلن سان مستيون ڪري رهي آهي.

سِنجھيءَ جي ڏار تي پيچ مٿي ڪري چرڙات ڪندڙ نوريئڙي ڪي ڏسي سندس چپن تي ھلڪي مشڪ تري اچي ٿي ۽ ذھن ۾ شرارت بہ.

ھو سوچي ٿو: 'ھي اھو ئي باغيچو آھي .... جتي اسيمبلي ٿيندي ھئي. ترانو گونجندو ھو

پاڪ سر زمين شاد باد
ڪشور حسين .........'

سندس ماضي، حال بڻجي وڃي ٿو:

'اڙي! ڇھنديون ڇو ٿو پائين، ماءُ جا ...!' ھُو ڪنڌ ورائي پٺئين ڇوڪري ڪي ڪاوڙ مان گھُوري ٿو.

'ڪير ٿو گوڙ ڪري!؟' ڊرل ٽيچر جمال خان سوال سان گڏ بي رحم رول، ھوا ۾ بلند ڪري ٿو.

'ٽِتڪ! ٽِتڪ!'

پٺا سيڪاڄي وينس ٿا. اکين ۾ پاڻي تري اچيس ٿو.

'ٽڙنگ!'

اٽينشن سان بيھي ٿو.

'ٽڙنگ!'

سلام ڪري ٿو.

'ٽڙنگ!'

آخري گھنٽي تي، ھٿ ھيٺ ڪري قطار ۾ ھلي ٿو.

ھيڊ ماستر جي تيز نگاھن کان بچندي بچندي ڪلاس ۾ داخل ٿئي ٿو.

حاضري لڳي ٿي. ھُن جو نالو ڪڄي ٿو. وڏي ڦڙتيءَ سان اٿي جواب ڏئي ٿو: 'پريزنٽ سر!'

پوءِ ڪلاس ٽيچر جو حڪم ٿئي ٿو: 'لکو ڳلن واري، اي بي سي!'

سندس ھٿ ڏڪڻ لڳن ٿا. مس ڪپڙيءَ ۾ اسٽيل جي نب ٿٻي ھڻي ٿي. تہ ليکي بوڪ تي A جو حرف لکجندي ڇُپو ٿي پويس ٿو. ٻي ڀيري احتياط سان نب ٻوڙي ٿو. بوڪ تي نب جي رھڙجڻ جو آواز اچي ٿو. B لکجي وڃيس ٿي، پر ڪجھ ڦڏي آھي. وڏي احتياط سان اسٽيل جي نِب ڪپڙيءَ ۾ گھت ھڻي ٿي. لکندي پاڻ بہ C وانگر وڪڙ ڪائي وڃي ٿو.

'ڇا تہ اکر لکجي ويو آھي!' ھو پنھنجو پاڻ تي رشڪ ڪائيندي دل ئي دل ۾ چوي ٿو. 'سڄي اسڪول ۾ ڪو مون وانگر ، لکي تہ ڏيکاري!؟'

پھرين رسيس جي گھنٽي وڄي ٿي، ڄڻ ٻرن مان اوچتو ڪوليون نڪتيون ھجن. يعقوب جي ڇولن تي مارو آھي. پوءِ ست ڪٺ ڪيڏڻ جو وارو آھي.

'ھہ .... نہ ... ٻو ....!'

ھُن ا ڄ ارشد کي ست ڪلئي بال (ٽينس بال) سان خوب ڪُٽيو آھي. ڪلھہ جو بدلو ورتو اٿائينس.

رسيس کان پوءِ ڪلاس ۾ ھلڪو ھلڪو گوڙ آھي.

'ڇربٽو ڇا جو آھي؟' مئٿمٽڪ جو استاد زور سان لڪڻ ٽيبل تي ھڻي ٿو. ڪلاس ۾ خاموشي ڇائنجي وڃي ٿي. ھن کي مئٿمٽڪ جي ڪلاس کان نفرت آھي.

پنجين پيرڊ کان پوءِ رسيس جي ٻي گھنٽي وڄي ٿي. پاڻيءَ جي ٽانڪيءَ تي مارو آھي. جئين تہ عمر ۽ قد ۾ ڇا ننڍو آھي، ان ڪري پُڄي نٿو سگھي. رسيس بند ٿيڻ جي گھنٽي وڳي آھي. ھو اُڃايل اُڃايل ۽ ٻي دليو ڪلاس ۾ وريو آھي. ڪلاس ٽيچر آھي جو وڃي ٿو ھوم ورڪ تي ھوم ورڪ ڏيندو. ھن ان وقت خدا کان موڪل جي دعا گھري آھي.

اوچتو گھنٽي وڄي ٿي:

'ٽڙنگ ... ٽڙنگ .... ٽڙنگ!'
'ٽڙنگ ... ٽڙنگ .... ٽڙنگ!'

اسڪول مان ورڻ جو منظر ائين آھي، جيئن جھرڪين جا ولر اڏار ڪيو، واھيرن ڏانھن ورن .... ايڏي خوشي جنھن کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگھجي. گھر پھچڻ سٺ، ھن ٿيلھي کي کٽ تي اڇليو آھي. ماٽھس جون نظرون ڪپڙن تي آھن.

'ھي ڇا حال ڪري آيو آن، ڪپڙن جو!؟'

ماٽھس جو اشارو سندس مس لڳل ڪپڙن ڏانھن آھي. پر ھن کي ڪا پرواھہ ڪونھي، ھاڻ ھُو سياٽي جي سڄ تائين آزاد آھي.

ھاٽي ڪيس شام جو گرائونڊ تي وڃڻو آھي. ڪرڪيٽ ڪيڏڻي اٿس. صبح جو ھوم ورڪ پوري نہ ڪرڻ تي بئنچ مٿان بيھڻو پوندس. اتيئہ ڪري لالٽين جي روشني ۾ ھوم ورڪ ڪري ٿو .

ھو ٿڌو ساھہ ڀري ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسڻ لڳي ٿو. سامھون سندس نظر ننڍڙي مگر ڇُھچ ڪاري پکيءَ تي پوي ٿي، جيڪو پنھنجي سنھي چھنب کي ڇائنا روز جي وچ ۾ اڙائي رُس پي رھيو آھي. ھو پاڻ کي ان پکيءَ سان پيٽ ڏئي سوچي رھيو آھي تہ ھيءَ بہ ڪڏھن ان وانگر ھو ...

'شايد ڪاري ڦوسڙي آھي، نہ من موسڙو آھي؟!' ھو منجھي پوي ٿو ۽ دل ئي دل ۾ اعتراف ڪري ٿو تہ ھاٽي ڪيس پکين جا نالا صحيح نموني سان ياد ناھن رھيا.

'خبر ناھي تہ وقت ڪيئن گذري ويو!' ھو وقت کي ياد ڪندي، وري ماضيءَ کي حال بڻائي ڇڏي ٿو:

نئون ڪلاس ٽيچر ڇئي رھيو آھي:

'ھاٽي اوھان نائين ڪلاس ۾ آھيو ... ٻار ناھيو.'

آهي.‘ مٿ مائٽ حسد ۾ ساڙ وچان سندس حيثيت ڏسي ٿڏا شوڪارا پرن ٿا. هن ڪي اطمينان حاصل ٿئي ٿو تہ هاڻ هو عزتدار آهي ۾ خوش آهي.

جڏهن گذرندڙ وقت اڪين تان آڪيڙيون لاٿيون، تہ ثابت ٿيو
سڀ مصنوعي خوشيون ۾
اڪين جو ڏيُو هيو
اجايو اميدون
۾ آخر ۾ اهو پڇتاءُ تہ
’اولاد لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو سي
۾ اولاد ....!؟!؟

هو گهرو ٿڏو ساهہ پري اٿي ٿو ۾ ڏسي ٿو. سامهون بلڊنگ جي ڪانس تي اڪيلو ڪبوتر پَرَ سوئي رهيو آهي.

شام جا ڊگها پاڇا چؤطرف ڦهلجي ويا آهن. آسرنهن جا پن ڪومائجڻ لڳا آهن.

هن بہ ڦاڪان ٿيل پيلي پاپڙ جي وچ ۾ ڇيڇڪا ڳولڻ شروع ڪيا آهن، اتي ڪو بہ ڇيڇڪو ڪونهي، هڙ جو هڙ وڪري ويا آهن.

هو آهستي آهستي ٻي دليو گهر وريو آهي.

جوڻس انتظار ۾ ڦوڪي ويٺي آهي:

’رٿائر ٿيڻ کان پوءِ بہ توکي گهر ۾ ويهڻ نہ ٿو اچي ...!؟‘

هو جواب ڏيڻ مناسب نٿو سمجهي. ٻي خياليءَ ۾ ڪنيل صرف ان خالي پاپڙ جي ٻن ڦاڪن کي ڏسندو رهي ٿو، جيڪو ڏانڊيءَ جي رشتي سان ليا ڳنڍيل آهي.

*

# ٽيون سبب

اصلي سبب؟؟؟.....

مسب السباب کي معلوم، پر الحاج رئيس جان محمد جي خيال ۾، مدرسي جي اجڙڻ جا ٻہ سبب ٿي پئي سگهيا. هڪ تہ اُهي اڳيان استاد نہ رهيا، جن کي علم سان عشق هيو ۾ ٻيو نہ وري اهي طالب جن کي علم سان محبت هئي. هاڻي هيا بہ تہ استاد نانوَ جا، جن کي عالم ٿيڻ جو اشتياق گهٽ، رڳو مرڻو پرڻو ڪائيندڙ ملن ٿيڻ جو شوق وڌي ويو هو. طالب بہ اڻ گهڙيا ڪاٺ ۾ ڪٿي ڪل وارا، ڪي اوستي محمد ۾ ڳڙهي خيري جا ٻروچ تہ ڪي خضدار جا ٻروهي. جن کي پڙهائڻ ائين هيو، جيئن ڪاري ڪلر ۾ ڪٽڪ پوکڻ.

رئيس جون اکيون تہ ٿي ويندون هيون، جڏهن پورن ٽن ايڪڙن جي مدرسي ۾ ٿيهارو ڪن طالب مس ڏسندو هيو. ڪڏهن تہ اتر سنڌ ۾ ڳوٺ غازي خان جو مدرسو چئي ڪٿي بس ڪيو. ناظره ، حفظ ، پارسي، عربي، فقہ و تفسير، حديث ويندي علم ميراث بہ پڙهايو ويندو هيو. پر جڏهن کان پارسيءَ جو استاد بہ ڇڏي پڇي ويو تہ رئيس کي ائين لڳو هو جڻ خانداني مدرسو اجڙيو کي اجڙيو.

باقي وڃي ناظره ۾ حفظ بچيو هيو. ناظره مولوي عبدالحليم پنجن سالن کان پڙهائيندو ايندو هو. سندس ايتري ٽڪڻ جو سبب قناعت پسندي هئي يا تن آساني، ۾ حافظ شمس الدين ٽن سالن کان حفظ ڪرائيندو هو. جيتوڻيڪ حافظ جو طالبن تي ڏنڊو ڪٽي پڙهائڻ مشهور هيو پر اهو بہ هلايل هيو تہ حافظ، ڪجهہ بد عادتو بہ آهي ان ڪري بد ليا بدنام برا واري افواهہ بہ ڪيس رهڻ تي مجبور ڪري وڌو هو. نہ تہ اڄڪلهہ علت المشائخ واري اوٺائي پوٺائي ڪٿي ناهي ....!؟

پارسيءَ جي استاد کان سواءِ رئيس کي مدرسو ٻُسو پئي لڳو. رئيس پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ پڙهيو هو. مدرسي جو اوج اکين ڏٺو هيائين، پارسيءَ جو تہ عاشق هيو. گلستان بوستان کان وٺي ، يوسف زليخا، مثنوي شريف مولانا ۾ مامقيما تائين پڙهيل هو ، ان ڪري پارسيءَ جي استادن جو قدردان هو. پر خبر ناهي ڇو پارسيءَ جا استاد سندس مدرسي ۾ ٻن ٽن مهينن کان وڌيڪ ٽڪاءُ نہ ڪري سگهندا هيا.

رئيس هڪ ڏينهن جوش ۾ اچي جماعت آڏو انجام اقرار ڪري ڳوٺان نڪتو تہ جيستائين مدرسي جي لاءِ پارسيءَ جي استاد جو بندوبست نہ ڪندو، تيستائين ڳوٺ نہ ورندو.

ٿيو بہ ائين، موٽيو تہ سرخرو ٿي. ساڻس هڪ خوبرو گڏ هيو. عشاءِ جي نماز کان پوءِ رئيس ، جماعت آڏو سندس تعارف ڪرائڻ لڳو:

”سائين جن جو اسم شريف سعد الله خان آهي. پاڻ اصل لاڙ جا، مٽياري شريف جي پرپاسي ۾ رهن ٿا. پنهنجي ملاقات ساڻن، سائين ڏنل شاهہ جي مدرسي ۾ ٿي، پهرين ملاقات ۾ سندس ننڍي وهي کي ڏسي، مان تہ ايئن سمجهيو تہ وڏ ۾ وڏ ڪريم ، نامہ حق ، پند نامہ، يا گلستان بوستان پڙهيل هوندو. پر جڏهن مامقيما جي ڳالهہ ڪيائين تہ مان بہ آزمودي خاطر مامقيما مان پهرئين سٽ پڙهي:

مامقيمان ڪوئي دلداريم!

تہ استاد سعد اللہ هڪدم ٻي سٽ پڙهي:

رخ بہ دنيا ودين نمي آريم!

مان اتي شعر جي پنجين سٽ پڙهي تہ ڏسان تہ چا ٿو چئي؟ تہ چيائين:

بہ چشمان دل مبين جز دوست!

اتي مان بي اختيار ٿي، اتي سندس ڪنڌ تي چمي ڏني ۽ چيم، بيشڪ، تون اهو گوهر يڪتہ آهين، جنهن جي مونکي تلاش هئي. هل، هلي منهنجي مدرسي کي آباد ڪر. پهريائين تہ استاد سعدالله اُسڪس ۽ نٽ نٽاءُ ڪيو تہ اتر جي سخت موسم ۾ ماڻهن ۾ جالي نہ سگهندس. پر پوءِ جڏهن يقين ڏياريومانس تہ پنجئين آگريون برابر ناهن، اللہ ۽ اللہ جو حبيب ڪندو تہ سندس دل لڳي ويندي. ۽ جيڪو طلبيندين، سو توکي ملندو....“

انهيءَ سڄي تعارف دوران استاد سعد اللہ خان جو ڪنڌ هيٺ هيو. شرمائيندي ڪنڌ مٿي ڪنيائين تہ سڄي جماعت ڪيس هيٺان ڪان مٿي ايئن ڏٺو ، جيئن ڪنهن وهڙي کي ڪُرن ڪان وٺي سڱن تائين جاچجي. جيئن چئبو آهي تہ جوءِ جي خبر ڳاڀن مان پوندي آهي. تيئن اترادين استادن جي ڳر مان اندازو پئي هنيو تہ ڪنهن چڱي جوءِ جو پليل جوان آهي. ڪٽڪ رنگو، پريل ڳل ، مٿان وري پوري پني ٺهندڙ سونهاري، چيروين اکين ۾ حيا ۽ لڄ الڳ مٿي تي ڪير جهڙي اڇي ململ جي دستار. جي رئيس سندس ڳورو تعارف نہ ڪرائي تہ ڪير پٽ ڪري ها تہ هي ڳڀرو بہ ڪو استاد آهي.

”جي آيا ، پلي آيا... استاد صاحب!... اساڏي سر دا سائين اي،“ جماعتن مان سرائي خداداد، پنهنجي ٿلهن شيشن واري عينڪ کي ٺيڪ ڪندي، راڄ جي روشنيءَ ۾، استاد کي چڱي ريت ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

رئيس وري ڪنگهي ڪڙڪي، سڄي جماعت کي هدايت ڪئي:

”بابا، لاڙ جو مهمان آ، سڄي جماعت کي پارت ٿي ڪجي تہ استاد جو خاص خيال رکن ايئن نہ ٿئي تہ اترادين کي گلارو ڪري وجهو. اڳيئي لاڙ وارن کي گهٽيون شڪايتون آهن.“

”انشا اللہ ...! ڪا شڪايت نہ ٿيندي ، رئيس .....! استاد، ائين نہ سجهي تہ مزمان آ، پر ائين سمجهي تہ پنهنجي گهر ۾ ويٺو آ.“ جماعت پاران اڳ اڳ ڪندي، ڪمدار الهورائي گرمجوشيءَ سان جواب ڏنو، جنهن استاد جي ڪتابي چهري کي مخصوص اترادي انداز ۾ ڪافي دير ڪان وٺي پئي تڪيو.

آخر ۾ مولوي عبدالحليم ۽ حافظ شمس الدين بہ روايتي انداز ۾، رئيس کي يقين ڏياريو:

”رئيس ! اللہ کي پارت آ!“

ٻن ٽن ڏيهاڙن ۾، استاد سعد اللہ کي مدرسي جي حالت زار جو اندازو ٿي ويو. طالبن جي نشست و برخواست ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ مان تہ منجهن اخلاق حميده اٽي ۾ لوڻ برابر آهي. سندس خيال ۾ شاگرد ادب آموختہ ڪيئن ٿين؟ جڏهن استادن جي حالت اها هئي، جو مولوي عبدالحليم آرسي ۽ ڪاهل هيو . ان جو سبب اهو بہ ٿي پئي سگهيو تہ اهل عيال وارو هو. جڏهن تہ حافظ شمس الدين ، خدا سندس وجهہ تي رحم فرمائي، چڙو چانڊ هئڻ جي باوجود بہ منجهنس وضوءَ ڪان سواءِ وهنجڻ جي عادت الاماشيٰ هئي. سونهاري اهڙي اونهاري اٽيي ۽ وچڙيل، جو ڪرڙي هڪ دفعو گهري وڃي تہ نڪري نہ سگهي. پري ڪان سندس بدن مان ڇٽ ڪنيون پئي آئي. هن ان ڪري دل ئي دل ۾ پهريون فيصلو اهو ڪيو تہ طالبن کي اخلاق ذميمہ مان آجو ڪجي. ان ڪري پهريون هفتو تہ هن ويهي طالبن کي اهو سمجهايو تہ صفائي اڌ ايمان آهي. ڪين نشست و برخواست جا ادب آداب ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جا طريقا سمجهايا.

جمعي جي ڏينهن ، جڏهن طالبن فجر جي نماز ڪانپوءِ استاد جي چوڻ تي نم ، ڪبڙ ۽ مساڳ سان پنهنجا ڏند مهٽي سهٽي اڇا ڪيا. ڳچيءَ ، سيني، ٿونٿين، مُرن ۽ پيرن جي مَرُ ، سروٽن سان رڳڙي رڳڙي صاف ڪئي، ڌوتل پوتل ڪپڙا پهري، جمعي جي نماز ڪان اڳ، استاد سعدالله جي حجري ۾ اچي ويٺا تہ استاد کي پنهنجين ئي نظرن تي يقين نہ پئي آيو تہ اهي ساڳيا طالب هيا، کي پيا. ڪيس ائين لڳو جڻ صدف جو سينو چيري گوهر ٻاهر نڪري آيا هجن. طالبن جي سرمي ۾ ٽٻ ٿيل اکين جي اٽين ۽ تيل ۾ جرڪندڙ رخسارن ۾ سندس نظرون اٽڪيون پئي پيون. پهريون دفعو دل ئي دل ۾، لاڙ ۾ انهيءَ هلايل ڳالهہ کي رد ڪري ڇڏيائين تہ ڪو اتر ۾ رڳو جن ڀوت رهندا آهن.

مٿئين طبقي وارا طالب، جن جي عمر اندازن چوڏنهن ڪان ويهن سالن تائين هئي، جيڪي پهريائين ڏٺي نہ وڻندا هيا. سي سپ تراش خراش ڪان پوءِ آهستي مثل الماس، پکراج، مرجان ، موتي ، زمرد ۽ زرقون ٿيندا پئي ويا، سواءِ هڪ ٻن طالبن جي.

سيني طالبن ۾ وري جيڪو مثل ياقوت احمر پئي لڳو. سو هيو لعل جان. جهڙو نالو تهڙا ڳڻ هيس، ٻنهہ اسم با مسمي. لعل جان جي عمر چوڏنهن سال ، الف قد، صاف رنگ ، نرگس شهلا جهڙيون اکيون، ابروڪمان، ٻيني صراحي ، مٿان وري آواز ۾ ميٺاج جڻ الحان داُئودي، مولود ٻڌائي تہ بدن مان سيسراٽيون ڪڍي ڇڏي، ڳالهائي تہ صراحي جي قلُ قلُ!... اهي سپيئي ڳالهيون استاد سعد اللہ کي متوجهہ ڪنديون ۽ موهينديون ويون. پهريائين چڳڙو، پوءِ چڳو ۽ آخر ۾ سندس لاءِ خورشيد درخشان ٿي پيو. پارسيءَ جا گردان، ”آمدن آمد آمدم آمدي“ ٻڌائيندي، جڏهن صراحيدار گردن مٿي ڪٽي، نرگس شهلا جهڙين اکڙين ساڻ نهاريندو هو تہ استاد جو مرغ دل اڌ ڪنو ٿي چاتيءَ ۾ چڙهيون هٽندو هيو. هر روز رات جو اڪيلائيءَ ۾ استاد کي مرغ دل جي منڊي کي عقل جا ٽانڪا هٽي ڳنڍڻو ۽ سمجهائڻو پوندو هيو تہ ائين نہ ٿئي جو هو پارسيءَ جي انهيءَ مشهور چوٽي جيان ٿي وڃي،آمدم ثواب ڪنم ڪباب شدم. (آيم ثواب ڪمائڻ ڪباب ٿي ويس).

جيئن جيئن دل نادان کي جهلڻ لڳو، تيئن ڪنچا ٽاڻ وڌڻ لڳس. جيئن سمجهائڻ لڳو،

تيئن ضد ڪرڻ لڳس. جيئن لوچڻ لڳو، تيئن جهيڙڻ لڳس. آخر بي چئي دل جي چوڻ تي، لعل جان اڳيان، دل جي ڳالهه زبان تي آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر حياءُ لڄ، خوف ڪري، زبان مان هڪ اکر به نه اُڪلي سگهيس. اهو به دل ۾ آيس ته آسان سنڌيءَ ۾ اشتياق نامو لکي ڪيس هٿ ۾ ڏئي، پر دل نه جهلي سگهيو ، ته متان اهو اشتياق نامو رقيب رو سياهن وٽان ٿيندو ، رئيس وٽ نه پهچي وڃي. هونئن به ڪيس پليءَ پيت احساس هيو ته اهڙي ياقوت احمر کي هٿ ڪرڻ لاءِ نوشيروان ۽ تيمور جهڙي دل کپي، جيڪا وٽس نه هئي. آخرڪار دليل ڏوڙائي اهو فيصلو ڪري ورتائين ته جيڪا ڳالهه سئولي سنڌي ۾ نٿو ڪري سگهي، سو پارسيءَ جي محاني سمجهائي سگهي ٿو. ڇو ته ڪيس استادن جو اهو ٻڌايل هيو ته سنڌي ٻولي اهڙي صفا ۽ سڌي آ، جنهن ۾ چند ڪاري هيٺان نٿو لڪي سگهي.

پوءِ ماڻهن ڏنو ته استاد سعد الله ڏينهن رات ڪري ڏنو، پارسي سيکارڻ ، اهڙو لائي ٻاري ڏنائين جو ٻهرين مهيني ۾ پهلي پارسي، دعايو، ثوائيو ۽ ڪريم مدرسي جا طالب ائين چٽ ڪري ويا، جيئن کبريون توت ڳهي وڃن. مدرسي ۾ هر سُو پارسيءَ جو ٽيڪو لڳي ويو هو . ڳوٺ جا ماڻهو حيران ته انهن اڳ اهڙو استاد ڏٺو نه ٻڌو. رئيس ته هونئن ئي پارسيءَ جي استادن جو قدردان هيو. اهڙي محنت ڏنائين ته خصوصي قربت ۽ توجهه الڳ ڏيڻ شروع ڪيائينس. لاڙي استاد جي محنت ضرب المثال ٿي پئي. مولوي ۽ حافظ لاءِ عذاب ٿي پئي.

استاد سعد الله جي محنت جو جڏهن ڪچهري ۾ ذڪر ٿيندو هو ته مولوي ۽ حافظ کي ندامت ۽ شرمساري ٿيندي هئي. ڪچهري ۾ آيو ويو، عموماً رئيس کي چوندو هيو ته، "رئيس! استاد باڪمال آندو ٿي ... اسان کي ته اهو پيءُ آ ته جي استاد سال کن رهيو ته اوهان جو سڄو ڳوٺ پارسي ڳالهائيندو وتندو".

" انشاالله ! اوهان جي زبان مبارڪ ٿيندي!" رئيس فخر مان ڪنڌ مٿي ڪري وراڻيندو هو.

رئيس جي غير حاضري ۾ وري سرائي ۽ ڪمدار، وچ ڪچهري ۾ ويٺا، استاد سعد الله جي تعريف ۾ گهنڊڻيون وڄائيندا هئا، جي سرائي هٽندو هو ته ڪمدار ڪٽندو هو.

"استاد صاحب!... هيرائي هيرا... اهند ٽرڻ، اهندا ٻهڻ، اهندا الاوڻ، اهندا مسڪاوڻ، ميڪون ايڏا وٽندا اين، ڪي اهنڪو اپٽي سيني نال لائي رکان.

"سرائي هاٽي تنهنجي وهي آ، هيرن کي سيني تي سجائڻ جي!؟"

جيڪڏهن ڪنهن ڪچهري ۾ ٽوڪيس ته سرائي چڙي چوندو هيو:

"ٽيڪون کهڙي خبر، چليا!.... استاد ، پارس ئي پارس سڃي ته سون ڪر چوڙي... الهوارايا ! ڪن مين غلط اکيندا آن؟"

ڪمدار الهواريو به گهٽ نه ڪندو هيو:

"استاد ڏيکارڻ جو ڳيپورٽو آ... باقي الله حياتي ڏيس، پڙهائي جا اهڙا پانور ٿس، جو مان جهڙي ڳوڏ کي به پڙهائي ته اهڙو ڪتابي ٿي وڃان ، جو هارين کي سڄو ڏينهن فارسيءَ ۾ ويٺو ڳاريون ڏيان".

استاد سعد الله خان، ٻنهي جي دل ۾ نه ڪندو هو. ڇو ته ڪيس ايترو اندازو پئي ٿيو ته ٻئي ڦڙٻاتي آهن ۽ عمر جي ان حصي ۾ آهن، جنهن ۾ جواني ناڪ وانگر نڪري ويندي آهي ۽ پوڙهائپ ان جو پئي ليڪو ڪٽيندي آهي.

پر هن جي اندر جي ڪنڊ ۾ ڪو لڪل خوف تڏهن ڪر ڪٽي ٻيهندو هو. جڏهن حافظ شمس الدين ڪنهن جماعتي سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي ، هن کي ڏسي خاموش ٿي ويندو هو ۽ پنهنجي ڏاڙهيءَ جي وارن کي پريشاني ۾ مروڙڻ شروع ڪندو هو. ان وقت ڪيس خيال ٿيندو هو ته حافظ جي دل ۾ ڪا الابلا ضرور آهي. پر پوءِ ان ڳالهه کي ايترو وزن به نه ڏيندو هو ته تازو رئيس جان محمد مدرسي ۾ طالبن کي سنڀالڻ جي ذميواري ڪيس سونپي هئي. ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته رئيس کي پارٽ سفارت ڪرائڻ لاءِ جماعتن کي چوندو هجي. ڇو ته هن ان ذميواري ڪٽڻ وقت ڪاٻه دلچسپي ڪونه ڏيکاري هئي، رهندو نتائڻ جي ڪوشش ڪندي، رئيس کي چيو هيائين:

"رئيس مولوي عبدالرحيم صاحب جي هوندي، آءٌ ذميواري ڪٽڻ جو پاڻ کي اهل نه ٿو سمجهان !"

رئيس کيس سمجهائيندي چيو هو:

"دراصل، مولوي پاڻ انهيءَ ذميواري کان دستبردار ٿيڻ گهري ٿو . ڇو ته ويچاري کي به زالون ۽ ولر ٻارن جو آهي. ۽ رهي به مدرسي کان ٻاهر ٿو. ڪٿنس طالب سنڀاليو نه ٿا سنڀالجن. ان ڪري مولوي صاحب کي رڳو رڌي پڪي وارن معاملي جي نظرداري کان سواءِ آجو ڪيون ٿا".

هن وري ٻيو عذر ڏنو هو:

"رئيس! حافظ شمس الدين مون کان وڏيڪ عمر رسيده ۽ تجربيڪار آهي... بهتر اهو نه ٿيندو ته ....."

"حافظ صاحب ، ڪي ان ڪري ذميواري نه ٿو سونپيان جو ان کي رڳو ڏندو ڦيرائڻ اچي. باقي طالبن کي ڪيئن پيار ۽ محبت سان اٺڻ ويهڻ جي تميز سيکارجي ، ان هنر کان اڻواقف آهي." ان دليل ڏيڻ کان پوءِ ، رئيس مٿائنس زور ڀريندي چيو هو:

"استاد سعد الله خان ، مان هن مدرسي کي باقاعده پنهنجي والد بزرگوار جي زماني وارو ادب گاهه ڏسڻ گهران ٿو . اُميد آهي ته توهان انڪار نه ڪندين. باقي، اهو منهنجو سخن آهي، جيڪو توهان وظيفو وڌائڻ لاءِ چوندين، اهو ئي توکي ملندو".

جيئن ته رئيس جان محمد ڳالهائڻ لاءِ ڪا گنجائش نه ڇڏي هئي، تنهنڪري اها ذميواري ڪيس نڀائڻي پئجي وئي. استاد سعد الله کي مٿين طبقي وارن طالبن کي سنڀارڻ ۾ ڏکيائي ڪونه پئي ٿي . پر ٻي طبقي ۽ خاص ڪري ٽين طبقي جي چيچ ٻاچ

معصوم طالبن ڪي سنڀارڻ ۾ ڏکيائي ضرور ٿيندي هئي. جيڪي اڪثر رات جو اڪيلائيءَ ۾ پنهنجو پيءُ ماءُ ڪي سنڀاري روئيندا هئا.

استاد سعد الله خان ، جيڪو پهريائين مدرسي جي ڏاکڻي ڪنڊ ۾، الڳ ٿلڳ حجري ۾ رهندو هو. سو ڦري وڃ مدرسي ۾ ٿي ويٺو ۽ حافظ شمس الدين سندس جاءِ تي. سندس حجري سان لڳو لڳ وڏي ڪمري ۾ ٻي ۽ ٽين طبقي وارا ويهارو کن طالب رهندا هيا. حجري کان ويهارو قدم پرتي وڏن وڻن واري دالان ۾ ٽين طبقي وارا طالب سمهندا هئا. طالبن جي سمهڻ کان اڳ ، استاد کين اخلاق ۽ تهذيب تي هڪ ننڍڙو خطبو ڏيئي، کين شبِ خير چئي حجري ۾ وڃي ويهندو هيو. جتي سندس شب بيداري شروع ٿي ويندي هئي. اهو سوچي پيو ڳڙهندو هو ته جنهن تي مفتون آهي، ان کي سندس حال جي خبر ڪونهي. جي خبر آهي ته وري احساس ڪونهي. اها ڪيڏي نه ستم ظريفي آهي. جيڪو سندس درد جي دوا آهي، سو ڪائنس ٿيهه قدم به پرتي ناهي. پهريون دفعو ڪيس احساس ٿيو هو ته ويجهو هوندي به ڏور ٿيڻ ڇاکي چئبو آهي؟

استاد سعد الله ، جيڪو مهينو سوا اڳ ڪڇي جي ماڇ ڪاڏل ڏور جيان پاسا هٽي پيو هلندو هيو . سو اهڙي لاٽ ڪري ويو جڻ پاڳ ناڙيءَ جي ٻکن ۾ پاهه ٿيل وهٽ هجي. پر اها خبر ته هڪ استاد سعد الله کي ۽ ٻي ان سميع و بصير کي هئي، جنهن جي آڏو آڏيءَ جو ويهي الاهون ڪندو هو. ڊڳهيون ڊڳهيون دعائون گهرندو هو ، جنهن جو خاتمو وڃي حافظ جي ان شعر تي ٿيندو هو:

حافظ وظيفه تو ، دعا گفتن است وبس
در بند آمباش ڪ نشنيديا شنيتد.

(اي حافظ! تنهنجو ڪم رڳو دعا گهرڻ آهي ۽ بس ان خيال ۾ نه پئه ته هن ٻُڌي يا نه ٻُڌي.)

طالبن جڏهن صيغه هائي زبان پارسي ۽ گردانن ۾ گهٽي حد تائي عبور حاصل ڪري ورتو ، ته استاد سعد الله هڪ ڏينهن سندن پاٽي کڻ خاطر، پارسيءَ جو هڪ شعر طالبن اڳيان پڙهيو:

”ما وتو ازيڪ گلستانيم از مارو متاب
قدرت قادر ترا گل ڪرد، مرا ڪرد خار“

پوءِ طالبن ڏانهن ڏسندي ، کين للڪاريائين، ”ڪير آ، جيڪو ان شعر جي صحيح معنيٰ ڪندو ۽ پاڻ ملهائيندو؟“

هن جي حيرت جي حد نه رهي، جڏهن سڀ کان پهريائين لعل جان جا لب لعلين، جيڪي تڪي مساڳ جي ڪري ريتانها ٿي پيا هاء کلي پيا:

”استاد، جي اجازت هجي ته مان ڪيان!؟“

”بالڪل، اجازت آ!“ استاد کُلي دل سان وراڻيو.

لعل جان شعر جي معنيٰ ڪرڻ لڳو:

”اسان ۽ توهان هڪ باغ مان آهيون. تنهنڪري اسان کان مُنهن نه موڙ. قادر جي قدرت توکي گل بڻايو ۽ اسان کي ڪنڊو“.

استاد سعد الله ، خوشيءَ ۾ داد ڏيندي ايترا دفعا ته واه! واه! سبحان الله ...! جو ورد ڪيو، جو هڙني طالبن کي سندس ٻي خودي ۽ ٻي اختياريءَ تي حيرانگي لڳي. پر حقيقت اها هئي ته استاد اهو داد لعل جان کي نه، پر پنهنجي سڪارتي محنت کي پئي ڏنو . پهريون ڀيرو مايوسيءَ جي بحر مان ، ڪيس اميدن جو ساحل نظر آيو هو ۽ اعتماد ٿيو هو ته اهو ڏينهن ڏور ناهي، جنهن ڏينهن تي، هو هجر ۽ فراق کان اڄو ٿي، وصال کي ويجهو پوندو پوءِ سندس هر روز روز عيد ۽ هر رات شب برات ٿيندي.

اهو پوءِ استاد جو معمول ٿي ويو هو ته ڪو نه ڪو شعر طالبن اڳيان هر روز رکندو هو ۽ ڪوشش ڪري ان جي معنيٰ لعل جان کان ڪدرائيندو هو ته جيئن لعل جان اشارن ڪناين ۾ سندس دل جي درد کي سمجهي. پر اڳيان به اترادي معشوق هيو ، جيڪو معنيٰ ڪرڻ کان پوءِ به اهڙي ته پڪائي سان ڪيس ٺاري ڇڏيندو هو، جيئن ڪو سائل کي، ’معاف ڪر بابا!‘ چئي ٿڏي تي موٽائي ڇڏي.

طالب جڏهن پارسي مان سنڌي ڪرڻ ۾ پڙ ٿي ويا ته رئيس جان محمد جي خاص الخاص هدايت تي ، استاد هڪ نئون مرحلو شرع ڪرائي ڏنو ، يعني سنڌي مان پارسي ڪرائڻ جو .

رئيس جان محمد جڏهن به اهڙي چٽاڀيٽي ڪندي طالبن کي ڏسندو هيو ته ڪيس پنهنجو ننڍپڻ ۽ شفيق استاد مرحوم و مغفور مولانا در محمد خاراني ياد اچي ويندو هو . جنهن جو ذڪر، رئيس شدومد سان جماعت آڏو پيو ڪندو هو ۽ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندو هيو، جنهن ۾ سندس هم جماعت طالب سنڌيءَ مان غلط پارسي ڪري استاد جي عتاب جو شڪار ٿيندا هيا.

معمول مطابق حجري جي اندر سنڌي مان پارسي ڪرڻ جي مشق هلي رهي هئي. استاد سعد الله جيڪو هڪ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتو هو، فارغ ٿي جڏهن موٽيو پئي آيو ته اوچتو ڪنهن ناخلف جي آواز ڪيس ڇرڪائي وڌو جيڪو ٻانگ دهل چئي رهيو هو:

”استاد جو ڇيلو وهريو آهي، جيڪو ان جي پارسي ڪري ڏيکاري ته انعام ڏيانس!“

”انعام ۾ ڇا ملندو؟“ ٻين طالبن ٿهڪ ڏيندي ڪائنس پڇيو ”پنهنجي مٺي سان ٻڌل رومال!“

پوءِ هڪ ٻي ناخلف ان جي پارسي ڪرڻ شروع ڪئي:

”بزءُ استاد.... “ استاد پاڻ روڪي نه سگهيو ۽ هڪدم ان نامعقول کي روڪڻ لاءِ حجري ۾ ٽپي پيو:

”خاموش ، ٻي ادب ...! گستاخ....!“ استاد ڌمڪي آميز رڙ ڪئي. سيني طالبن تي سڪتو طاري ٿي ويو. استاد ڪاوڙ ۾ ٻنهي طالبن رحيم بخش ۽ الهداد کي گهوريندي

بيد وانگر لرزي رهيو هو ۽ سوچيو پئي تہ طالبن جي اڻ مسيت تي چاڙهڻ جهڙي شرارت تہ برداشت ڪري سگهجي ٿي. پر هيئن اخلاق جا ليڪا لتاڙڻ ۽ استاد جي ناڻءُ تي ٺوڪ يا مخول ڪرڻ واري حرڪت ناقابل برداشت آهي. هن ڪجهہ ساعتن لاءِ ٻين طالبن کي ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ خطاڪار طالبن سان ، ڪاوڙ وچان مخاطب ٿيو:

”مون تہ ائين سمجهيو هيو تہ اوهين صرف اڻ جيان بدوضع آهيو. پر هاڻ خبر پئي تہ اوهين بدڪو بہ آهيو ۽ يقينن ٻيو ڪجهہ بہ ...“

الهداد ۽ رحيم بخش ٻئي ڪيس ڪنڌ هيٺ ڪيون بڏي رهيا ها.

رحيم بخش همٿ ڪان ڪم وٺندي عاجزي سان چيو:

”استاد صاحب ، انسان خطا جو گهر آهي ، اسان جي خطا معاف ٿئي!“

انهيءَ عرضداشت جو استاد مٿان ڪو بہ اثر نہ پيو، اٿلندو استاد ڪاوڙ ۾ وراڻيو:

”خطا لاءِ سزا جو حڪم آهي .... ۽ سزا اوهان کي رئيس ڏيندو!“

اها ڳالهہ ٻڌي ، ٻئي طالب ڏهلجي ويا، ڪين خبر هئي تہ اهڙي ڳالهہ ٻڌڻ ڪان پوءِ رئيس ڪين مدرسي مان، ٻنا دستار ٻنديءَ جي ڪيڻ ۾ دير ٿي نہ ڪندو. ٻئي قسمن جي سهاري الاهون ٻلاهون ڪرڻ لڳا، پر استاد جيڪو ڪنهن ٻاهہ جي مچ تي رکيل ديڱ جيان تپي ويو هو، تنهن نڙ نپ جواب ڏنو.

رحيم بخش جيڪو استاد جو آتش نما چهرو ڏسي ڏهلجي ويو هو. تنهن اوچتو پاڻ کي استاد جي پيرن تي ڇڏيندي چيو:

”سائين، اوهان کي لعل جان جو قسم ...! بس هي پيرو خطا معاف ٿئي.“

استاد کان اوچتو ڇرڪ نڪري ويو . ڪيس ائين لڳو ڄڻ سندس پيرن مان ڪنهن زمين ڇڪي ڪڍي ورتي هئي. هن تہ ائين سمجهيو هو تہ سندس عشق جي ٻابور، سندس ڪرامن ڪاتبين کي بہ نہ هوندي، هنن ناسعقولن کي ڪيئن پئجي وئي؟! هو اڃا حيرت ۾ هيو تہ الهداد بہ ساڳي ڪار ڪئي ۽ چوڻ لڳو:

”جيستائين اوهان معاف ڪندئو تہ انشاءَ الله، اوهان جي هجر جي مهجوري چند ڏينهن ۾ ختم ٿي ويندي!“

استاد ، ٻنهہ عجب جي نشاني ٻڻجي ، ٻنهي کي تڪڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳو، جن طالبن کي هو چاچول باز ۽ ڪند ذهن سمجهندو هو ، سي تہ وڏا چالاڪ نڪتا.

استاد چند گهڙيون خاموش رهيو ۽ پوءِ حجري کان پر ٻاهر بيٺل طالبن کي واپس اچڻ لاءِ سڏ ڪيائين. طالب جڏهن واپس آيا تہ اهو ڏسي ڪين حيرت ٿي تہ استاد ، جنهن پهريائين ويڙهي ڏانڊ جيان تارا اپا ڪيا ها ، سو ڪنهن پوسل ۾ ليٽيل مينهن جيان ٿڌو ٿي چڪو هو. تنهن ڦوڪت هٽندي رڳو ايترو تنبيهہ ڪئي:

”سزا ڏيڻ کان معاف ڪرڻ بهتر آهي، اڻ ڪري اوهان کي معاف ڪيان ٿو . پر انهيءَ شرط سان تہ آئنده اهڙي گستاخي نہ ٿئي.“

رحيم بخش ۽ الهداد توبهہ ڪندي ڪنن تي هٿ رکيا ۽ پوءِ ڳالهہ آئي وئي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ، طالبن استاد ۾ هڪ عجيب تبديلي ڏٺي تہ استاد جيڪو الهداد ۽ رحيم بخش تي سندن ڪاهليءَ جي ڪري جت ڦٽ ڪندو رهندو هيو، تن کي درگذر جي دائري ۾ آڻي ڇڏيو هيائين ۽ نہ صرف ايترو پر پهرن جا پهر حجري ۾ ويهاري ساڻن جهڻ پڻ پئي ڪيائين.

۽ حقيقت بہ اها هئي تہ استاد هاڻي رحيم بخش ۽ الهداد سان دل جو حال اورڻ لڳو هو، ڪڏهن ڪڏهن استاد کي ٻنهي طالبن جي اِ ۾ سياڻي وارين ڳالهين ۽ واعدن تي شڪ بہ ٿيندو هو ۽ ڪيس لڳندو هو تہ اِنجامي ڪوڙا آهن پر ڪيس اهو بہ احساس هو تہ اترادي معشوق ، لاڙي معشوقن جيان نرم خُو ۽ نرم دل ڪونهن جو هڪ اڌ نياپي ۾ پاڻ هاري ويهن، اهي تہ جهولي جي ستيل سخت جان چيلاڻن مثل آهن، جيڪي عشق جي لُڪن ۾ اڃا بہ وڌيڪ خطرناڪ ڏنگيندڙ ٿي ويندا آهن. ۽ جڏهن تہ لعل جان ڪو جهڙو تهڙو ڪونہ هو. منجهس معشوقن واريون هڙئي خصوصيتون يعني ناز و ادا، شوخي، سنگدلي، بي پرواهي، ۽ جور و جفا موجود هيون، تنهنڪري وصل جي ايتري تڪڙي آرزو ڪرڻ اجائي هئي. پر ڇا ڪري، انتظار بي قرار ، لب زرد ۽ آهہ سرد واري ڪيفيت کي .... !؟

آخر اهو ڏينهن اچي ويو، جنهن جو ڪيس اعتبار نہ پئي آيو. جڏهن رحيم بخش ۽ الهداد ڪيس مبارڪون ڏيندي ، انتهائي رازداري ۾ خوشخبري ٻڌائي هئي تہ لعل جان ملاقات جي لاءِ راضي ٿي ويو آهي، رات جو اوٻرو، مدرسي جي پٺ ۾ وهندڙ واهہ ۽ قبرستان واري ڏيڊيءَ ۾، جتي ڪبڙن جا گهاٽا وڻ آهن. اها ئي وصل جي منزل آهي ۽ پوءِ رات تائين هڪ هڪ پل صدين جيان گذرڻ لڳو.

هن ڇاپي واري ويسترن گهڙيءَ تي هر هر نظر پئي وڌي، جنهن جا پرنور ريڊيم لڳل ڪانٽا، آهستي آهستي سندس صبرآزما گهڙين کي ڳڻيندي اڳتي پئي وڌيا. جڏهن انهن رات جا ٻارنهن ڏيکاريا تہ، پير پير ۾ ڏئي ، حجري مان ٻاهر نڪتو. اماوس جي رات ۾ ، آسمان تي وکريل تارن جا ميڙ اکيون ٽمڪائيندي نظر آيس. هن هڪ نظر اوڏانهن بہ دوڙائي، جتي سندس رقيب روسياهہ، حافظ شمس الدين لٽ ڏيون ستو پيو هو . پوءِ الله تي رکي ، اوڏانهن روانو ٿيو، جتي قبرستان جي ڏيڊيءَ ۾ گهاٽا ڪبڙ هڪ ٻئي سان امبل چمبل لڳا پيا ها. جن جي هيٺان ڪاري ٻاٽ ، ڪاريهر جيان وڪڙ هنيون پئي هئي. هو همٿ ڪري جڏهن اندر گهڙيو تہ اونداهہ ڪيس ائين وڪوڙي وئي، جيئن بڪايل اجگر، ڪنهن جاندار کي جهٽ هڻي. ٻب اونداهہ ۾ زوردار ٽڙڦٽڙ ۽ ڪشمڪش جي ڪري سڪل پنن جي ڪڙڪڻ جو آواز ۽ مزاحمت ڪجهہ دير هلندي رهي ۽ ٿوري چنگهڻ کان پوءِ خاموشي ٿي وئي.

ماڪ مهل ، جڏهن ڪبڙن جي اونداهي ڪيس اوڳڇيو تہ استاد جي ورڻ جو منظر باب السماءُ (تارن جي ميڙ) حيرت ۽ عجب وچان پئي تڪيو. استاد جي پيشاني عرق آلود ۽ دستار ڳچيءَ ۾ لڙڪيل هئي. ڪڇيءَ گپ ۾ گوڏن تائين پريل ۽ پتڻ تي ڪٿيل ڍور کان وڌيڪ جان

۾ رڪجي ويس ..... هلندي هلندي ٿاٻا پئي کاڌائين ..... پير پئي وچڙيس ...... حجري ڏانهن تيزيءَ سان واپس ايندي، هر هر خوف وچان پٺتي شڪ پئي هنيائين .....

فجر جي نماز تي، رئيس جان محمد ، استاد سعد الله کي غير حاضر ڏٺو ته ڪجهه اڻ جهڻ ٿي پيس ته ، شايد گهڻي ڪم جي ڪري جي ڪيس ننڊ اچي وئي هجي يا طبعت ناساز هجيس. نماز کان پوءِ اندر جي اڌڪي کي ختم ڪرڻ لاءِ رئيس، سندس حجري ۾ جهاتي هنئين ته ڏٺائين ڪاريءَ وارا ڪک نه استاد، نه استاد جو سامان . البت هڪ چٺي تڏي تي، سندس هٿ اکرن سان ڇڏيل هئي. هن ڪٺي پڙهي ، جنهن تي لکيل هو:

الحاج رئيس جان محمد،

السلام عليڪم!

خيريت طرفين مطلوب . مطلب احوال ته، آءٌ پنهنجي ملڪ وڃان پيو. افسوس! جو اوهان جي ملڪ ۾ جالي نه سگهيس. ڳالهايو ٻولهايو بخشجو.

خيرانديش

استادسعد الله خان.

الحاج رئيس جان محمد جا تاڪ لڳي ويا. ڪيس سمجهه ۾ ڪجهه به نه آيو ته آخر سبب ڪهڙو هيو ، جو نه موڪلائڻ نه توڪلائڻ ائين الله توهر !؟

*

# سچيءِ لاجواب ڪهاڻي

هو جئين ئي، ٽڪل ٽٽل فيلڊ مان، سروي جو ڪم ڇڏائي ، آفيس ۾ پهتو ته ڪيس پنهنجي ماتحت اسسٽنٽ ٻڌايو: ’سائين، اوهان جي گهران نياپو آيو آهي ته گهر جلدي پهچو. اوهان جو والد آيو آهي‘.

هيڪر ته هن جو متو چڪرائجي ويو ته سندس والد ....!!؟؟ پر پوءِ ڪيس سمجهه ۾ اچي ويو ته پڪ سان وري سندس ماءُ کي دؤرو پيو هوندو. هن کي پنهنجي ماءُ تي ڪاوڙ سان گڏ ڪهل آئي ۽ سوچيائين، ماءُ اهڙي هستي آهي، جنهن تي ڪاوڙجڻ اولاد کي زيب نٿو ڏي. پيريءَ کي ته اولاد جي صورت ۾ مضبوط لٺ ڪپي نه ته پوڙهائپ زندگيءَ جو ، اهو ٻي وس ۽ لاچار حصو آهي، جنهن ۾ اداسي ۽ مايوسي جڻ هوا ۾ اُڏيل دز جيان ملامت ٿي وسندي آهي.

هن دل ۾ سوچيو، رنگ بيڪ Ring back ڪري ، ماءُ کي سمجهائي ڇڏي ته اهڙي قسم جو نياپو يا اطلاع، آفيس ۾ ڪيس ڪلڻ هاب ڪندو.

جڏهن ته ڪاغذن ۾ سندس والد فوت ٿيل آهي. هن اهو سوچي، پنهنجو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو ، ته جنهن چوويهن سالن کان وٺي، ان ڳالهه کي تسليم ناهي ڪيو، سا فون تي چئڻ منٽن ۾ ڪيئن سمجهي وٺندي؟

هن فيصلو ڪيو ته ڪيس گهر وڃي ماءُ کي ٿڌي سيني سان سمجهائڻ گهرجي. هن پنهنجي باس کان ٿن ڏينهن جي موڪل ورتي ۽ پوءِ اڌي تان ويگن تي چڙهي پيو.

سکر کان لاڙڪاڻو ڏيڍ ڪلاڪ جو پنڌ هيو، ويگن جيئن هلي، هو آسپاس کان بي نياز ٿي ويو. ڏيڍ ڪلاڪ جو اهو مفاصلو، سندس زندگيءَ جي چوويهن سالن جي طويل فلم جو ٽيلر ٿي ويو. هن جي ذهن ۾ خاص منظر ائين ڦرندا ۽ پٺتي ٿيندا پئي ويا. جئين دريءَ مان نظر ايندڙ ڪڏهن سر سبز کيت ۽ ڪڏهن ٻٽ زمين.

پهريون منظر ، جيڪو سندس ذهن ۾ ڦرڻ لڳو هو. اهو گهر جو اڱڻ هيو، جنهن تي جوڳياڻين کان ورتل گهگهرن سان ويٺي هن راند پئي ڪئي ۽ گهر جي ٻاهرين دروازي ڏانهن لوٽو پئي هنيو. سندس ماءُ جون نظرون گهر جي در ڏانهن پئي اڏاميون. جيتوڻيڪ هوءَ پاڻ کي انتظار جي انڌ ماندا کان بچائڻ لاءِ رئي تي آر هٽي رهي هئي. ڏاڏي، سندس ننڍڙي پيڻ کي پينگهي ۾ لوڏيندي، دروازي ڏانهن پئي واجهايو. ان ڏينهن تي دروازو کڙڪيو هو. پر پيءُ جي بجاءِ کو اوپرو ماڻهو در تي بيٺو هو، جنهن سندس ڏاڏي کي پنو ڏيئي ڪجهه ٻڌايو هو.

۽ پوءِ اهو دردناڪ منظر شروع ٿي ويو. جنهن ۾ سندس ماءُ پنهنجين ڪراين ۾ پهريل رنگ برنگي چوڙين ڪٽ جي ٻانهين تي هٽندي پئي پڳيون. هن حيرت ۽ ڪنهن لڇاتي خوف وچان تڪيندي، ڪائنس پڇيو: ’امان، چوڙيون ڇو ٿي ڀڃين؟‘ماءُ ڪيس روئندي ٻڌايو. ’پٽهين پاڻ کان رسي، پرن واري گهوڙي تي چڙهي آسمان تي هليو ويو آهي‘.

هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو ته جيڪڏهن سندس پيءُ، پرن واري گهوڙي تي چڙهي آسمان تي ويو به آهي، ته ساڳي گهوڙي تي چڙهي موٽي به سگهي ٿو. ان ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي ...!؟

سندس گهر اوڙي پاڙي وارين عورتن ۽ مٿن مائٽن سان ڀرجي ويو هو. مٿ مائٽ عجيب حسرت ڀرين نگاهن سان ڏسندي، ڪيس ڪڇ ۾ ڪٽي خوامخواهه دوڪان تان شيون وٺي ڏيڻ لڳا ها. هن جي سامهون سندس پيءُ جون ڳالهيون ڪندي، ٿڌا ساهه ڪٽندي، خاموش ٿي پئي ويا.

هن کي ماءُ جي ٻڌايل ڳالهه تي ويساهه هيو. جئين دنيا جي هر ٻار کي پنهنجي ماءُ جي ٻڌايل ڳالهين ۽ ڪهاڻين تي هوندو آهي. هر روز شام جو ڪوٺي تي چڙهي، پيءُ جي

همدردي جي بنياد تي سندس مٿي تي شفقت جو هٿ گهمائيندو هو ته ڪيس ائين لڳندو هو ته اهو مٿي تي زور ڏيئي، سندس سُر جهڪائي رهيو آهي.

سندس ذهن جي پردي تي اهو نه وسرندڙ ۽ خوفناڪ منظر اڀري آيو. جڏهن هو مئٽرڪ ۾ هيو. نئون ڪلاس ٽيچر اڌيڙ عمر جو هيو. سو حاضري بوڪ تي سندس نالو ۽ پيءُ جو نالو ڪڻندي بيهجي ويو ۽ چوڻ لڳو:

’تنهنجو پيءُ پوليس انسپيڪٽر هيو نه!؟‘

’ها سائين!‘ هن فخر سان ڪنڌ مٿي ڪندي جواب ڏنو.

’منهنجو وڏو ڀاءُ جمعدار هيو. تنهنجي والد مرحوم سان گڏ، منهنجو ڀاءُ به انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ هيو، جنهن ۾ پوليس جي ٻارنهن ڄڻن جو جٿو سوار هيو. هنن کي پار وڃي آپريشن ڪرڻو هيو. وچ سِير تي، قضا الاهيءَ سان ٻيڙي اونڌي ٿي پئي. ٻارنهن ماڻهو ٻڏي ويا. ڏهن جا لاش لڌا هيا. پر توهان جي والد ۽ منهنجي ڀاءُ جو لاش نه مليو. انهيءَ قضيي کي نو ـ ڏهه سال ڪن ٿيندا، پر ليا تائين ...‘ استاد، عينڪ لاهي ٽيبل تي رکي، وهندڙ تنرن کي هڪدم رومال سان اگهي ورتو ۽ حاضري پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

ان ڏينهن ، جڏهن گهر موٽيو هو ته پهريون دفعو باقاعده ماءُ سان جهيڙيو هيائين ۽ چيو هيائين: ’امان، تنهنجون سڀئي ڪهاڻيون ڪوڙيون ۽ جڙتو آهن ۽ تون وڏي ڪوڙي آهين.‘ ڪيترائي ڏينهن، هن ماءُ سان نه ڳالهايو هو، پر آهستي آهستي سندس ڪاوڙ ڍري ٿي وئي هئي.

مئٽرڪ ڪان پوءِ هن روزگار جي تلاش شروع ڪري ڏني هئي. ماءُ جي انهن هٿن کي ڏسندي، جيڪي مشين تي ڪپڙا سبندي کهرا ٿي پيا ها. چولن ۾ رون تي هر مڇ، نوپيتو، چنڊ ۾ چڪرو هٽندي، سندس آڱرين ۾ ٽنگ ٿي پيا ها. ويهڪ ڪري سندس جوڙن جو درد وڌي ويو هو. نور نچوئيندي نظر گهٽ ٿي وئي هيس. ماءُ کي جڏهن اها ڳالهه ٻڌائي هيائين ته چڙي پئي هئي.

’تون ڇا ٿو سمجهين ته ڇورو ڇنو آن ... تون ٻڌاءِ ته مان ڪنهن جي آڏو هٿ ٽنگيو آ؟ جڏهن آيو ته ڇا چوندو پٽهين ته منهنجي راجا کي پورو پڙهايئه به نه .... اڳتي اها ڳالهه نه ڪجانءِ .....!‘

هن کي، ماءُ جي جواب تي حيرانگي ٿي هئي ۽ سوچيو هيائين. ماءُ جي دل به عجيب آهي .....! سچ ته ماءُ، عورت جو اهو روپ آهي، جيڪو جذباتي نه پر بذات خود جذبات آهي. جنهن جي آڏو، عشق ۽ محبت جون هڙيئي حدون ختم آهن، ان ڏينهن کان پوءِ ، هن وري ماءُ سان ڪڏهن به اهڙي ڳالهه نه ڪئي هئي ...

مدئجي شهر جي گندي ڪڌ مان اٿندڙ بانس، هن جي ذهن جي پردي تي ڦرندڙ منظرن جي تسلسل کي ٽوڙي وڌو ۽ ڪيس گهڙي ڪن، ساهه روڪڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو هو. ويڳن جيئن ئي مدئجي جي آخري حد ٽپي وئي، ته صاف شفاف ۽ ٿڌي هوا، واڪا ڪندي، اڌ بند ۽ اڌ ڪليل درين مان اندر پئي آئي. ڪن نازڪ طبيعت ماڻهن زور زور سان نڇان ڏيندي، درين ڪان ويڙل ماڻهن کي دريون بند ڪرڻ تي مجبور پئي ڪيو.

آهستي آهستي هو وري آسپاس ڪان بي نياز ٿي ويو ۽ سندس ذهن ۾ اهو منظر ڦرڻ لڳو، جنهن ۾ جذبن جي انتها ۽ عقل دنگ هيو.

شاديءَ واري ڏينهن تي، ماءُ پنهنجي ڏاج واري ٽرئنڪ مان، سانڍيل فوٽو ڪڍيا ها، جنهن ۾ سندس پيءُ ڪنهن فوٽوءَ ۾، خانگي ڪپڙن ۾ بيٺو هيو ۽ ڪنهن ۾ سرڪاري ڊريس سان. هوءَ ساڻس مخاطب هئي:

’ڏس، تنهنجو راجا صاحب! ا ڄ گهوٽ ٿيو ٿي ... تو چيو هيو، مان جلد ايندس پر تو ا ڄ به دير ڪئي ..... مان تنهنجو لائن تائين انتظار ڪندس ... لائن تائين نه آئين ته صبو ح تائين انتظار ڪندس ... گهر جو در ڪليل رکندس ته متان موٽي وڃين، سياڻي به نه آئين ته ٻي ڏهاڙي، ٽين ڏهاڙي ....‘

ماءُ ڌانڌيون ڪندي روئي پئي. هو سراپا حيرت بڻجي ڪيس تڪي رهيو هو. هن جي دل ۾ گهڻو ڪجهه آيو ته ا ڄ ماءُ کي صاف صاف ٻڌائي ۽ سندس تصوراتي دنيا کي ايئن پڇي پورا ڪري، جئين خالي دلي کي پٽ تي ڦهڪائي ٺيڪراٽيو ن ڪيو آهي.

’امان، تون جنهن جو انتظار ڪري رهي آهين، انهيءَ جا ته هڏا به ڳري ويا هوندا. جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهه مون کي ريجهائڻ لاءِ ڪري رهي آهين ته مان توکي ا ڄ ٻڌايان ٿو ته تنهنجين تصوراتي ڪهاڻين کي مون پنهنجي ذهن مان ڌڪو ڏيئي اڇلائي ڇڏيو آهي يا ڪڍي ائين سمجهه ته مان پنهنجي پيءُ کي گهڻو ڏيئي ماري ڇڏيو آهي. مون کي ساڻس ملڻ جي ڪا به تمنا، حسرت يا انتظار ناهي. مان پنهنجي دل هيري وانگر سخت ڪري ڇڪو آهيان. جيڪڏهن تون پاڻ کي پرچائي رهي آهين ته به غلط ڪري رهي آهيان. ڪيستائين پاڻ کي دولاب ڏيندينءَ ... ڪيستائين ر ڃ ۾ اجايل هرٽي جيان پڇندي رهندينءَ!؟‘

ماءُ جي آڏو، اهو سڀ ڪجهه چوڻ جو ست نه ساري سگهيو. صرف جذبات ۾ ڏڪندو رهيو. شايد ماءُ ان وقت ايئن سمجهيو هجي ته سندس پٽ کي به وڇوڙي جي درد ۽ آنڌ مانڌ ڏيئي ڇڏي آهي، پر قطعي ان وقت ائين نه هو. هن کي ته ان وقت پيءُ بنهه ياد نه هو. جي ياد هيون ته اهي ڳالهيون جيڪي ونيءَ سان ڪرڻيون هيون، جيڪي تجربيڪار دوستن کيس ٻڌايون هيون يا ڪتابن مان پڙهيون هيائين.

نئين ديري جي ٻاءِ پاس تي، ڪجهه ماڻهو لٿا ۽ ڪجهه چڙهيا ته هن جو خيال ڪجهه گهڙين لاءِ متجي ويو. ڪجهه دير ماضيءَ جا منظر اندرين اک تائين هٽي ويا. انهن جي جاءِ، ٻاهرين منظرن ريل جي بند ۾ دونهين اوڳاڇيندڙ شگر مل ورتي. ويڳن مڙي، جئين ئي ڏکڻ طرف، لاڙڪاڻي روڊ ڏانهن سڌ ڪيو، ته ٻنهي پاسن ڪان بيٺل ڇهڇ ساون بيد مشڪن جي قطارن جي نظارن ۾ موهجي ويو. جڏهن ڪيهر ڳوٺ وٽ، وڏي اسپيڊ بريڪر ڪيس

جهٽڪو ڏنو تہ پنهنجي دنيا ۾ موٽي آيو ۽ سوچڻ لڳو ، هو ماءُ کي هن پيري، ڪجهہ اهڙي نموني سان سمجهائيندو:

’امان، تون منهنجي ڳالهين تي ناراض نہ ٿجانءِ. مان توکي دنيا جي هر هستي ۽ شئي کان اتم سمجهندو آهيان. ننڍپڻ ۾ هر ڀار ، توڙي جو پنهنجن احساسن کي لفظن ۾ ادا ناهي ڪري سگهندو ، پر محسوس ضرور ڪندو آهي تہ ماءَ جو اُرهہ ۽ پيءُ جو سينو ، سندس سڄي ڪائنات آهن. جڏهن تہ تون منهنجي لاءِ ماءُ ـ پيءُ رهي آهين. مڃان ٿو تہ ان وقت، جيڪڏهن تون اهڙيون اميدن ڀريون ڪهاڻيون نہ ٻڌائين ها تہ مان ذهني دٻاءُ جو شڪار ٿي وڃان ها. منهنجي شخصيت ۾ اهو سنگم ۽ توازن پيدا نہ ٿي سگهي ها ۽ ٿي سگهي ٿو تہ چورو پاڻ زورو ٿي وڃان ها. پر خدا جي واسطي، هاڻي مون کي يادگيري نہ ڏيار. مون کي پنهنجي پيءُ جي پلڇي پنيان نہ جوڙاءِ. مان ڏاڍو ٿڪجي ۽ چڙي پيو آهيان. هونئن بہ ماءُ جو سينو سمونڊ جيان ويڪرو هوندو آهي ۽ اولاد شوخ ۽ چنچل لهرن جيان. منهنجي ڪڙين ڳالهين تي ناراض نہ ٿجانءِ ... منهنجو صرف توکي هڪڙو ئي عرض آهي تہ وساري ڇڏ تہ ڪو تنهنجي راجا جو پيءُ ورٺو آهي ....‘

هن پنهنجي رٿيل جملن جي ڪٽ ڪندي اندازو هنيو تہ، جيڪڏهن هو ماءُ کي اهڙي ڏيرج ۽ آهستگيءَ سان سمجهائيندو تہ گهٽو ڪري سمجهي ويندي ۽ ڪيس درگذر ڪري سيني سان ائين لائي ڇڏيندي، جئين ساگر، اواچ لهرن کي سموئي ڇڏيندو آهي.

ويگن لاڙڪاڻي پهچي چڪي هئي. ويگن مان لهي، هن رڪشا پاڙي ڪيو. جيڪو زوڪات ڪندو، ڪچي دونهين کي هوا ۾ اڇلائيندو، سندس گهر سامهون اچي پهتو. هن رڪشا تان لهي، ڪال بيل جي بٽڻ تي هٿ رکيو، دروازو کليو. جڻ سندس بيچينيءَ منجهان انتظار پئي ڪيو ويو. ماءُ سندس سامهون بيٺي هئي. هن حيرانگيءَ منجهان ماءُ کي تڪيو، جنهن کي شاديءَ جو چمڪندڙ ڀنيو جوڙو پهريل هيو. ڪنن ۾ سونا جهومڪ ۽ ڪراين ۾ رنگ برنگي چوڙيون پئي ڪڙڪيون. خوشي سندس منهن مان ڀنپ ڏيئي پئي نڪتي. ماءُ هن کي ٻانهن کان پڪڙي چوڻ لڳي:

’تون چوندو هئين، منهنجي ڪهاڻي ڪوڙي آهي. جڙتو آهي. هل، هلي پنهنجي اکين سان ڏس ، پٽهين موٽي آيو ٿي ...‘

هو ماءُ سان گڏ اندرين ڪمري ۾ داخل ٿيو. سندس جوءِ جي ٻر ۾ نئون چاول ٻار، مٿيون پڪوڙيندي جنگهون هٽي رهيو هو. هن پنهنجي معصوم پيءُ کي هنج ۾ ڪٽي ماءُ کي ڏنو ۽ دل ۾ چيو: ’امان، واقعي تنهنجي ڪهاڻي سچي ۽ لاجواب آهي. اهڙي بهترين پڄاڻي واري ڪهاڻي ا ڄ تائين نہ مان ٻڌي ۽ نہ وري پڙهي آهي.‘

*

# ڏوجهرن ۾ قاتل زندگيون

مهينو جولاءِ جو ۽ وقت صبح جو آهي، آسمان تي هلڪن هلڪن ڪڪرن جي اڇ و ڃ لڳي پئي آهي. ٻٻرن، ٻيرن ۽ نمن جون چوٽيون لڏي رهيون آهن. ڳوٺ ’رانجهي سدوري‘ جي مسيت (مسجد) ۾ ، جهرڪ، جهرڪين کي ڏيکائي رهيا آهن. ڪنوارو مولوي، زيبيءَ جي ٽابريءَ ڏيءَ کي دير تائين سبق پڪو ڪرائي رهيو آهي. زيبي ، ڌيءَ جو انتظار ڪري ٿڪجي پئي آهي. سوچي ٿي: ’چوري کي سڌي اڃان تہ ماني ڪٽي وڃئون ٻنيءَ تي.

زيبي جو مڙس عدلو، ڳوٺ جي اولهائين نئين نهيل روڊ جي پرئين پر، ٻنيءَ تي وانگارين سان گڏ روت ۾ مشغول آهي. عدلوءَ جون نظرون رکي رکي ٻچيءَ جي پنن ۾ ڪپي وڃن ٿيون. جنهن جي سڻ جا پاڇا ذري گهٽ گوڏن تائين ڪنيل آهن. ٻچيءَ جو مڙس ڪوڙيءَ کي اک ۾ ڪيون مرايون هٽي رهيو آهي. ڪوڙي رونبو گهٽ ڇانجرا گهٽا ڪري رهي آهي.

رحيمان، ٺئي ويڙها ڳوٺ جا ڳولي ڳولي ٿڪي آهي، پر جانڌاهي ڪوتيءَ جو پتو نہ ڪرو. مونجهاري ۾ آهي تہ ڪڏهن اتو پيسبو، ڪڏهن ماني پچندي؟ جڏهن تہ ڪوتي، ڳوٺ جي مقام ۾ ، ٻوڙن جي اوت ’استاد گهر‘ لڳي پئي آهي.

ڳوٺ جي پهرئين ويڙهي جي آخري لانديءَ ۾، رستم جهانورو مولودن جي ڌم لايون ويٺو آهي. سندس سُر نهي ئي نٿو. نڙيءَ جي سُرڪي ڪيس ماري ڇڏيو آهي. پٽڪي ٿو: ’هيڏو سارو ويڙهو آ ... ڪنهن کي ٿي چار داڻا ڪارن مرچن جا بہ ڪونهن ، جو ڪٽي خدا ڪارڻ ڏين ... پر جي هوندن تہ بہ چوندا، ڪونهن!‘

ڳوٺ جي اوپر ۾، وهندڙ آچر واهہ جي ٻوڙن مان، لپا نانگن جو جوڙو نڪتو مس، تہ سامهون نور سينو ساهيون بيٺو آهي. مادي، نر کي سمجهائي جڻ موٽايو آهي تہ، ڇڏيس وات ڳاڙهو آ، وات ڳاڙهي سان اٽڪائڻ سٺي ڳالهہ ناهي ... آچر واهہ جي پرئين پر، خانو ڪبڙن هيٺان، ڪاني ۾ ٻليڊ اٽڪايون هيٺين سنت ادا ڪري رهيو آهي.

وچئين ويڙهي ۾ قادن ماءُ، قلمي قرآن هيٺان رپين جا بہ سؤ رکي پارت ڪري رهي آهي: وسيلا! پارت ٿي مان رن زال جي ... هاڻي ڪُل بہ هزار روپيہ ٿيئي!‘

پرسان واري گهر ۾، جمن جي ڪنوار، وهنجي جنابت لاٿي آهي. اگڻ تي ڏندي ڏيندي، ڦٽيءَ ۾ اٽڪيل پرپٽن (وڏين جوئنن) کي ڪدي ننهن تي رکي، ماري رهي آهي. اک ڏيگهہ

تي، ڪنگڻيءَ جو سنوڻ ٿي رهيو آهي. لانڊيءَ ۾ هڙاڌو ٽنگ ٽيل آهي. مٿان ’شاهي‘ هيٺان ’ربل‘ ٻيٺي آهي، ٻن ٽن سالن جو ٻار ٽنگ مان، هيٺ مٿي ٿي رهيو آهي. ڪڏهن ربل جي هٿن ۾، ڪڏهن شاهيءَ جي هٿن ۾. ٻئي چئي رهيون آهن:

’ٽنگ سوڙهو، شانو ٿلهو
شانو ٿلهو، ٽنگ سوڙهو.‘

ڪنگڻي ورتل شاني، ٻرڙات ڪندي مُٺي ڏنو آهي.

وچئين ويڙهي جي اوپارين گهر جي ڪونيءَ ۾ حياتان چانورن جو اٽو ڪتن کان لڪرائي، ماٽيءَ ۾ وجهي رهي آهي. سوچي ٿي: ’وڌ ۾ وڌ مڙسن کي ٽي مهينا ڪتي لڪ ڪارائبي آهي ته ڪتي وانگر پڇ لوڏڻ شروع ڪندا آهن. ٽيون سال آ، هن ماريي کي اثر ئي نٿو ٿئي. جڏهن ڏس تڏهن مچرجي، پاٽيءَ جيڏا ڳوڙها ٿو ڪري ڇڏي.‘

ٻاهر اڱڻ جي ٿلهي تي ڏيرياٽي جنت، ڪير ولوڙي ٿڪجي پئي آهي پر نڪتي اها ئي تيگٽي آهي. دبرندي چئي رهي آهي: ’پڪ اها حسنه ساڙوتي آهي، جيڪا پڙهيا ٿي وجهي.

حسنه، ڪنڌيءَ جي ٻئي پاسي، ڪنڌ جهڪائي ٻين سان گڏ، رلهين جا سيبا ڪري رهي آهي. اوچتو سندس اکين ۾ سَرت پئجي ويو آهي. ماسي نصيبان ڪَن مان چانديءَ جي والي ڪڍي، ڏوئي ڏپوئي واليءَ جا ڪنارا سندس اکين ۾ گهمائي چئي رهي آهي:

’سَرت پچانءِ؟‘
’پچ.‘
’سرت پچانءِ.‘
’پچ!‘

ستن دفعن کان پوءِ حسنه کي آرام اچي ويو آهي.

ڳوٺ جا ٽاٻر ڇورا، اتر پاسي، پاٽيءَ جي ڪڌ ۾ تڙڳي تڙڳي، اکيون جيرا ڪري موٽيا آهن. ڳوڌ جي پلون ممڇين جي در ۾ شاڪر ڦاسايون آيا آهن. ڪن کي وڻ ويڙهيون وات ۾ آهن. ڪن ناڙي جي ڏانڊين مان ٽوتاڙيون ٺاهيون آهن. زور سان وڄائيندي، ڳوٺ جي ڪراڙن ۽ ڪراڙين کي ٽائي ٽپائي ڏنو آهن.

’او بس ڪيو ... آڪهه جا ....!‘ نانو صالح جنهن کي اڳيئي جادل ذل ڪري ڇڏيو هو، سو ويتر چڙي پيو آهي.

’او نانا! ڏاڳو وٺي ڏي ... الائي ڇور ٽپ ٿيو ٽس.‘

’ڦوٽ ....! سڄي ڳوٺ ۾، مان هڪڙو ڇور هيس ڇا ...؟ ڏاڏنهن ته حج ڪئي کان پوءِ به هٿ مان رسو نه ڪڍيو هو.‘

’نانا، ان جو نٿو لڳيس ... تنهنجو نانءُ وڏو آهي.‘

ناني صالح جو هانءُ ٺري پيو آهي. هن ڏاڳو وٺڻ شروع ڪيو آهي ۽ چئي رهيو آهي: ’اسان هياسين بادشاهه ڇور، ڪن ڏاڏنهن وانگر ٻڪريون ٺڪريون ڪاهيندا ها سي ....!‘

جادل مڙس لاءِ، سڄو وٺي واپس وَري رهي آهي.

پوئين ويڙهي واري نم هيٺان ڇوڪريون گڏي گڏي ڪيڏي رهيون آهن. پنهنجين وڏين جي اهل ڪندي، ڪوڙ پچائيءَ جو جهيڙو ڪري رهيون آهن: ’ها، ها ....! تهان وري مٿئون لهي آيون آهيو ... شهر جون شوديون ...!‘

’بس ڪر ... ڪدڙي ڪڪڙ!‘

’پاڻ هوندئين ...!‘

هڪڙي ڇوڪري مٿو ڪنهندي، بيزاريءَ جو اظهار ڪري رهي آهي: ’ادي، هاڻي جهيڙي کان بس به ڪيو .... اچو ته سهرا چئون ....!‘ ائين چئي هڪ سهري جو سُر ڪڍي رهي آهي:

ونل جو جورو ڍڪي آ رومال سان،
ڍڪي آ رومال سان وڏي اقبال سان ...‘

’نه ادي، نه ....! اهو نياڳو سهرو ريڊيي تان ٻڌي ٻڌي مٿي ۾ سور پئجي ويو آ ...!‘

’ڪهڙو پلا!؟‘

اها ڇوڪري ٽنگ ٿي ڪائنس پڇي ٿي. ٻيون سُر ڪڍن ٿيون.

’او، مون کي نٿو وٽي لاڙڪاڻو، ڙي اديون!
او ، مون کي ملڪ وٽي ٿو اباڻو .... ڙي اديون!‘

وڏي نم جي پر ۾، ڳوٺ جي چڱي مڙس صيفل جو گهر آهي. صيفل جي وڏي ننهن گلان ڪوسي خاڪ ۽ ٻيرچون ڪنيون موريز ڏانهن وجي رهي آهي. صيفل جي زال قدي مٿي کي پيندڙيون ٻڌي سُتي پئي آهي. صيفل، وڏي پٽ لاءِ، پوٽي کان خط لکرائي رهيو آهي:

’لکيس .... ته ڪل خير آهي ... باقي جيڪا ڇوکر جانب وارن اسان کي ڏيٽي ڪئي هئي ، تو واري رشيد لاءِ. پوءِ ڦري ويا ها ... قدرت خدا جي، وجي ٿي ڪڌ مان مٿي ڪڍڻ، پيس پير ترڪي، ڏو ٽار پاٽيءَ ۾ .... ٻڌي مئي ... دل کي ڏاڍي فرحت آئي .... ابا، دشمن هن، دشمنن جي دانگي پڄي ته به چڱي ... پر مان ڏيکاءُ خاطر مڙيئي در لنگهي، رضا الله جي ڪري آيو مانِ .... پاٽين مجو ڏاڍو ڪاوڙيو، چئي .... اسان کي ڏسي ٻانهون پٽيان اڇلي هلندا آهن ... پلا جي لچلن ٿا ته پنهنجي پُٽ جون مکيون تڙيندا، اسان کي ڇا ڪندا، ڪن نه!؟‘

رشيد، جيڪو اٺين درجي ۾ آهي. ’ها!‘ چوندي، اڌ گابرو لکي رهيو آهي. صيفل ڪنگهي ڪڙڪي نڙي صاف ڪري، وري لکائڻ شروع ڪيو آهي:

’لکيس .... ته ٻيو مڙيئي خير آهي ... باقي دادوءَ کي ڪک سنگهيو هو. ابا، خبر ته هوندءِ .... هسپتال ۾ نانگ واريون سيون کو نه ٿيون ملن .... بچڻ مشڪل ٿس. باقي حياتي الله وس آ ... ٻيو ابي کي چوان منهنجي ۽ رشيد لاءِ نيشنل ٽيپ ۽ سعودي مان ريل

(ڪيسٽون) وٺيون اچجانءِ ... ائون رپين جا ويهه هزار به ڪنيون اچجانءِ ... جو هيل وڏو خرچ آيو آ ... آبدار ڪي به ٻوبو ڏيٺو آ ... ائون ..!'

اوچتو ڳوٺ ۾ رڙو رڙ مچي وئي آهي. صيفل خط روڪرائي ڪنائي رهيو آهي. خانوءَ ڪي ٽڪو اچي ويو آهي. ڳالهه جو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو آهي. عدلو رونبو ڇڏي، ڳوٺ ڏانهن ڀڄو آهي.ڪٽي جو سنيالن ته، پوليس خانوند ڏني، قادن، مجوء منوء جانب، ۽ دينوء ڇهن ئي ڪي هنيون ڪنيون وئي آهي. هرڪو هڪ ٻئي کان پڇي رهيو آهي. ڇو ....؟ ڇاتي ....؟ جن ڏنوء تن ٻڌايو ته ڌاڙيلن جي پويان، ڪچي ڏانهن ويندڙ پوليس جون ٻه گاڏيون موٽيون پئي آيون. گاڏين کي ڳوٺ وٽ بريڪ لڳي، چيڪاٽ نڪتا. ٻنين واري پاسي کان خانوند ڏنوء گوڏو، گنجيءَ ۾، گاهه جي پري ڪنيون پئي آيو. پوليس وارن سڌي پڇيس: 'هن ڳوٺ ۾ رهندو آن!"'

'ها سائين!'

'ويهه گاڏيءَ ۾!'

خانوند ڏنو پري اچلائي، گاڏيءَ ۾ ويهي رهيو. قادن ڳوٺ کان نڪتو پئي آيو ، ٻاهرين ڪوهه تي ڏاندن کي پاٽي پيارڻ. پوليس وارن پڇيس: 'نالو ڇا ٿئي!؟'

'قادن!'

'جي تون قادن آن ته پوءِ ويهه گاڏيءَ ۾ ....!'

ائين سيني کي رستي تان جهليندا، گاڏيءَ ۾ وجهي شهر هليا ويا آهن.

صيفل جي گهر ۾ زالين مردين ڄهم لڳو پيو آهي. پهه پچار هلي رهي آهي ته هاڻي ڪيئن ڪجي ...؟ جيترا وات اوتريون ڳالهيون آهن. ڪو چوي ٿو، نباب (نواب) صاحب، ايمني (ايم ـ اين ـ اي) ڏي هلجي. ڪو راءِ ڏئي ٿو ته، رئيس وڏي ايمپي (ايم ـ پي ـ اي) ڏي هلجي. سيئي وري ويچارن ٿا ته: جي نباب ڏي وڃبو ته جواب ملندو. ٻاهر ويو آ. پڇبو: ڪاڏي؟ ... ته چوندا، خبر خداءِ کي ... جي رئيس ڏي هلبو ته چوندا، ستو پيو آ.

آخر ۾ صلاح ۾ اِها بيٺي ته، ادي پير بئڪ(پير بخش) ڏي ٿا هلون. رهي به پر واري ڳوٺ ۾ ٿو. اڳي ڪٽي ٽنينگ هوء پر هاڻي راهي رسائي وارو ٿي ويو آهي. ا ڄ ڪلهه هليس به چڱي ٿي. اسلان باد (اسلام آباد) به ويندو آ .

اهڙي ڳڻ ڳوت ڪري، صيفل ويڙهن جا به چڱا غلامو ۽ هاشم ساڻ ڪنيا آهن. ادي پير بخش وٽ پهتا آهن. ادي پير بخش سڌي ڳالهه ڪين ته، پنهنجي پر ۾ وس ڪندو ته مفت ۾ ڇڏائي، پر پوءِ به ات پئه ۾ بلو پيٽي ڪري هلجي ته بهتر آ.

ڳوٺ ۾ وٺ سٺ ٿي وئي آهي. قدي، ماءَ جا آنڊا، ڏڪندڙ هٿن سان اوڏڪي پٽ جي وٺيءَ مان پراٽين اڳڙين ۾ ويڙهيل گٽيل پيسا ڪڍيا آهن. حسنه مڙس لاءِ رنگهي چنگهي رلهي اديڙي آهي. قادن ماءُ قلمي قرآن هيٺان به هزار روپيه ڪڍيا آهن. ڪنجهي ڪرڪي رهي آهي: 'ڇهنڊين سان ميڙيا هيم ... وري اهي رت جون مانيون، سورن جو ساڳ ....' تنهن کان سواءِ ڪنهنجو سينڌ ڦل، ڪنهنجو ٺڪو، ڪنهنجي نسبي، ڪنهنجو ڪنگڻ، ڪنهنجون واليون لهي، گڏ ٿي، هڪ ڳنڍڙي ۾ پيون آهن.

ٽهي سنيري اچڻ کان پوءِ ، پير بخش پنهنجي اڌوراڻي ڪار ڪڍي آهي. صيفل ۽ ٻين چڱن کي ويهاري، پهريائين ڪين شهر جي سوناري ڏانهن وٺي ويو آهي. سون وڪٽائي سڌو ٿاڻي تي آيو آهي. صيفل ۽ ٻه چڱا مڙس ٻاهر بيٺا آهن. اندر ٿاڻي ۾ پير بخش ۽ پوليس انسپيڪٽر جون ڳالهيون ٻولهيون هلي رهيون آهن. هٽندي ماريندي سچو معاملو سٺ هزار ۾ طئه ٿيو آهي. قدرت خدا جي، مالڪن وٽ به پورا سٺ هزار آهن. سومهياڻي ڌاري همراهه ڇُٽي نڪتا آهن. ڳوٺ کان شهر پنج ڪلو ميٽر ڪن پرتي آهي. پند هٽي ڳوٺ پهتا آهن. ڳوٺ جي سيني عورتن، مردن ۽ ٻارن جون ننڊون حرام آهن. ڳاراچو هلي رهيو آهي. ڇُٽل ٻڌائي رهيا آهن ته، ٿاڻي تي، پوليس پهريائين ته ساٽن ڏاڍي وڙهي. چيائون: 'اونت ڏيو ... هجي ڪا ڳائي وائي ته ٻڌايون ... بس جڏهن ادو پير بئڪ (پير بخش) پهتو ته ڏمر لٿو.'

سيني ادي پير بخش جي تعريف ڪرڻ شروع ڪئي آهي: 'نه ، نه ....! وڏي شابس ٿس ... اها تسبيح واري جي دعا ٿس ... جاڪون لاڪون اسلان باد وڃڻ شروع ڪيو ٿئين، تاڪون لاڪون اها تسبيح هليس ٿي، پڙهي ته الائي ڇا ٿو!؟'

صيفل کي اوٻاسيون اچي رهيون آهن. وات تي هٿ رکي، اوٻاسيءَ کي روڪيندي، سيني کي چوي ٿو: 'هلو ...! هاڻي سمهي پئه. رب کي سنياري ... سياڻي خط پورو ڪرائي به ته موڪلٽو آ.'

سيئي آهستي آهستي ککڙ پن ٿي رهيا آهن. هوڏانهن ادو پير بخش به پنهنجي گهر ۾ ڳوٺ ۾ خوش آهي. سوچي ٿو، 'ڪجهه ته هانوَ جهل ٿي ... ٺانگ ته ناهي جو مٺي ڪائي .....'

*

## صوفي ڪهاڻي

# ۽ شهر اونڌو ٿي ويو ....

باک، ڦٽي چڪي ھئي. ڳاڙھو سج، آھستي آھستي اوڀر مان ڪني ڪڍي رھيو ھو. ٽڪرين تي ٿڌڙي ھير گھلي رھي ھئي. چوڌاري ھيڙھا ۽ بلبلا چھڪي رھيا ھيا.
چوٽيءَ تي 'قلندر شھباز' پوري جاھ و جلال سان ويٺو ھيو. ھيٺ تي سڀ اوري جا ۽ پري جا طالب ۽ مريد بيٺا ھيا. جيڪي سندس لب ڪشائيءَ لاءِ منتظر ھيا.
قلندر شھباز ، جنھن جو ڳاٽ ، ڳچيءَ ۾ وڌل گلوبند جي ڪري ٿورو جھڪيل ھيو ، سو اوچو ٿيو. ھن ٽڪريءَ تي بيٺل سڀني طالبن ۽ مريدن تي طائرانہ نظر وڌي ۽ پوءِ پنھنجي ھڪ ھٿ ۾ جھليل ڏنڊي کي لھرائيندي فرمايو:
'سيوھڻ جي قلعي واري شھر ۾ رھندڙ ماڻھن کي وڃي ٻڌايو ، تہ اسان راتو رات قلعي واري شھر کي اونڌو ڪرڻ وارا آھيون. جو ھاڻي انساني ٻي حسي پنھنجي انتھا کي پھچي چڪي آھي. ان ڪري جيڪو ساٿ ڏيندو، اھو ئي سرخرو ٿيندو ۽ جيڪو منڪر ٿيندو ، اُھو ذليل و خوار ٿيندو!'
سيئي طالب ۽ مريد 'آمنا صدقنا' چئي، شھر طرف ڊوڙيا ـ ۽ پوءِ گھرن، محلن ۽ ماڙين ۾ اِھا ھُو ھُواءِ ٿي وئي، تہ قلعي وارو شھر راتو رات اونڌو ٿي ويندو ـــ ھر شئي پنھنجي جڳھہ تان ھٽي ويندي. اُھي جن پنھنجي مستقبل کي محفوظ ڪرڻ لاءِ حد کان وڌيڪ ناھيو ۽ ميڙيو آھي، اُھي دربدر خاڪ بسر ٿي ويندا. جن جا ڳاٽ نخوت، تڪبر ۽ گھمنڊ جي ڪري مٿي آھن، سي مليا ميٽ ٿي ويندا. ڪجھہ بہ نہ بچندو. جي بچندو تہ صرف نانءُ الله جو ـــ
شھر جي اھڙن ماڻھن ، جن کي ڪجھہ نہ ڪجھہ احساس ھيو، تہ شھر ڏوھن ۽ گناھن جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي چڪو آھي، سي فڪر مند ھيا تہ ڇا ڪجي ....!؟ ۽ اُھي جن جي اندر ۾ ٻي حسي گھرُ ڪري وئي ھئي، سي خوب ڪليا، تہ ھڪ سچي قلندر کي ڪھڙي مجال جو صدين جو ٺھيل قلعي وارو شھر، جنھن جي ھڪ ھڪ سِر زور زبردستي ۽ طاقت جي بنياد تي رکيل آھي، سو ھڪ رات ۾ ڪيئن ٿو اونڌو ٿي سگھي!؟'
جڏھن جاسوسن ۽ مخبرن وٽان اِھا ڳالھہ منترين ۽ پوءِ مُک منتري وٽان ٿيندي راجا چوپٽ جي ڪنن تائين پھتي تہ راجا چوپٽ کِلي کِلي کيرو ٿي پيو.
راجا کِلندي چوڻ لڳو: 'ھي قلعي وارو شھر مضبوط جُڙيل آھي ـ جنھن جي بنياد ۾ ٻي حسيءَ جا پٿر پيل آھن ۽ ديوارون خون سان رنگيل آھن. ھن کي سڪندر اعظم جھڙو حملي آور تہ ڏوڏي سگھيو ٿو پر ھڪ ننگ ڌڙنگ فقير، جنھن جي ھٿ ۾ ڪاٺ جو ڏنڊو ھجي، ڪجھہ بہ نٿو ڪري سگھي.'
راجا چوپٽ جي ان ڳالھہ جي تصديق سڀني درٻارين، پوري شد ۽ مد سان ڪئي.
راجا اعلان ڪيو تہ سڀاڻي شام جو سڀ 'راج سڀا' ۾ حاضر ٿين، تہ جيئن ان جوڳي فقير ۽ سندس ساٿين لاءِ ڪا سخت سزا تجويز ڪري سگھجي. سڀني درٻارين اچڻ جو واعدو ڪيو ۽ پوءِ اُٿي ويا.
اُھا رات، جڏھن قلعي جي اندر پاڻ کي محفوظ سمجھندڙ ماڻھو گھرن ۾ ستل ھيا. کي ننڊ ۾ نازڪ سپنن سان جھٽيل ھيا. اُن وقت ڪجھہ ماڻھو پراسرار جدوجھد ۾ مصروف ھيا. ھنن ھر اُنھيءَ گھر جو ڪڙو کڙڪايو ، جتان ڪين ڪا جُھڻ پڻ ٻڌڻ ۾ پئي آئي. ۽ پوءِ ھنن، اُن کي ، من جي سچائيءَ سان مرشد جو پيغام پئي ٻڌايو ـــ ۽ ماڻھن مرشد جو پيغام ٻڌي
'آمنا صدقنا' پئي ڪئي ۽ يقين پئي ڪيو تہ قلعي وارو شھر ھاڻ ضرور اونڌو ٿيندو.
جيئن ئي باک ڦٽي ۽ صبو ح ٿيو تہ ھر اک ڏٺو تہ قلعي وارو شھرواقعي اونڌو لڳو پيو ھو .....
وڏن دروازن کُلڻ کان پوءِ، قلعي کان ٻاھر رھندڙ سادا سودا ماڻھو، جڏھن ڪمي ڪارين قلعي ۾ پھتا تہ اھو ڏسي دنگ رھجي ويا ۽ سوچڻ تي مجبور ٿيا تہ ڇا ائين بہ ٿي سگھي ٿو .....!؟ ۽ پوءِ اُنھن قلندر شھباز جي شان ۾ عقيدت جا گيت ڳايا ۽ اھو چوندي ٻاھر ھليا ويا تہ واقعي اھو ھڪ انقلاب آھي.
شھر ۾ جيڪي گھر اونڌا نہ ٿي سگھيا ھيا تہ صرف ڪجھہ خاص درٻارين جون ماڙيون ۽ راجا جو محل ـ جيڪي نھايت مضبوط ھٿن ۽ سخت دل ڪاريگرن جا ٺھيل ھيا.
شام جو جڏھن درٻار لڳي تہ راجا چوپٽ ۽ درٻاري پوري وقت تي پھتا، پر مُک منتري غائب ھيو.
راجا، درٻارين کان پڇيو: 'مُک منتري ڪٿي آھي؟'
منترين وراڻيو: 'خبر ناھي!'
راجا ڪاوڙجي حڪم ڪيو: 'مُک منتري کي ھڪدم گھرايو وڃي، جو اسان پنھنجي شھر جو حال معلوم ڪرڻ چاھيون ٿا.'
درٻار جو خاص قاصد ليان اُٿڻ وارو ھيو تہ مُک منتري گھبرايل گھبرايل انداز ۾ اندر داخل ٿيو.
'ڇا ڳالھہ آھي؟' راجا چوپٽ پڇيو.
'جان جي امان ھجي تہ عرض ڪريان؟'
'جان جي امان آھي. جلد ٻڌاءِ تہ شھر جو ڇا حال آھي؟' راجا جان جي امان ڏيندي پڇيو.
مُک منتري وراڻيو: 'جھان پناھہ ....! قلعي واري شھر جا اڪثر گھر اونڌا ٿي چڪا آھن. ماڻھو اونڌا ٿي چڪا آھن. ذھن اونڌا ٿي چڪا آھن. شھر جي ھر شئي پھريان کان مختلف ۽ اُبتي ٿي چڪي آھي.'
'اِھو تون ڇا ٿو چئين، مُک منتري!؟' راجا حيرت مان وراڻيو.

’ھا راجا ...! جن گھرن جا ماڻھو اگھ لڪشمي جي پوڄا ڪندا ھيا، اُھي صبوح جو مندرن ۾ نہ پھتا .... ۽ نہ اچڻ جو سبب اھو ٻڌايائون تہ ھاڻي اسان کي ظاھري لڪشمي جي ڪا بہ ضرورت ڪونھي. جي آھي تہ اندر جي لڪشمي جي، جيڪا اسان کي حاصل ٿي چڪي آھي.‘
’۽ ماڻھو ..!؟‘ راجا ماڻھن بابت پڇيو.
’اُھي بہ اونڌو وھنوار ۽ واپار ڪري رھيا آھن. ڪو بہ تور ۽ ماپ ۾ بي ايماني نٿو ڪري ... ڪو بہ سون ۾ ٽامو نٿو ملائي ... ھر ڪو بازار ۾ ھيري کي ھيرو ۽ پٿر کي پٿر چئي وڪڻي پيو.‘
مُک منتري تفصيل سان ٻڌايو.
’۽ ذھن ڪيئن اونڌا ٿي ويا آھن!؟‘ راجا مُک منتري کان بي چين ٿي پڇيو.
’راجا ...! افسوس تہ اِھو آھي تہ اسان جي شھر جا ماڻھو نفرت کان نفرت ۽ محبت سان محبت ڪن ٿا. ’مٺي ڪوڙ‘ جي جڳھہ تي ’ڪڙو سچ‘ ڳالھائن ٿا. فقيرن جي عزت ۽ اميرن کي ڪنگھن ٿي نہ ٿا.‘
’ھڪ رات ۾ ايڏو وڏو انقلاب ڪيئن ممڪن آھي!؟‘ راجا، پريشاني وچان مک منتري کان پڇيو.
’اِھو اُن فقير ۽ درويش جو پيغام آھي، جنھن کي ماڻھو قلندر شھباز چون ٿا. جڏھن اسان غفلت جي ننڊ ستل ھياسين تہ اُھو پيغام گھر گھر پھچي ويو ۽ ماڻھن جو ضمير بيدار ٿي ويو.‘
’آخر اُھو، اھڙو ڪھڙو پيغام آھي، جو ماڻھن ۾ ايڏو اعتماد اچي ويو آھي!؟‘ راجا چرپٽ تجسس وچان پڇيو.
مُک منتري وراڻيو: ’قلندري پيغام اِھو آھي تہ ھر انسان جو رو ح پير، وجود مريد، دل مرشد ۽ فھم طالب آھي. ان ڪري حق ۽ سچ جي واٽ اُتان ئي ملندي، ٻي واٽ وٺڻ جي ڪا ضرورت ڪونھي.‘
پيغام ٻڌي، راجا چرپٽ کان چڻ ساھہ ڇڏائجي ويو. ھن جھيڻي آواز ۾ چيو:
’مُک منتري ....! واقعي شھر اونڌو ٿي ويو.‘

*

# صوفي ڪھاڻيون

## اصلي چھرا

اوچتو ھڪ ڏينھن اھڙو طوفان آيو، جو شھر جي ماڻھن جي چھرن تان ماسڪ لھي ويا. ماڻھو ھڪ ٻئي جا اصلي چھرا ڏسي ايڏو تہ ڊنا، جو سيني ڪٽي جھنگ مُنھن ڪيو.
جھنگ جي جانورن جڏھن شھر جي ماڻھن کي پاڻ ڏانھن ايندو ڏٺو، تہ توبھہ توبھہ ڪندي چيائون: ’بدشڪل تہ ڪيڏا آھن ....!؟ ھنن انسانن کان تہ اسان جانور بہ چڱا آھيون.‘

*

## جاگيردار صوفي

ھڪ محفل ۾ جاگيردار صوفي، دعويٰ ڪندي پئي چيو:
’صوفيت ئي اُھو واحد نظريو آھي، جنھن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ امن ۽ آشتي کي آڻي سگھجي ٿو.‘
’سائين! پوءِ اوھان پاڻ سان ھٿياربند باڊي گارڊ چو ٿا کڻيون وتو؟‘
محفل ۾ ويٺل ھڪ ھمراھہ ڪائنس سوال ڪيو.
’اسان جي گادي تي ٻيا بہ دعويدار آھن. ان ڪري سر بچاءُ فرض آھي.‘

*

# سزا ڏيندڙ منصف

پاپ نگر ۾ ھڪ شخص جو ڏوھ اِھو ھيو تہ ھُن ڪو بہ ڏوھ نہ ڪيو ھو. شھر جي قاضي تعذير جاري ڪندي چيو:
’ھن کي اِن ڏوھ جي بدلي سزا ڏني وڃي ٿي.‘
ڄلاد پريشان ٿي ويو تہ قاضي ٿوري وضاحت ۾ رعب سان چيو:
’ھن کي ھڪ ٿي وقت ٻوڙيو ۽ ساڙيو وڃي.‘
اُھو ٻڌي عام ماڻھو پريشان ٿي ويا پر ڄلاد کي ڳالھ سمجھ ۾ اچي وئي، جو آخر ڄلاد ھيو. ھو اُن مجرم کي ماڻھن جي ھجوم ۾ درياھ تي وٺي آيو. پھريان اُن کي چوني جي ٻوري ۾ وڌائين، پوءِ ٻوريءَ جو منھن بند ڪري، درياھ ۾ اُڇلايائين.ٿوري دير کان پوءِ ٻوريءَ کي ٻاھر ڪڍي کوليائين تہ سين کي بي ڏوھي مجرم ھڪ ئي وقت ٻڏل ۽ سڙيل نظر آيو. وقت جي وھندڙ درياھ تي بيٺل ماڻھوءَ شھر جي قاضيءَ جي تعريف ڪندي چوڻ لڳا:
’عدل ڪرڻ برابر نٿو اچيس، پر سزا ڏيڻ جو سوئر(ماھر) آھي.‘

*

# اسرارِ خودي

ھڪ ڏينھن بندي جي خودي، ڄڏھن چوٽ چڙھي، آسمان سان گسڻ لڳي تہ خدا پڇيس:
’ٻڌاءِ، آخر تنھنجي مرضي ڪھڙي آھي؟‘
بندي وراڻيو:
’تون ھيٺ لھي آءُ تہ مان مٿي چڙھان.‘
پوءِ خدا ھيٺ لھي آيو ۽ بندو مٿي چڙھي ويھي رھيو.
اُن ڏينھن کان پوءِ بندو لھڻ جو نالو ئي نٿو وٺي ۽ خدا ڪيس حيرت مان تڪي ۽ سوچي رھيو آھي، تہ ڇا بندي جي اسرارِ خودي اِھا آھي...؟!

*

# رَملُ

ھڪ رمل جي علم رکندڙ چيو:
’رَملُ اُھو علم آھي، جيڪو نقطي ۽ لڪير جي مدد سان ماضي ۽ مستقبل کي بيان ڪري سگھي ٿو.‘
ٻي علم ھمراھ اُن کي چيو:
’ماضي تہ ماضي آھي پر مون کي مستقبل کان واقف ڪر!‘
رمل جي عالم وراڻيو:
’تنھنجو مستقبل اونداھو آھي ۽ تون ھڪ ڏينھن ضرور مرندين!‘
ٻي علم ھمراھ وراڻيو:
’اِھا تہ مون کي بہ خبر آھي!‘
’بس تہ پوءِ تون بہ رمل جو وڏو عالم آھين!‘

*

# ھِانا پرست

ھڪ انا پرست چيو:
’منھنجي انا ايڏي وڏي آھي، جيڏي ھيءَ خدائي آھي.‘
ٻي انا پرست وراڻيو:
’منھنجي انا ايڏي وڏي آھي، جيڏي ھيءَ خدائي بہ ناھي.‘

*

# معاف ڪندڙ

هڪ ڏينهن، خدا هڪ عبادت گذار کي چيو:
’آءٌ تو مان بيزار ٿي ويو آهيان.‘
’ڇو!؟‘ عبادت گذار حيرانگيءَ مان وراڻيو.
’توڪان تہ اُهي دهريا بہ چڱا، جيڪي نہ واعدو ڪندا آهن ۽ نہ ڦرندا آهن.‘
’ڪهڙو واعدو؟‘ عبادت گذار، خدا کي چيو.
’تو ن عبادت وقت، مون سان هر پيري برائي نہ ڪرڻ ۽ صراط مستقيم تي هلڻ جو واعدو ڪري، وري ڦري وڃين ٿو.‘ خدا عبادت گذار کي ياد ڏيارينديءَ چيو.
عبادت گذار وراڻيو:
’اي خدا! آءٌ توکي ان ڪري ئي تہ ميان ٿو، جو تون معاف ڪندڙ آهين.‘

*

# ناشڪُرو

خدا، هڪ ڏينهن بندي کي چيو:
’تو مون کي ڏاڍو خوار ڪيو آهي!‘
’آءٌ تہ اوهان جي عبادت لاءِ مسجدون، مندر، گرد وارا، ڪليسائون، پگوڊا ۽ عبادت گاهون جوڙايون آهن.‘ بندي وراڻيو.
’ان ڪري ئي تہ چوان ٿو تہ تو مون کي ديوارن ۾ مقيد ڪري، پنهنجو قيدي بڻائي ڇڏيو آهي.‘
بندي وراڻيو: ’اي خدا! ناشڪرا تہ انسان هوندا آهن، تون ڪڏهن کان ٿيو آهين؟‘

*

# جي ڳڻ ڪري نهارين

’آءٌ توکي ڇا ٻڌايان، تہ آءٌ ڪير آهيان. پر تون مون کي ڪهڙو بہ پيارو نالو ڏئي سگهين ٿي.‘
هڪ سفيد پکي، جنهن جون ٿنگون ڄڱهيون ۽ ٻہي ڏينگيون هيون، تنهن هنجهہ ڏانهن وڌندي پيار جتائڻ لڳو.
هنجهہ جيڪا ڪنهن ڏک جي ڪري، هنجن جي ولر کان وڇڙي، سَر مان نڪري، ڇر تي اچي پهتي هئي، سا اُن سفيد ۽ بد وضع پکيءَ جي اهڙي جرئت ۽ ٻہي حيائي تي پريشان ٿي وئي.
’تون ڪيترو وقت اُڏامي سگهندو آهين!؟‘ هنجهہ اُن سفيد پکيءَ کان پڇيو.
’ڪجهہ ڏينهن اڳي، هت اُڏامڻ جو مقابلو ٿيو. جنهن ۾ ڳجهن، سرٽين، ٻازن، ابابيلن سان گڏ مون بہ حصو ورتو. آءٌ ٽي ڏينهن آسمان ۾ گم هيس. چوٿين ڏينهن تي لٿم، تہ سين اچي سلامي پيري ۽ چيائون تہ، تون اسان جو بابو آهين!‘
هنجهہ حيران ٿي وئي، ۽ سوچڻ لڳي تہ هو وزن ۾ تہ هلڪو آهي، پر طبعيت جو هلڪو هرگز ٿي نہ ٿو سگهي.
هن ڪائنس آخري سوال ڪرڻ جو سوچيو ۽ پوءِ گڏ گذارڻ جو .....
’تون ڇا ڪندو آهين!؟‘
’آءٌ ڪجهہ ناهيان ڪندو، صرف عبادت ڪندو آهيان، سو بہ هڪ ٽنگ تي بيهي ....‘
جيئن تہ جواب اڌورو هيو، ان ڪري هنجهہ پنهنجي آخري سوال کي اڳتي وڌايو.
’۽ پوءِ تنهنجو گذر سفر ڪيئن ٿيندو آهي؟‘
’جڏهن ڪا بہ مڇي يا ڏيڏري، منهنجي عبادت ۾ خلل وجهندي آهي تہ آءٌ اُن کي ڳڙڪائي سخت سزا ڏيندو آهيان، تہ جيئن ٻيون ساهہ وارين شيون بہ عبرت حاصل ڪن.‘
سفيد پکي، هنجهہ کي پنهنجي گذر سفر جو راز ٻڌائيندي چيو.
هنجهہ ٻہي چين ٿي، سوال کي اڳتي وڌايو.
’آخر ڪار تنهنجو نالو ڇا آهي؟‘
’ايڏو زور پرين ٿي، تہ ٻڌايانءِ ٿو. منهنجو نالو بگهہ درويش آهي.‘
اهو ٻڌي هنجهہ هڪدم پڙڪو ڪاڏو ۽ پنهنجي سر ڏانهن اُڏامڻ لڳي.

*

## سياست ۽ عبادت

هڪ صحافي، هڪ مذهبي سياستدان کان سوال ڪيو:
’قبلا، اوهان جي نظر ۾ سياست ڇا آهي؟‘
’مون سياست کي عبادت سمجهيو آهي.‘ سياستدان وراڻيو.
’۽ عبادت کي؟‘
’سياست!‘
مذهبي سياستدان ريش مبارڪ تي هٿ ڦيرائيندي چيو.
صحافي پڇڪيو.
’تڏهن عوام ۽ خدا ٻئي پريشان آهن.‘

*

## آءُ ۽ مان

’آءٌ توکي سچ چوان؟‘
مان وراڻيو، ’ڀلي چئه!‘
’تون دنيا جي بيوقوف، خوش فهم، سست ۽ بزدل ترين شخصيت آهين.‘ آءٌ ڪيس واضح لفظن ۾ ٻڌايو.
’تون اِهو ڪهڙن ثبوتن جي بنياد تي چوين ٿو، ته مان اهڙي شخصيت آهيان؟‘
مان ڪاوڙجي ڪائنس پڇيو.
’جيڪڏهن آءٌ ثبوتن سان ٻڌايو، ته پوءِ تون ، تون نه رهندين ... چوين ته آءٌ وڏي واڪي ثابتيون ڏيان؟‘
مان سوچيو: ’آءٌ سان اٽڪڻ اجايو آهي. دنيا ٻڌندي ته ڇا چوندي ته ٻئي وڏا حرامي آهن!‘

*

## انشا الله

’اِن جو مطلب ته اِهو ڪم بہ نہ ٿيو!‘

*

## لاحول والله

’اِهڙي مزيدار ڳالهہ هئي ڇا ...؟‘

*

## فطرت

هڪ وڇون صفت ماڻهو، ٻئي ڪمي صفت ماڻهوءَ کي وات ويندي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ پوءِ چيو:
”معاف ڪجو، مون اوهان کي لفظن جا ڏنگ هنيا، اوهان کي تڪليف تہ نہ ٿي؟“
ڪمي صفت ماڻهوءَ وراڻيو، ”هر ڪنهن جي پنهنجي فطرت آهي. تون پنهنجو ڪم ڪندو رهہ ۽ مان پنهنجو ڪم ڪندو رهندس.

*

فيملي ڪهاڻيون

# گرو چيلو ڪھاڻيون

## بکيو

’دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو بکيو ڪير آھي؟‘
گرو ، چيلي کان پڇيو:
چيلي وراڻيو: ’اُھو جنھن کي سڄي دنيا جي زمين ملي ، تہ بہ چوندو ، تہ ڪجھ نہ مليو!!‘

*

## روشنيءَ جو انڌو

گرو:
’روشني جي انڌي ۽ اوندھہ جي انڌي ۾ ڪھڙو فرق آھي؟‘
چيلو:
’گرو جي!
اوندھہ جو انڌو، ڏسڻ چاھيندو آھي. مگر ڏسي ناھي سگھندو. ۽ روشني جو انڌو ڏسي بہ ناھي ڏسي سگھندو!

*

## تون ۽ مان

گرو: ’پِن جي چور کان وڌيڪ برو ڪيرُ؟‘
چيلو: ’ اَن چور ڪوئو ...!
گرو: ’ٺيڪ ... اَن چور ڪوئي کان وڌيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ’ ڍڪ ٻلو ... ڏنوان ....!
گرو: ’ٺيڪ ... ڍڪ ٻلي ڏنوان کان وڌيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ’ ڌرمي ڪتو ...!
گرو: ’ٺيڪ ... ڌرمي ڪتي کان وڌيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ’ سياسي سوئر ...!
گرو: ’ٺيڪ ... سياسي سوئرکان وڌيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ’ مقدس ڳئون ...!
گرو: ’ٺيڪ ... مقدس ڳئون کان وڌيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ’ مقدس پيءُ ...!
گرو: ’ٺيڪ ... مقدس پيءُکان وڌيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ’پڳوان ...!‘
گرو: ’پڳوان کان وڌيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ’انسان...!
گرو: ’انسان کان وڌيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ’تون‘ ...!
گرو: ’تون‘ کان ڏيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ’مان‘ ...!
گرو: ’تون‘ ۽ ’مان‘ ۾ ڪھڙو فرق آھي؟‘
چيلو: ’تون بہ تون آھين، تہ مان بہ مان آھيان ...!‘

*

# لانگ بوٽ وارو

گُرو ، چيلي کان پڇيو: ’مٿي ۾ عقل ڪنھن ڪي هوندو آهي؟‘
چيلو: ’جنھن جي ڦتل هوندي آهي!‘
گرو: ’ٺيڪ ... اک ۾ عقل ڪنھن ڪي هوندو آهي؟‘
چيلو: ليکڪن کي.
گرو: ’ٺيڪ ... وات ۾ عقل ڪنھن ڪي هوندو آهي؟‘
چيلو: سياستدانن کي.
گرو: ’ٺيڪ ... دل ۾ عقل ڪنھن ڪي هوندو آهي؟‘
چيلو: عورت کي.
گرو: ’ٺيڪ ... غريب کي عقل ڪنھن ۾ هوندو آهي؟‘
چيلو: پيٽ ۾.
گرو: ’ٺيڪ ... آفيسر کي عقل ڪنھن ۾ هوندو آهي؟‘
چيلو: ڪياڙيءَ ۾.
گرو: ’ٺيڪ ... طاقت ور ڌر کي عقل ڪنھن ۾ هوندو آهي؟‘
چيلو: ’لانگ بوٽ ۾.‘
گرو: ’ٺيڪ ...هاڻ ٻڌاءِ تہ تون عقل ڇا ۾ رکڻ چاهين ٿو؟‘
چيلو: ’لانگ بوٽ ۾.‘
گرو: ’ڇو؟‘
چيلو: ’لانگ بوٽ وارو عقل طاقتور هوندو آهي، ڪنھن کي بہ بي سبب چيڀاٽي سگهي ٿو.‘
ايئن چئي چيلي، پنھنجي لانگ بوٽ سان، گروءَ کي چيڀاٽ ڏئي ڇڏي.
تہ گرو رڙ ڪري چيو: ’بيشڪ، تون وڏو عقلمند آهين!‘

*

# جنت ارضي

پنھنجي ملڪ ۾، چيلو ڪيترن ڏينھن جي رلڻ پنڻ، گهمڻ ۽ ڦرڻ کان پوءِ، گُروءَ جي آشرم ۾ پهتو. تہ گرو ڪائنس پڇيو:
’ايترا ڏينھن ڪاٿي هئين؟‘
چيلي وراڻيو: ’گرو جي! پنھنجي ملڪ جي سير و سفر تي ويو هيس.‘
’توکي پنھنجو ملڪ ڪيئن لڳو؟‘ گرو پڇيو.
’پاڳلن لاءِ رحمت ۽ عاقلن لاءِ زحمت‘ چيلي وراڻيو.
’تون ڇا ٿيڻ چاهين ٿو، پاڳل يا عاقل؟‘
’پاڳل!‘ چيلي وڏي اعتماد سان وراڻيو.
’تہ پوءِ تنھنجي لاءِ هي ملڪ جنت ِ ارضي آهي. جئين وڻئي، تيئن ڪندو وت.‘
اِهو ٻڌي چيلو چرين وانگر ٺهڪ ڏيندي اُٿيو ۽ زمين تي پيل هڪ پٿر کڻي پنھنجي گروءَ جي مٿي ۾ هڻي ڪڍيائين.

*

# اڪيون پوٽ تہ ملڪ ئي ميدان

چيلو تاريخ جو هڪ وڏو ڪتاب پڙهڻ ۾ مصروف هيو.
گرو ڪيس ڏسندي پڇيو.
’چيلا! تون ڪيترن ڏينھن کان وٺي تاريخي ڪتاب پڙهڻ ۾ مصروف آهين. آخر تو تاريخي ڪتابن مان ڪهڙو سبق سکيو آ؟‘
’گرو جي! تاريخ جي ڪتابن کي پڙهندي ائين محسوس ٿئي ٿو تہ اسان جو ماضي بہ ڪو چڱو ناهي گذريو .... تاريخ رت سان پيري پيئي آهي.‘ چيلي ڏوڪويل انداز ۾ وراڻيو.
’چڱو، ماضيءَ تي سوچڻ ۽ پاڻ کي دکي ڪرڻ بدران حال تي سوچ تہ ڪا حال ۾ مثبت تبديلي اچي سگهي ٿي؟‘ گرو چيلي کي سمجهائيندي چيو.
’ڪهڙي مثبت تبديلي ايندي ....؟ ڏسو پاڻ تا تہ حال بہ حال بي حال لڳو پيو آهي. جئين پوءِ تيئن برائي ۽ بڇڙائي وڌندي، چڱائي ۽ سُٺائي سوس ڪائيندي پئي وڃي!‘ چيلي تاريخ جي ٿُلهي ڪتاب تي ٺونٺ رکندي وراڻيو.

’چڱو، اکيون بند ڪري، ڌيان گيان سان اندر جي اک کولي ڏس تہ مستقبل مان ڪا چڱائي جي اميد رکي سگھجي ٿي؟‘ گرو، چيلي کي حال جي فڪرات مان ڪڍندي چيو.

چيلي ٻاهر جون اکيون بند ڪري، اندر جي اکين کي کولي، مستقبل کي ڏسڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ پٿو وڃان رڙ ڪندي چيائين:

’گرو جي ....! توں ۽ اسان تہ مستقبل ۾ ڏاڍا ذليل ٿينداسين. ڇٿو تہ اُھا منظر ڪشي ڪري ٻڌايانو؟‘

’نہ منظر ڪشي ڪرڻ جي ضرورت ڪونھي. ھاڻي تون ھيئن ڪر جو ٻاھريون ۽ اندريون اکيون بند ڪري ڏس تہ ڇا ٿو ڏسين؟‘

گرو چيلي کي سمجھائيندي چيو.

چيلي ائين ئي ڪيو ۽ ٿوري دير ڪان پوءِ رڙ ڪندي چيائين: ’گرو جي! سڀ اکيون بوٽ تہ ملڪ ئي ميدان لڳو پيو آھي!‘

’تہ بس ھاڻي، اِھو ئي ملڪ ڏسندو رھہ. جتي پنھنجو نہ ماضي آھي، نہ حال آھي نہ مستقبل آھي. رڳو ا ڇ ئي ا ڇ لڳي پئي آھي.‘

*

# جڳ جھڙا

گرو گيان ڌيان ۾ ويٺو ھيو تہ اوچتو چيلو سھڪندو اچي پھتو.

چيلو: ’گرو جي ....! گرو جي ....!‘

گروءَ جو گيان ڀنگ ٿي ويو. ڪاوڙ مان اکيون کولي وراڻيائين

’ڇا آھي ....؟ جو ائين ڪُتي وانگر سھڪندو اچي پھتو آھين؟‘

چيلي سھڪندي وراڻيو: ’گرو جي غضب ٿي ويو!

وري ڇا ٿيو؟‘ گروءَ حيرت وچان پڇيو.

’ادب ۾ مرتب منصف ٿي ويا .... چور شاعر ٿي ويا .... ڌاڙيل ناول نگار ٿي ويا ....!‘

چيلي انڪشاف ڪندي چيو.

’اِھو سلسلو تہ گھڻي وقت ڪان ھلندڙ آھي. تو ڪھڙو نئون انڪشاف ڪيو آھي!‘

’پر اِھو سلسلو ادب ۽ ٻولي لاءِ ھاڃيڪار آھي؟!‘

گرو ٿڌو ڏيندي وراڻيو:

’بيوقوف! اھا ئي تہ سماجي تبديلي آھي، جو اڳي اديب جڳ ڪان چڱا ۽ ھاڻي جڳ جھڙا ۽ اڳتي ھلي جڳ ڪان بہ ڪنا ٿي ويندا!‘

*

# حق

’مان توکي ڪھاڻيڪار نٿو مڃان!‘

’نہ مڃ ....! اِھو تنھنجو حق آھي.‘

’پوءِ تون لکين ڇو ٿو؟‘

’اِھو منھنجو حق آھي.‘

*

# ادبي ڪچھريءَ عقلِ ڪل

ھُو عقل ڪل ھيو. سڄي دنيا جو علم ھُن جي پيٽ ۾ ھيو. ھو جڏھن شراب پي ڪچھري ۾ ڳالھائيندو ھيو تہ عقل ھاربو ھو.

ھڪ ڏينھن ھن انڪشاف ڪندي چيو تہ ’جڏھن ھُو ھِن دنيا ۾ نہ رھندو تہ سج نہ اُڀرندو.‘

’سائين! اِھا ڳالھہ تہ سوين سال اڳ، سنڌ جي ھڪ گدڙ بہ ڪئي ھئي، تہ ان جي مرڻ ڪان پوءِ سج نہ اُڀرندو. پر سج تہ اُڀرندو رھي ٿو.‘

’بيوقوف .... جاهل .... آءٌ اُن سچ جي ڳالھہ نہ پيو ڪيان. آءٌ سنڌي ادب جي سچ جي ڳالھہ پيو ڪيان.‘ عقلِ ڪُل جوش ۾ ايندي چيو.

ادبي ڪچهري ۾ نئون آيل همراھہ حيران ٿي ويو! ۽ پوءِ اهو سوچي اُٿي ويو تہ ڇڏ منجهي ڪي ڪيڙهيءَ ۾!

*

# ردي ڪتابچو

هڪ گهڻ پڙهئي دانشور ، دعويٰ سان چيو: ’جهڙي ريت آءٌ دنيا جي عظيم اديبن کي گهرائي ۽ گيرائي سان پڙهيو آهي. دنيا جو ڪو بہ ماڻهو ائين نٿو پڙهي سگهي.‘

سامهون ويٺل همراهن مان گهڻن هڪ زبان ٿي چيو:

’بيشڪ اوهان ڏاهپ جا ڏٺي آهيو.‘

’جيئن مون دنيا جي عظيم ليکڪن کي سمجهيو آهي، ٻيو ڪو بہ ائين نٿو سمجهي سگهي.

دانشور پنهنجي ذهانت جي پاڻ واکاڻ ڪندي چيو.

سامهون ويٺل همراهن مان ڪافي ڄڻن تائيد ڪندي وراڻيو: ’بيشڪ اوهان جي سمجهہ ۽ ٻُڌي نرالي آهي.‘

ڪتابي دانشور انڪشاف ڪندي چيو:

’اوهان کي اهو ٻڌي حيرت ٿيندي تہ آءٌ دنيا جا سڀ ڪتاب پڙهي ڇڏيا آهن.‘

’بي شڪ اوهان بي مثال شخصيت جا مالڪ آهيو.‘ سامهون ويٺلن مان گهڻن حيرت سان گڏ اقرار ڪيو.

هُن ويٺلن تي طنزيہ انداز ۾ نظر وڌي ۽ پوءِ چيو: ’هاڻي ان تلاش ۾ آهيان تہ باقي ڪهڙو ڪتاب بچيو آهي، جنهن کي پڙهي ڇڏجي. جي اوهان کي معلوم هجي تہ مون کي ضرور ٻڌائجو.‘

هڪ خاموش همراھہ جنهن ڪافي دير کان وٺي ڪتابي دانشور جو جائزو پئي ورتو. تنهن جرئت ڪندي چيو: ’اي پاڙهو دانشور! تنهنجي ڏاهپ، سمجهہ ۽ ٻُڌي ۾ ڪو شڪ ناهي. پر افسوس اِهو آهي، تہ تو اڃا هڪ اهم ۽ بنيادي ڪتاب ناهي پڙهيو.‘

’اهو ڪهڙو وڏو ڪتاب آهي، جيڪو مون اڃ تائين ناهي پڙهيو.‘ دانشور ڪاوڙ ۽ پريشاني وچان ڪائنس پڇيو.

’جي فرصت مليوَ تہ ڪڏهن پاڻ کي بہ پڙهڻ جي ڪوشش ڪجو!‘

’ان سان ڇا ٿيندو؟‘ گهڻ پڙهئي ڪتابي دانشور، ان ڪنڊائتي ويٺل همراھہ کان ٺوڪ واري انداز ۾ پڇيو.

’اُن سان اِهو ٿيندو تہ اوهان پاڻ کي ڪنهن خسيس ۽ ردي ڪتابچي جيان محسوس ڪندؤ!‘

اُهو ٻڌي گهڻ پڙهيو دانشور ائين سسي ويو، جئين پريل ڦوڪڻي کي سئي لڳي ويندي آهي.

*

# لفظن جون نيون معنائون

هڪ پياڪ اديب کان ڪنهن پڇيو:

”فصاحت ڇاکي چئبو آهي؟“

وراڻيائين، ”جڏهن ماڻهو وهسڪي پي ڳالهائي تہ ان کي فصاحت چئبو آهي.“

” ۽ بلاغت؟“

” جڏهن ماڻهو ڀنگ پي ڳالهائي، تہ ان کي بلاغت چئبو آهي.“

”سلاست؟“

”جڏهن ڪو چرس جي ڦوڪ ڀري سرور سان ڳالهائي تہ ان کي سلاست چئبو آهي.“

”لطافت؟“

” جڏهن هيروئن پي پنڪيون هڻندي ڳالهائي تہ اهي لطافت جي ضمري ۾ ايندو.“

” بغاوت؟“

” جڏهن ماڻهو هوش ۽ حواس سان ڳالهائي تہ ان کي بغاوت چئبو آهي.“

*

# دنيا جو عظيم نقاد

’مون ڪي دنيا جي ڪا بہ شئي ناھي وڻندي.‘

*

# سلُوڪ

ھڪ مجرم کي، جرم ڪندي، ھڪ قانون جي رکوالي پڪڙيو ۽ پوءِ پڇيو:
’ٻڌاءِ، توسان ڪھڙو سلوڪ ڪيو وڃي؟‘
مجرم جواب ڏنو:
’جھڙو مجرم، مجرمن سان ڪندا آھن.‘
قانون جو رکوالو کليو ۽ چيائين:
’و ج، توکي ڇڏي ٿو ڏيان، چا ياد ڪندين.‘

*

# معتبرائپ

ھڪ سوال پنھنجو پاڻ اُٿيو ۽ بي حسيءَ جي بازار ۾ بيٺل ھڪ ھڪ ماڻھوءَ کان پڇڻ لڳو:
’تون سيد ٿيڻ ٿو چاھين يا ماڻھو!؟‘
’سيدا!‘ سيد وراڻيو.
ھن ٻي کان پڇيو.
’تون سمات ٿيڻ ٿو چاھين يا ماڻھو؟‘
’سمات!‘سمات وراڻيو.
ھن ٽئين کان پڇيو:
’تون بروچ ٿيڻ ٿو چاھين ، يا ماڻھو؟‘
’بروچ !‘ بروچ وراڻيو.
ھڪ ھمراھ پرئي بازار ۾، وات ۾ پان رکيون ٿيلار ڪندي پئي آيو. ھُن اُن کان پڇيو:
’سچ ٻڌاءِ، تون ڇا ٿيڻ چاھين ٿو، ماڻھو يا ....؟‘
اُن ھمراھ ھڪ عمارت جي پٽ کي پان جي ڳرڙي سان رنگين ڪندي وراڻيو:
’مان صرف معتبر ٿيڻ ٿو چاھيان.‘

*

# تبديلي

’وڏا! اسان جي معاشري ۾ وڏي تبديلي آئي آھي؟‘
’ننڍا! ڪھڙي؟‘
’وڏا! اڄڪلھ زردار جو وات نادار وانگر قاتل آھي!‘
’۽ نادار جو ...؟‘
’’مُردار وانگر ...!‘
’بي شڪ، اِھا وڏي تبديلي آھي!‘

*

# ساڳيو ئي ٽٽو

ملڪ جو سربراھ انگريزيءَ ۾ قوم کي خطاب ڪري رھيو ھو. چاچو امام بخش غور سان ٻڌي رھيو ھو. بيري ھڪ دفعو ٽي وي کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ چاچي امام بخش جھليس. بيري کيس حيرت مان تڪيو جو کيس خبر ھئي تہ چاچو امام بخش پوري اڙدو بہ ناھي ڄاڻيندو. جڏھن خطاب ختم ٿيو تہ چاچي امام بخش کان بي ساختہ نڪري ويو.
’ڏاڍي ٻُڌائين، پيو!‘
’ڇا ٻُڌايائين؟‘بيري ٽيبل تان ڪوپ ۽ بسي کڻندي اچرج وچان پڇيس.

’گھڻو ڪجھ ٻڌايائين!‘
’نيٺ ...!؟‘ ٻيري حجت هلايس.
’جڏهن توهان کي خبر ئي ناهي تہ اهڙي موقعي تي ملڪ جا والي ڇا چوندا آهن!؟‘
’ڇا چوندا آهن؟‘ ٻيرو بہ ضد تي لهي آيو.
’اهو ساڳيو ئي تہ مُنهن سان گهمايائين توهان جي ... ٻيو ڇا چيئين!‘
ائين چئي چاچو امام بخش ٽيبل تي چانهہ جا ڏهہ روپيہ اڇلائي، نڪري ويو.

*

# ڏُکي ڪهاڻي

هڪ ڏُکي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳي. ڪڏهن روئڻ ، ڪڏهن کلڻ لڳي. سُڏڪن، هڏڪين ۾ آهن جو هڪ عجيب امتزاج هئي.
ڪهاڻيڪار سوچيو تہ اها هڪ بهترين ڪهاڻي ٿي سگهي ٿي.
لکڻ ويٺو تہ لکي نہ سگهيو.
۽ دل ئي دل ۾، اعتراف ڪري ويٺو تہ ڪي ڪهاڻيون لکي نہ ٿيون سگهجن، صرف ٻُڌي ۽ محسوس ڪري سگهجن ٿيون.

*

# ڊاڪٽريٽ

هڪ تعليم جو ماهر، پنهنجي ملڪ جي تعليمي نظام جي آسان ۽ سهل هجڻ جي حق ۾ دليل ڏيندي ليڪچر ڏئي رهيو هو:
’اسان وٽ مئٽرڪ کان انٽر ميڊيٽ سولي آهي. ڇو تہ ايستائين شاگرد رٽي هڻڻ جو ماهر ٿي ويندو آهي.
انٽر ميڊيٽ کان بيچلر جي ڊگري وٺڻ سولي آهي، ڇو جو شاگرد، نقل ۾ عقل استعمال ڪرڻ جي لائق ٿي ويندو آهي.
ماسٽرس ڊگري وٺڻ لِيا آسان آهي، جو شاگرد، ٽيڙيون آڱريون استعمال ڪري بہ ڊگري ڪڍي ويندو آهي.
رهيو سوال ڊاڪٽريٽ جي ڊگري جو، تہ اها وري سين کان آسان آهي ...‘
’اهو ڪيئن؟‘
آڊيٽوريم ۾ ويٺل هڪ همراهہ صبر نہ ساري سگهيو ۽ وچ ۾ پڇي ويٺو.
تعليم جي ماهر وراڻيو: ’اهو هيئن تہ، اسان وٽ ٻين جي عقل تي، پنهنجي بيوقوفي کي ظاهر ڪرڻ واري کي، ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني ويندي آهي.‘

*

# گونگو

هُو جڏهن ڄائو تہ وات پٽيو هو. هر شيءِ کي حيرت ۽ عجب وچان گهوريندو رهيو. ڪيس لچي ۽ ڪاري جي تميز ڪو نہ هئي. لعل ۽ ٽانڊي کي، هڪ ڪري پئي ڄاتائين. ’پيرڙو پنڌيرو‘ جي آواز تي ننڍڙيون وکون کڻي هلڻ لڳو. ڪڏهن ڪريو پئي، ڪڏهن هليو پئي. لفظن جي تهہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.ورجائي، سکي ويو بولي ڳالهائڻ. پر پوءِ محسوس ڪيائين تہ لفظ بہ گورک ڌنڌو آهن. لفظ ظاهر ۾ جيڪي ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، سمجهڻ ۾ اچن ٿا، اهي ناهن. اقرار ۾ انڪار ۽ انڪار ۾ اقرار لڪيل آهي. محبت ۾ نفرت ۽ نفرت ۾ محبت ڇپ هنيون ويٺي آهي. ڊگها جملا اظهار جون ڪوڙڪيون آهن. سچ کي بہ سونا ورق چاڙهيا پون ٿا، سونهن کي بيان ڪرڻ لاءِ صرف ’سونهن‘ چوڻ ڪافي ناهي. ان

جي بہ ايڊورٽائيزمينٽ ڪرڻي پوي ٿي. ان ڪري ڳالهائيندي ڳالهائيندي خاموش ٿي ويو. پوءِ خاموشي هن سان ڳالهائڻ لڳي. ۽ هو خاموشيءَ سان. ماڻهن سمجهيو گونگو آهي.

*

## سمجهہ

هڪ دوست، ٻي دوست کي چيو:
’ويهہ سال ٿيا آهن، توسان دوستي نڀائيندي، پر مان اڃا توکي سمجهي نہ سگهيو آهيان. تہ تون ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهين؟‘
ٻي جواب ڏنو:
’تنهنجي سمجهہ ئي ايتري آهي تہ مان ڇا ڪريان؟ مان تہ اُهو ئي آهيان، جيڪو ويهہ سال اڳ هيس.‘

*

## سازش

هڪ صحافي هڪ وزير باتدبير کان بار بار وڪڙ هڻي اهو سوال پئي پڇيو:
’آخرڪار اوهان جي دؤر حڪومت ۾ ايتريون خودڪشيون ڇو ٿيون ٿين!؟‘
وزير وراڻيو: ’دراصل اسان جي حڪومت خلاف اها هڪ وڏي سازش آهي‘
’ڪير ڪري رهيو آهي، اِها سازش؟‘
صحافي سوال مان سوال ڪڍندي پڇيو:
وزير وراڻيو:
’ملڪ دشمن!‘

*

## نہ ڪٽندڙ وسيلا

هڪ سرڪاري ڏر جي ماهر معاشيات کان صحافين ڏاڍا تيز ۽ تکا سوال پئي ڪيا.
’اسان جي ملڪ جي معاشي حالت ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي ٿي وڃي، خطرو اِهو آهي تہ ملڪ ڏيواليپڻي جو شڪار نہ ٿي وڃي. ائين ٿيندو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟‘
ماهر معاشيات اطمينان سان وراڻيو:
’اسان جي ملڪ جي معيشت ڪڏهن بہ ڪمزور ٿي نہ ٿي سگهي. اسان وٽ نہ ڪٽندڙ وسيلا آهن. ان ڪري پريشاني جي ڪا ڳالهہ ڪونهي.‘
صحافي مطمئن نہ ٿيڻ واري عادت کان مجبور ٿي وري سوال ڪيو:
’اُهي نہ ڪٽندڙ وسيلا ڪهڙا آهن، جيڪي اسان کي ڏيواليپڻي کان بچائيندا؟‘
’اسان کي پنڌ جا هڪ سؤ هڪ طريقا ايندا آهن. اسان تہ اڃا، پنجويهہ فيصد بہ اِهي طريقا استعمال ناهن ڪيا.‘
ماهر معاشيات وڏي اطمينان وچان گهرو ساهہ کڻندي وراڻيو.

*

# سياست

هڪ پراڻو تماشبين، ڪافي عرصو ٻاهر رهڻ کان پوءِ جڏهن پنهنجي ملڪ ۾ آيو، تہ ڪيس چڪلي وڃڻ جي ٻاڙ ستايو.
چڪلو گهمندي ڦرندي کيس حيراني ٿي تہ هر طرف بازار ۾ ويراني ڇانيل هئي. نہ فضا ۾ اُهي سُر هيا، نہ تال ، نہ پائل جي اُها جهنڪار هئي، نہ تماشبينن ۾ اُها ڏيڻ وٺڻ جي تميز هئي. ائين لڳي رهيو هيو، ڄڻ هڪ عجيب قسم جي بدتميزي جو طوفان هيو. نظرن ئي نظرن ۾ ڄڻ طوائفون ۽ تماشبين هڪ ٻئي کي کائي رهيا هيا.
هِن هڪ غمزده پوڙهي ڪير کي ڏٺو. جيڪو هڪ ڪوٺي جي ڏاڪڻ تي، ڪنڌ هيٺ ڪيون، ڪچو شراب واپرائي رهيو هيو. هن وڏي وجهي ڪير کان پڇيو: 'ڇا ٿي ويو آهي چڪلي کي ....؟ ڪنهن جي نظر لڳي ...؟ جو ائين هر شئي بي رونق ٿي وئي آهي!'
پوڙهي ڪير ڪنڌ مٿي ڪري، ٿڌو ساهہ پريندي جواب ڏنو:
'بائوجي ....! جڏهن کان چڪلي ۾ سياست آئي تہ چڪلو تباهہ ٿي ويو.'

*

# اداسي

'رات ڪيڏي نہ اداس آهي ...!' هڪ مايوس شخص، ٽن پيگن هڻڻ کان پوءِ، فليٽ جي بالڪوني ۾ ويهي، رات جي خاموشي تي تبصرو ڪندي چيو.
رات هڪ زوردار ٽهڪ ڏيندي وراڻيو:
'بيوقوف ..! اداس آءٌ نہ، پر تون آهين. تنهنجي ئي پر واري فليٽ ۾، تہ آءٌ رنگين لڳي پئي آهيان.'

*

# ڊگري يافتہ گڏهہ

هڪ شخص، سينگاريل گڏهہ کي ٻيٺي گلقند پئي کارايو ۽ ٻئي ٻيٺي گلاب پاشي پئي ڪئي.
اِهو ڏسي، ڪجهہ واٽهڙو حيران ٿي ويا.
هڪڙو طنزيہ انداز ۾ چوڻ لڳو: 'ڇا گڏهہ، ڇا گلقند ....!؟'
ٻئي ميار واري انداز ۾ ڇيڪ ڏيندي چيو: 'گڏهہ مٿان گلاب هاريندي حيف ٿئي!'
گڏهہ جي ٽنجوالي ڪرڻ واري هڪ شخص کي مٺيان لڳي، جواب ۾ چوڻ لڳو:
'هي ڪو عام رواجي گڏهہ ڪونهي. ڊگري يافتہ آهي، پٽ نہ اچيو تہ سندس ڳچيءَ ۾ ٻڌل ڊگريون ڏسي سگهو ٿا.'
واٽهڙو حيران ٿي گڏهہ جي پرسان آيا ۽ اهو ڏسي ويتر حيران ٿي ويا تہ گڏهہ جي ڳچيءَ ۾ ماسٽرس، ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جون ڊگريون ٻڌل هيون.

*

# چور جي تلاش

هڪ همراهہ هوٽل تي ويٺي ٻين ماڻهن کي پئي ٻڌايو:
'منهنجي زال دنيا جي خوبصورت ترين عورت آهي. هن جا وار گهٽائن جهڙا، چپ گلاب جون پنکڙيون، گردن صراحيدار، چيلهہ ڇهبڪ جيان ڪٽڪائون رنگ، چشم آهو، ابرو ڪمان، نگاهہ ناز ڪري تہ ماڻهو مُرغِ بسمل ٿي وڃي.'
ويٺل همراهن مان هڪ شخص کيس سمجهائيندي چيو:
'تون ڪو نهايت سادو ماڻهو ٿو لڳين ... پائو، هيءَ دنيا ڏاڍي ظالم ٿي. ائين نہ ٿئي تہ ڪو تنهنجون ڳالهيون ٻڌي، تنهنجي زال چورائي وڃي.'
همراهہ وراڻيو:
'آءٌ اِهو ئي تہ چاهيان ٿو!'

*

## نئين حڪمت عملي

دهشت گرديءَ جي خاتمي لاءِ، ملڪي سطح جو هڪ مذاڪرو ٿي رهيو هيو. سرڪاري سطح تي مڃيل دانشورن، سياستدانن ۽ مضبو ط ڌر جي ماڻهن کي گهرايو و يو.

پهريان هڪ دانشور ڳالهايو:

’دهشت گردن کي زوري ’عدم تشدد‘ وارو فلسفو پڙهايو وڃي. جڏهن هو عدم تشدد وارو فلسفو پڙهندا ته پاڻهي دهشت گردي ڇڏي ڏيندا.‘

پنڊال ۾ هڪ اڌ تاڙي وڳي ۽ ڪي ماڻهو سندس ان ڳالهه تي کليا.

اُن کان پوءِ هڪ سياستدان جو وارو آيو. ان فرمايو:

’دهشت گردن سان ڊيل ڪئي وڃي ۽ پوءِ کين مراعتون ڏيئي ڪرپٽ ڪري، سندس ويڙهاند واري جبلت کي گهٽايو وڃي ته دهشت گردي پاڻهي ختم ٿي ويندي.‘

پنڊال ۾ چڱن ماڻهن تاڙيون وڄايون ۽ رايو ڏنو ته اها پراڻي تجويز آهي، بهرحال پوءِ به ٺيڪ آهي.

آخر ۾ مضبوط ڌر جو ماڻهو آيو. هن رعبدار ۽ ڪڙڪيدار آواز ۾ تقرير ڪندي چيو:

’جئين هيرو هيري کي ڪٽيندو آهي، زهر زهر کي ماريندو آهي. تئين دهشتگردي کي، دهشت گردي سان ختم ڪري سگهجي ٿو.‘

پنڊال ۾ ويٺل ماڻهن، اُٿي بيهي تاڙيون وڄايون ۽ رايو ڏنو ته ڪيڏي نه شاندار ۽ نئين حڪمت عملي آهي!

*

## شوبز جو ماڻهو

هڪ شوقين مزاج شخص وڏي شهر جي هوٽل ۾ رهندي، ’ڪال گرل‘ کي گهرائڻ لاءِ هڪ پڙوي سان رابطو رکيو. پڙوي هُن کي البم ڏيکاريو. هن هڪ فوٽو تي هٿ رکيو، جنهن جا چپ ڏاڍا خوبصورت هيا. خوبصورت چپ هن جي ڪمزوري هيا. پڙوي هن کي اُن جو ريٽ 20 هزار ۽ پنهنجو محنتاڻو 2 هزار روپيه ٻڌايو. شوقين مزاج شخص هڪدم ’واليٽ‘ مان ٻاويهه هزار روپيه ڪڍي پڙوي کي ڏنا جو ڪيس پڙوي اڳ ۾ ئي اهو ٻڌائي ڇڏيو هيو ته لڄڪلهه ’ڪال گرلس‘ ايڊوانس ۾ پئسا وٺن ٿيون.

پڙوو پئسا وٺي رمندو رهيو ۽ شوقين مزاج انتظار ڪندو رهيو. منجهند کان رات ٿي وئي ته شوقين مزاج شخص آسرو لاهي ويهي رهيو. ڪيس اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ته پڙوو ساڻس ڌوڪو ڪري ويو، جئين اڪثر وڏن شهرن ۾ ٿيندو آهي.

منجهند جو ويل پڙوو ، جڏهن اڌ رات جو موٽيو ته هٿين خالي هيو. شوقين مزاج شخص جڏهن پڙوي کي ڏٺو ته ڪيس ايڏي ڪاوڙ آئي جو دل ۾ آيس ته انهيءَ ڌوڪيباز پڙوي جو نڙ گهٽ پٽي ڪڍي.

پڙوي ڏاڍي تعظيم سان روداد ٻڌائڻ شروع ڪئي:

’سائين! اوهان جي من پسند ’ڪال گرل‘ جو سيليولر فون مسلسل بند هيو. ان ڪري ڪيس مون شهر جي ڪيترن ئي اڏن تي ڳولهيو. ۽ آخري اڏي تان اها خبر پئي ته هڪ ’فيوڊل لارڊ‘ ڪيس ’بوڪ‘ ڪري ملڪ جي گادي جي هنڌ ڏانهن وٺي ويو آهي.‘

’پوءِ!؟‘ شوقين مزاج شخص ڪيس ڪاوڙ ۾ گهوريندي پڇيو.

’پوءِ هي اوهان جا ويهه هزار .... باقي منهنجو محنتاڻو ته ڪرائي ۾ هليو ويو!‘ پڙوي شوقين مزاج ماڻهوءَ کي پئسا موٽائيندي چيو.

شوقين مزاج همراه حيران ٿي ويو ۽ پئسا وٺندي چوڻ لڳو: ’مون ته ٻڌو آهي، وڏن شهرن جا پڙوا پئسا وٺي ڪائي ويندا آهن ۽ تون آهين، جنهن پئسا موٽائي ڏنا آهن!؟‘

پڙوي مشڪندي وراڻيو: ’سائين آءٌ پڙوو ضرور آهيان، پر شوبز جو ماڻهو ناهيان جو اوهان جا پئسا وٺي ڪائي وڃان!‘

*

## جدوجهد

ڪاليج ۾ شاگرد تنظيم جي اڳواڻ پنهنجي يونٽ جي ساٿين کي ليڪچر ڏئي رهيو هيو. هُن ليڪچر جي پڄاڙيءَ ۾ انقلاب ۽ آزاديءَ جي نعمتن جو ذڪر ايئن ڪيو جيئن، درياهه کي ڪوزي ۾ بند ڪبو آهي:

’جڏھن انقلاب ايندو ۽ آزادي ملندي تہ ھن ڏتڙيل سماج ۾ ھڪ اھڙو نظام ايندو جو اھي ٽڪي ٽڪي جا سرڪاري ملازم اسان جي گھرن جو دروازو کڙڪائي، پئسا ھٿن ۾ کڻي، باادب ٺي چوندا:
’ڪامريڊ! ھي وٺو ، پنھنجي منٿلي ... پنھنجو پتو ...‘
يونٽ جي ميمبرن زوردار تاڙيون وڄايون ۽ نعرا ھنيا.
پر يونٽ جو ھڪ ميمبر جيڪو حد کان وڌيڪ جذباتي ھيو، تنھن اٺي سوال ڪيو:
’ڪامريڊ ! اسان ڪي اھو ٻڌاءِ تہ جيستائين، اھڙو عظيم انقلاب برپا ٿئي، تيستائين اسان ڇا ڪيون ...؟ ڇا تيستائين اسان ڪتاب آڏو رکي پڙھندا رھون!؟‘
شاگرد اڳواڻ وراڻيو:
’نہ ...! تيستائين، اوھان ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرائي، جدوجھد کي جاري رکو.‘

*

# نحوست

ھڪ مرد چيو:
’عورت جي حڪومت ۾ نحوست ھوندي آھي.‘
اُھو ٻڌي عورت وراڻيو:
’واقعي اُھا عورت بدقسمت ھوندي، جنھن تو جھڙي منحوس کي ڄڻيو ھوندو!‘

*

# آسان نسخو

’غربت جو خاتمو آسان آھي.‘ حڪومتي ڌر جي اقتصادي ماھر دعويٰ ڪندي چيو.
’ڪيئن؟‘ ٻين ڪائنس پڇيو.
’غريبن کي ختم ڪيو وڃي تہ غربت پاڻ ئي ختم ٿي ويندي.‘

*

# ھڪ بدحواس شخص جي ڪٿا

ھڪ بدحواس شخص ، بد حواسيءَ جي عالم ۾ ڄائو.
بد حواسيءَ جي عالم ۾ جوان ٿيو
ءَ
بدّ حواسيءَ وارا ڪم ڪندي،
ھڪ ڏينھن بد حواسيءَ جي عالم ۾ مري ويو!

*

# موسم

” ا ڄ ڪلھہ ملڪ ۾ نفرتن جي تيز ھوائن گھلڻ جو امڪان آھي. سياسي بيان بازيءَ جي گرمي جي شدت، آخري درجي تائين پھچڻ واري آھي.
ان موسم ۾ عوام کي گذارش ڪئي وڃي ٿي تہ گھر کان ٻاھر نہ نڪرن. جي نڪرن تہ پاڻ سان ٻاڌي ڳارڊ ڪٺي نڪرن، نہ تہ ان جو ذميوار موسمي ڪاتو نہ ھوندو.“

*

# قرباني جو ٻڪر

عيدالاضحيٰ جي ڏينھن تي، سينگاريل ٻڪر ڪي جڏھن ڪاسائي دسي ڪھڻ شروع ڪيو تہ ھن دنيا جي سمورن ساھہ وارن کي آخري پيغام ڏيندي چيو: ’ ڪجھہ بہ ٿيو، پر قرباني جا ٻڪر نہ ٿيو.‘

*

## ملڪ سان محبت

’ھي ملڪ نہ رھندو تہ اسان بہ نہ رھنداسين.‘ ھڪ اپر ڪلاس جي ماڻھو ڳالھائيندي چيو.

’اوھان ڪيڏانھن ويندءُ؟‘ لوئر ڪلاس جي ماڻھو ڪائنس پڇيو.

’ٻاھرين ملڪن ۾ وڃي رھنداسين!‘

’ملڪ رھي نہ رھي اسان ضرور رھنداسين، جو اِھا اسان جي مجبوري ھوندي!‘ لوئر ڪلاس جي ماڻھوءَ مايوسي وچان جواب ڏنو.

’ڇو؟‘ اپر ڪلاس جي ماڻھوءَ حيرت وچان ڪائنس پڇيو.

’ڇو جو اسان وٽ ٻاھرين ملڪن جي بئنڪن ۾ رکيل پئسو ڪونھي!‘

اپر ڪلاس جي ماڻھوءَ کي. لوئر ڪلاس ماڻھوءَ جي ذليل ذھنيت تي ڏاڍو افسوس ٿيو ۽ سوچڻ لڳو: ’ھي طبقو نہ سڌرندو!‘

*

## سائيڊ بزنس

’اسان کي ماستري کپي!‘ سياسي ڪارڪن پنھنجي درخواست، پنھنجي پارٽيءَ جي وزير آڏو رکندي چيو.

’ماستريءَ تي ايڏو اصرار ڇو؟‘ وزير ڪارڪن کان پڇيو.

’ماستري ھوندي ، تہ ٻيا ڌنڌا بہ ڪري سگھبا نہ..!‘

*

## شرم جي ڳولھا

ھڪ وڏو ماڻھو (پئسي جي لحاظ کان) شرم کي پرچائڻ لاءِ گھران نڪتو ، تہ شرم کي پرچائي گھر وٺي اچان.

نيت ڳولھيندي ڳولھيندي، شھر جي ھڪ ڪچي آباديءَ ۾، ھڪ نادار ۽ خوددار ماڻھوءَ وٽ ڪيس رھندي ڏٺائين.

ھن شرم کي ڏاڍا ايلاز ڪيا تہ ساڻس گڏ ھلي. پر شرم اھڙو بي شرم نڪتو ، جو وڏي ماڻھوءَ کي اِھو چئي ڌتڪاري ڇڏيائين تہ ھو شھر جي ڪمينن ۽ رذيل ماڻھن وٽ ھرگز رھي نٿو سگھي.

*

## ھڪ سينئر رانديگر جي نصيحت

’زندگي کي راند سمجھي کيڏڻ گھرجي ۽ راند کي زندگي، تڏھن اوھان ڪامياب ٿيندءُ!‘

سينئر رانديگر، جونيئر رانديگرن کي سمجھائيندي چيو.

۽ جونيئر رانديگرَ سندس ڪِٽ ڪيپ ۾ پراڻي فِليٽ (راند جي جوتن) کي ڏسي ڪاميابي جي راز کي تلاشيندا رھيا.

*

## اسٽوري بائيٽس يا افسانڙا

ــ مُلڪ ۾ بـاهـ ٿي ٻري

’ڇڏيس، بـاهـ ڏيس، تـنـهنجو ڇا!؟‘

*

ــ بـي پرواهه شخص

ڇا ڪـنـدو، ڪـهڙو اَگـوٺو پـٽيـنـدو!‘

## ٻُڙي اکر ڪهاڻيون

ــ آخر ڪـار دهشت گرد جي مـنـڍي لڌي وئي
..........................................

ــ سچ جي مـنـهن ۾ ڌوڙ
............................................

ــ ڪوڙي جي ڌوڙ وزارت تـائـيـن
...................................

ــ ڪـتـاب لکن ٿا تـــ مـلان ڪـوڙ نـاهن ڳـالـهـائـيـنـدا.
.................................

ـ سچ اهو آهي تہ ڪوڙ ڪامياب آهي.
...............................

# A writer of an individual identity

A writer retains individuality, when he adopts his own style and idiom in his writings. Manzoor Kohyar is among such writers who have maintained their individual identity in diction and style in short stories.

Manzoor Kohyar has dexterously delineated a panorama of different dimensions of human behavior in simple and easy to understand form of writing. He hurls a satire on queer characters without provocation. That is also an apt art of the writer to expose condemnable crimes of the criminals in covert words.

In little story "Sacha koora rishta" (The so called relations) he reveals rapacity of blood relations, brothers and sisters who became bitter and brawl at the property bequeathed by their bachelor brother.

In "Radi kitabcho" (Useless booklet) the writer berates a braggart and short-sighted litterateur who remains in a shallow shell of self glorification and does not acknowledge ability and scholarship of others. In "Biti saza" (Dual punishment) he delineates courtly characters of jaded judges who punish the people to please their patrons and dictators.

In "Shahar andho thi wayo" (the city gone upside-down) he depicts deplorable apathy and insensitivity of modern man who appears indifferent to the suffering of the humble souls.

In "Mal-e-Ganimat" a booty) the writer has drawn discerned delineation of the plight of a helpless widow and her daughters, who like dreaded deer, were attacked unawares by their relatives as if they were voracious wild wolves prompted by bestial lust. It indicates disappearance of worthy values of saving sanctity of woman in villages by villagers who were once known by their rectitude and respect for woman.

In "Sadh" (An upright-man) the writer depicts duplicity of the people who do not let a person lead a peaceful life when he quits crimes, but start persecuting him persistently.

In "The flag of honour" the writer narrates negative role of sponsors, teachers and leaders who exploit and abuse enthusiastic handsome youth that disheartens and dampens the spirit of the budding youth.

In "Dughran man, phathal zindagi" (Lives smarting under sufferings) Mr. Kohyar portrays the persecution of the police inflicted upon the innocent people

whose wherewithal is often snatched by the police. As the police use dacoit factor as an alibi to exact money from the villagers.

In "Jagirdar zehan" (Feudal mind-set) he depicts true colors of aristocrats who maintain their myopic mindset even in mingling with modest mystics.

In "Degree yafta gadah" (degree holder donkey) he likens an idiot scholar with an ass, who does not demonstrate discernment, sober sagacity and erudition, but acts stupidly like a dunce decorated with degrees.

In brief, Mr. Manzoor Kohyar's both short and short-short stories will provide penetrative perceptions to readers to see human behavior through the prism of his pen.

He deserves laudation for his short-short stories which are pregnant with meaningful message for readers who will conform to Coleridge's this point of view.

"A dwarfish whole, its body brevity and wit its soul"

Jam Jamali

House no. 62-B
Sachal Sarmast Township
LARKANA
Cell no. 0307-3474831

# Kohyar, the storyteller

Story-telling, perhaps is as old as the oldest spoken language itself. Ever since humans started using language to share their life experiences, these communications often took the form of stories.

Stories emanate from personal experiences and observations. Needless to say, that a story-teller is an ardent observer of the daily life.

Storytelling has gone through different themes, ever since it took the form of published literature. From Romanticism to Realism, the writers have kept the tradition going. Nathaniel Hawthorne, an early Romanticist, had *history* as an important theme in his tales of love. Hiding away, lessons for the readers in such writings, authors such as Henry James, Nikolai Gogol, Anton Chekhov and Herman Melville paved the way for Realism through their writings. Forced to 'get real', since creativity and imagination were less than appreciated, they still managed to create masterpieces out of the boring, everyday life.

The twentieth century in its early years, gave birth to many a factors that were to change the face of the world. Industrialization, rapid transportation, First World War, mass communication, the studies of Sigmund Freud, Darwin and Marx and the rapid advancement of science and technology, created the most confusing periods of human history. This is what brought to us, what we call today the modern history or the trend of modernism. The modern short story reflected the tensions and transformations of this confusing period. Writers began to experiment with the traditional form of writing and challenged the readers' preconceived notions of value and order. Ernest Hemingway, Scott Fitzgerald, William Faulkner and Djuna Barnes were a few of the modernist writers.

After the Second World War, a general sense of depression and hopelessness prevailed. Having witnessed the cruelty, the destruction and inhumanity, writings too became estranged. Post-modern fiction tends to use irony, contradiction, surrealism and absurdity, reflecting reality in a disjointed and dangerous manner, if at all.
Come the 1970's and 1980's, a new mode of writing known as minimalism became very popular. Minimalism presents a bare, simplified version of some event, insisting that the reader imagine the rest of the circumstances and their probable impact. It is characterized by ordinary subject matter and straightforward narratives. It is, in a way, an attempt to reflect upon the growing complexities of the world without trying to explain the presented reality to the reader.
Over the past decade, short stories have taken many forms and no longer follow a general theme as opposed to early times. Writing styles such as Micro Fiction, Flash Fiction, the Short Short-Story, Sudden Fiction and Fast Fiction have come into existence.
Sindhi Short Story too has been affected by most if not all of the above factors. Writers have embraced the different styles, whether consciously or not.
Manzoor Kohyar's stories span from the traditional diction to minimalism and everything in between. This book in particular is an amalgamation of his life experiences and observations. He shows the cultural objectivity in stories, 'Sachaa koorra Rishta' (So called Relations), 'Maal e Ghaneemat' (Booty), 'Saadh' (Saint) and 'tyon subub' (the 3rd reason).
He goes on to show the subjectivity of life, the human emotions, and paints nostalgia in 'Sachi aen Lajawab Kahanni' (the true story), 'Dojhiran men phaathal zindagi' (life of misery) and more.
His commentary on the prevailing socio-political condition comes to life in 'Raj-karth' (the kingmakers) and others.
He has also included in this book some of his Sufi Stories, presenting collective wisdom and pluralism.
He ventures into satire and social and technological realism in 'Doctrate' (Doctorate), 'Syaasat' (Politics), 'Showbiz jo maanho' (the show-man) to name a few.
His unique style of writing is unmistakable in all of his stories. He uses it to successfully convey the story, making the user experience the situation rather than just read through.
This being his third book of short stories, is a roaring reply to the fraction of the literary community that believes the short story to be dead. While the oral storytelling will never die as long as humans continue to communicate, Kohyar's stories are a proof that the written Sindhi short story lives on.

**Balach Hussain**
**Thursday, January 08, 2009.**